سال (18) چنڇر 18 آڪٽوبر 2025ع 24 ربيع الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (26)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) چنڇر 18 آڪٽوبر 2025ع 24 ربيع الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (64)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Saturday 18th October 2025
سال (18) چنڇر 18 آڪٽوبر 2025ع 24 ربيع الثاني 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (26)
Daily Ibrat Hyderabad Saturday 18th October 2025

اتر وزيرستان، مير علي ۽ لڪي مروت ۾ فورسز جون ڪارروايون، وڌيڪ 18 ڀارتي حمايتي دهشتگرد مارجي ويا

لڪي مروت جي علائقي سلطان خيل ۾ سيڪيورٽي فورسز وڏي ڪامياب ڪارروائي ڪندي 8 خوارجي دهشتگردن کي ماري ڇڏيو، 4 ڏينهن ۾ افغان طالبان طرفان موڪليل 102 خوارجي مارجي چڪا

علائقي ۾ افغان طالبان جي پراڪسي خوارجين جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي، فورسز سلطان خيل ۽ طوفان ويلا علائقن ۾ فضائي ۽ زميني نگراني شروع ڪئي: سيڪيورٽي عملدار

آپريشن دوران دهشتگردن جي قبضي مان وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ بارود هٿ آيو، اتر وزيرستان جي علائقي دته خيل ۾ ڪارروائي، 6 خوارجي مارجي ويا، خوارجين جي ڇڙيو جي نشاندهي لٿڻ تي فوري ڪارروائي ٿي

اتر وزيرستان جي علائقي ٽنگ ڪلي (دته خيل) ۾ سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪيو، سيڪيورٽي فورسز کي پرياسي جي علائقن ۾ دهشتگردن جي ڇڙيو جو ڳجهو اطلاع مليو هو

مارجي ويل دهشتگردن ۾ فتنه الخوارج جو ڪمانڊر محبوب عرف محمد به شامل، ڪارروائي علائقي ۾ امن دشمن ڌرين خلاف جاري آپريشن جو حصو آهي، دهشتگردي جي ناسور کي پاڙان پٽي اڇلائڻ لاءِ پرعزم آهيون: سيڪيورٽي عملدار

فتنه الخوارج گلشيءَ کي بلجوڙ ۾ ڪنهن سول آباديءَ ۾ رهجي نمليڪي سان اڏائڻ هو، سيڪيورٽي فورسز گلشي تباهه ڪري ڇڏي، سيڪيورٽي فورسز ۽ عوام جو ڪنهن به قسم جو ڪو نقصان نه ٿيو

راولپنڊي (اي پي پي) لڪي مروت جي علائقي سلطان خيل ۾ سيڪيورٽي فورسز وڏي ڪامياب ڪارروائي ڪندي 8 خوارجي دهشتگردن کي ماري ڇڏيو گڏريل 4 ڏينهن ۾ افغان طالبان طرفان موڪليل 102 خوارجي مارجي چڪا آهن خبر موجب 16 آڪٽوبر تي لڪي مروت جي علائقي سلطان خيل ۾ پاڪ فوج ڳجهي اطلاع جي بنياد تي هڪ ڪامياب ڪارروائي ڪندي 8 انتهائي گهربل خوارجين کي ماري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن موجب علائقي ۾ افغان طالبان جي پراڪسي خوارجين جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

عوام ٽي ايل پي ۽ تحريڪ انصاف جي احتجاج جو سڏ رد ڪري ڇڏيو آهي: وفاقي حڪومت

سڄي ملڪ ۾ ڪاروبار ۽ زندگي رواں دواں آهي، وزيراعليٰ ڪي پي ڪي اجلاس ۾ ورهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تي يقين نه ٿو رکي

سڄي ملڪ ۾ گذريل ڏينهن زندگي جو ڪاروهنوار معمول موجب رهيو رستن تي رش ۽ ڪهماڪهمي، بازار ۽ مارڪيٽون کليل رهيون

پاڪستانين کي سڄي دنيا ۾ تمام گهڻي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي، پاڪستان جا شهري جتي رهن ٿا انهن جي عزت ۽ احترام ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته عوام ٽي ايل پي ۽ تحريڪ انصاف جي احتجاج جي ڪال رد ڪري ڇڏي آهي جي مقصد احتجاج جي ڪالز جو اهو ئي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو رجحان

باڪو (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ جمعي ڏينهن ڪچي تيل جي قيمتن ۾
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري سان يو اي اي لاءِ مقرر پاڪستان جي سفير شفقت علي خان جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو صوبائي حڪومتن کي پاڪستان ۾ غيرقانوني رهندڙ افغانين کي جلد واپس موڪلڻ جو حڪم

وزيراعظم جي صدارت ۾ افغان پناهگيرن جي وطن واپسي جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، وفاقي وزيرن، صوبن جا وڏا وزير ۽ اعليٰ عملدار شريڪ

اجلاس ۾ خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي عدم شرڪت جي ڪري ان جي نمائندگي مزمل اسلم ڪئي، ڪي پي ڪي حڪومت سان هر قسم جي تعاون لاءِ تيار آهيون: وزيراعظم

افغانستان جي سرزمين تان پاڪستان تي دهشتگرد حملا ۽ افغانين جو انهن حملن ۾ ملوث هجڻ ڳڻتي جوڳو آهي، اهڙي عمل کي روڪڻ لاءِ افغانين جي وطن واپسي ضروري آهي: شهباز شريف

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي پيارن جون قربانيون ڏيندڙ پاڪستان جي بهادر عوام، اسان ڪنهن سوال ڪري ٿي ته حڪومت ڪيستائين افغان پناهگيرن جو بار ڪنڊي، پاڪ فوج ملڪ جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي

پاڪستان ۾ وڌندڙ دهشتگردي تي ڳڻتي آهي، سمورين صوبائي حڪومتن، وفاقي ۽ صوبائي ادارا ويجهي تعاون سان پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي موجود افغانين جي جلد کان جلد وطن واپسي يقيني بڻائين

چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج ڀارتي جارحيت دوران اهو ثابت ڪري چڪي آهي ته اسان جي بهادر فوج پنهنجي پيشهوراڻي صلاحيتن سان ملڪ جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي

16 آڪٽوبر 2025ع تائين 14 لک 77 هزار 592 افغانين کي واپس موڪليو ويو آهي، افغان پناهگيرن کي ڪنهن به قسم جي اضافي مهلت نه ڏني ويندي ۽ انهن جي وطن واپسي جلد يقيني بڻائي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سمورين صوبائي حڪومتن، وفاقي ۽ صوبائي ادارن کي پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي موجود افغانين جي جلد کان جلد وطن واپسي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته افغانستان جي سرزمين تان پاڪستان تي دهشتگرد حملا ۽ افغانين جو انهن حملن ۾ ملوث هجڻ ڳڻتي جوڳو آهي، دهشتگردي جي جنگ ۾
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف افغان پناهگيرن جي واپسي بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

افغان طالبان ۽ فتنه الهندستان ڀارت پاڪ - افغان سرحد تي بنا جواز جارحيت تي ڳڻتي آهي: پاڪستان

اهڙي طرح جي اشتعال انگيز ڪارروايون جو مقصد پاڪستان - افغانستان سرحد کي غيرمستحڪم ڪرڻ آهي

اسٽرڪچر پاڪستان جي خلاف دهشتگرد حملن جي منصوبابندي ۽ سهولتڪاري جي لاءِ استعمال ڪيو ويو هو

پاڪستان افغانستان ۾ دهشتگرد عنصرن جي موجودگي تان ڌيان هٽائڻ لاءِ ڀارت ۾ عبوري افغان پرڏيهي وزير جي دعوائن کي رد ڪيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان 11 ۽ 12 آڪٽوبر ۽ پوءِ 14 ۽ 15 آڪٽوبر جي وچ واري رات افغان طالبان فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان ڀارت پاڪ - افغان سرحد تي بنا جواز جارحيت تي گهري ڳڻتي ظاهر ڪئي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪارساز جي شهيدن جون جمهوريت لاءِ ڏنل قربانيون پاڪستان جي تاريخ جو روشن باب آهن: بلاول ڀٽو

18 آڪٽوبر 2007ع اهو ڏينهن آهي جيڪو هميشه لاءِ قوم جي روح تي نقش ٿي چڪو آهي

آمريت ۽ دهشتگردي گڏجي شهيد بينظير ڀٽو جي قافلي تي دهشتگرداڻو حملو ڪيو هو

شهيد بينظير ڀٽو جي حفاظت لاءِ 180 بهادر جيالن پنهنجيون جانيون قربان ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سانحي ڪارساز جي شهيدن جي 18هين ورسي جي موقعي تي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته انهن جو ناقابل شڪست حوصلو غير متزلزل وفاداري ۽ جمهوريت لاءِ ڏنل قربانيون پاڪستان جي تاريخ جو روشن باب آهن. بلاول ڀٽو زرداري
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڀارت جي والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي جوابده بڻايو وڃي: گڏيل قومن ۾ مطالبو

ڀارت 7 ڏهاڪن کان ڪشميري عوام کي سندن خودمختياري وارو حق ڏيڻ کان انڪاري آهي: عثمان جدون

اجتماعي سزا طور سمورن ڀارتين ۽ پهراڙين کي ڊاٽو ويو، مذهبي آزادي ۽ اظهار راءِ جي آزادي تي به سخت پابندين لاڳو ڪيون ويون

پاڪستان تشدد جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي ۽ عالمي سطح تي عدم تشدد جي نظامن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندو رهندو

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي ٽئين ڪميٽي جي اجلاس دوران پاڪستاني نمائندي ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل جموں
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪابل جا حڪمران ڀارت جي هٿ ۾ ويهي پاڪستان خلاف سازشون ڪن ٿا: وزير دفاع

هاڻي افغانستان ڀارت جي پراڪسي بڻجي ويو آهي، دهشتگرديءَ جي جنگ ڀارت، افغانستان ۽ ٽي ٽي پي گڏجي پاڪستان تي مڙهي آهي

پاڪستان هاڻي ڪابل سان لاڳاپا ماضي وانگر برداشت نٿو ڪري سگهي، سڀ افغاني پنهنجي وطن واپس وڃن

افغانستان کي پاڪستان سان پاڙيسرين وانگر رهڻو پوندو، اسان جي زمين ۽ وسيلن تي 25 ڪروڙ پاڪستانين جو حق آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بجاءِ واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته هاڻي افغانستان ڀارت جي پراڪسي بڻجي ويو آهي دهشتگرديءَ جي اها جنگ ڀارت، افغانستان ۽ ٽي ٽي پي گڏجي پاڪستان تي مڙهي آهي خواجه آصف چيو ته ڪابل جا حڪمران ڀارت جي هٿ ۾ ويهي پاڪستان خلاف سازشون ڪري رهيا آهن
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين خلاف جنگ جاري رهندي: وزيراعظم

وزيراعظم پاران مير علي ۾ دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائڻ تي جوانن کي شاباس

دشمن جي پاڪستان جي حوالي سان ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائيندا رهنداسين: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

افغان طالبان حڪومت جي درخواست تي عارضي جنگ بندي ۾ واڌ

عارضي جنگ بندي کي دوحا ۾ جاري ڳالهين جي پڄاڻي تائين وڌايو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير حنيف عباسي پاران مير علي ۾ خوارجين جا ناپاڪ ارادا مٽيءَ ۾ ملائڻ تي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

چيلهار: گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪانٽيو ۾ منعقد سيمينار ۾ ٻارن کي ٽرافيون ڏنيون پيون وڃن

اسلام ڪوٽ پرسان اوچتو باهه لڳڻ سبب پورهيت جو گهر سڙي رک

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڪاڪٽيهار بجير ۾ پيل پاڙي ۾ اوچتو
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي اقتصادي ترقي جي شرح 3.5 ڪان وڌي 4 سيڪڙو تائين رهڻ جو امڪان

پاڪستان موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيل خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي: وفاقي وزير محمد اورنگزيب

موسمياتي تبديلي حقيقي خطرو آهي، ان کي منهن ڏئي رهيا آهيون، هاڻوڪي ٻوڏ مان ان جي عڪاسي ٿئي ٿي

250 ملين ڊالرن جا شروعاتي بانڊز جاري ڪرڻ جو مقصد فنڊنگ جي ذريعن کي متنوع بڻائڻ آهي: ناڻي وارو وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته هلندڙ مالي سال دوران پاڪستان جي اقتصادي ترقي جي شرح 3.5 کان وڌي 4 سيڪڙو تائين رهڻ جو امڪان آهي. پاڪستان موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيل خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي هن
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف جيو سائنس ايڊوانسڊ ريسرچ ليبارٽريز جي اپ گريڊيشن جو افتتاح ڪري رهيو آهي (GARL)

اسلام آباد: وفاقي وزير اورنگزيب چيني جي صلاحڪار چن پينگ معاهدي تي صحيحون ڪندي

سنڌ حڪومت عوامي ڀلائي، سماجي انصاف ۽ پائيدار ترقي لاءِ پرعزم آهي: وڏو وزير

معيشت جي بهتريءَ سان گڏ عزت نفس، انصاف ۽ انساني وقار سان غربت جو خاتمو لازمي آهي

صوبائي حڪومت تعليم، صحت ۽ روزگار وسيلي غربت جي خاتمي لاءِ گڏيل رٿا بندي تي عمل ڪري پئي

اسان جا ڪيترائي پروگرام ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان غربت گهٽائڻ ۾ اهم ثابت ٿيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه غربت جي خاتمي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌس پيغام ۾ چيو آهي ته سنڌ حڪومت عوامي ڀلائي، سماجي انصاف ۽ پائيدار ترقي لاءِ
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪٽڪ جي پوڪ لاءِ بينظير هاري ڪارڊ پروگرام تحت 55.9 ارب رپيا خرچ ڪندي: شرجيل ميمڻ

هن منصوبي ۾ شروعاتي طور تي چار لک هارين کي هاري ڪارڊ پروگرام ۾ شامل ڪيو پيو وڃي

رجسٽريشن شروع ٿي چڪي آهي، هاري سڃاڻپ ڪارڊ يا زمين جو رڪارڊ ڏيکاري رجسٽريشن ڪرائين

هن قدم جو مقصد هارين جي رڳو مالي مدد ڪرڻ نه، پر کين باعزت طريقي سان پاڻپرو بڻائڻ آهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪٽڪ جي پوڪ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ بينظير هاري
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

حڪومت غربت جي خاتمي لاءِ قدم کڻي رهي آهي: احسن اقبال

پائيدار ترقي، سماجي انصاف ۽ خوشحاليءَ لاءِ جامع رٿابندي تيار ڪئي آهي

معيشت ۾ پيداوار، روانگي واپار ۽ روزگار جي موقعن ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته حڪومت
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين جي اڄ 18 آڪٽوبر تي ڪارساز سانحي جي ياد ۾ تقريبون ڪرائڻ جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ (اڄ) 18 آڪٽوبر تي ڪارساز سانحي جي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

مملڪتي وزير بلال اظهر سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

گڏيل دلچسپي جي معاملن سميت پاڪستان جي ميڪرو اقتصادي ترقي تي به ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني سان پاڪستان ۾ برطانيا جي هاءِ ڪمشنر جين
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

يقين آهي ته يوڪرين تڪرار حل ٿي ويندو: آمريڪي نائب صدر

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي ته روس ۽ يوڪرين في الحال امن معاهدي تي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

چام ڪمال جي آفريقي يونين ڪميشن جي چيئرپرسن سان ملاقات

ملاقات ميڊ ان پاڪستان سنگل ڪنٽري ايگزيبيشن جي موقعي تي ڪئي وئي

خوراڪ، زراعت، آءِ ٽي، هيومن ريسورس ڊولپمينٽ ۾ سهڪار جون تجويزون پيش

عديس ابابا (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير چام ڪمال خان سان آفريقي يونين ڪميشن جي چيئرپرسن محمود علي يوسف
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير سردار يوسف سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

انتهاپسندي جي خاتمي ۽ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سهڪار تي اتفاق

اسان کي پنهنجي شاندار روايتن ۽ ثقافتي ورثي تي تمام گهڻو فخر آهي: سردار يوسف

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف سان ڪالهه برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران جيولوجيڪل سروي آف پاڪستان جي اپ گريڊ ٿيل جيو سائنس ايڊوانسڊ ريسرچ ليبارٽريز جو افتتاح

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جيولوجيڪل سروي آف پاڪستان جي اپ گريڊ ٿيل جيو سائنس
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت هر مذهب، برادري ۽ طبقي جي خوشين ۾ برابر جي شريڪ آهي: شام سندر آڏواڻي

ڪراچي ۾ ديوالي جي موقعي تي 250 هندو خاندانن ۾ مالي امداد جا چيڪ ورهايا ويا

صوبائي حڪومت جو مقصد اقليتي برادري جي زندگيءَ ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران ديوالي جي خوشيءَ جي موقعي تي 250 هندو خاندانن ۾ مالي امداد جا چيڪ ورهائڻ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پرائيويٽ حج اسڪيم 2026ع لاءِ بڪنگ جي تاريخ ۾ 22 آڪٽوبر تائين واڌ

مذهبي معاملن واري سيڪريٽري جي منظوري سان بڪنگ جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي: ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وزارت پرائيويٽ حج اسڪيم 2026ع لاءِ بڪنگ جي تاريخ ۾ 22 آڪٽوبر تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي گذريل ڏينهن مذهبي معاملن واري ترجمان موجب وزارت تاريخ ۾
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير سردار محمد يوسف برطانوي هاءِ ڪمشنر سان ملاقات ڪندي

لاهور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت عليمه خان ۽ عظميٰ خان جي عبوري ضمانت ۾ واڌ ڪري ڇڏي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت 5 آڪٽوبر تي لاهور ۾ پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران پوليس تي تشدد جي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڊينگي ۽ مليريا کان بچاءَ جي مهم شروع ڪئي وئي آهي: عذرا پيچوهو

ڊينگي ۽ مليريا جي روڪٿام لاءِ حڪومت جي سموري مشينري کي متحرڪ ڪيو ويو آهي

هر ضلعي ۾ روزاني بنيادن تي اسپري، فوگنگ ۽ آگاهي پروگرام يقيني بڻايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت ۽ آبادي جي ڀلائي واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جي هدايتن تي ڊينگي ۽ مليريا
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

بن قاسم ۾ گهاري واسي عورت جو پنهنجي ٻارڙن سان گڏ مڙس خلاف احتجاج

بن قاسم (ن ع) گهاري واسي انيسا جوکيو جو پنهنجي ٻارڙن 5 سالن جي علي حسن 9 سالن جي شهزادي ۽ 7 سالن جي مير
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ سامسن گروپ جي ايڊوائزري بورڊ ميمبرن سان ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ پوليس جو ڪومبنگ ۽ سرچ آپريشن، غير قانوني رهندڙ 15 افغاني گرفتار

سهراب ڳوٺ جي مختلف علائقن ۾ آپريشن دوران داخلي ۽ خارجي رستن کي سيل ڪيو ويو

بايوميٽرڪ سرچ ڊوائيسز ذريعي ڪيترن ئي شڪي ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ تصديق پڻ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پوليس سهراب ڳوٺ جي مختلف علائقن ۾ ڪومبنگ ۽ سرچ آپريشن ڪيو ۽ غير قانوني طور تي رهائش
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جي قومي سلامتي واري اڳوڻي صلاحڪار جان بولٽن تي فرد جرم لاڳو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي حڪومتي دور ۾ قومي سلامتي جو صلاحڪار رهندڙ جان بولٽن تي فرد
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي علائقي گارڊن ۾ گهر مان هڪ شخص جو قاهر لڳل لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گارڊن ۾ هڪ گهر مان ڦاهو لڳل لاش مليو، ايس ايڇ او گارڊن حنيف سيال موجب عظيم پلازا
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت صوبي جي جيلن کي اصلاح گهرن ۾ تبديل ڪندي: علي حسن زرداري

صوبائي وزير سينٽرل جيل ڪراچي جو اوچتو دورو ڪري مختلف شعبن جو معائنو ڪيو

اسپتال ۾ علاج هيٺ قيدين جي عيادت ۽ قيدين سان ملڻ لاءِ آيل وارثن ۽ ملاقات پڻ ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ واپاري برادري پاران گئس جي بلن جي وڌندڙ شرح خلاف احتجاج

جيڪڏهن 20 آڪٽوبر تائين مسئلو حل نه ڪيو ته سخت لائحه عمل جوڙيو ويندو: اڳواڻ

بل جمع نه ڪرائڻ، ڪمنون بند ڪرڻ ۽ عدالت سان رابطو ڪرڻ جهڙا قدم کڻنداسين: ڇناءُ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) واپارين حڪومت کي الٽيميٽم ڏنو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن 20 آڪٽوبر تائين مسئلو
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي جيلن ۾ 12 هزار جي گنجائش جي مقابلي ۾ 28 هزار قيدي آهن: آءِ جي جيل

ملير جيل جو ٿڌڻ اسان جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي هو، سيڪيورٽي سسٽم مضبوط ڪيو پيو وڃي

هاڻي قيدين جي نگراني سي سي ٽي وي ۽ فنگر پرنٽ سسٽم ذريعي ڪئي ويندي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي جيل فدا حسين مستوئي چيو آهي ته سنڌ جي جيلن ۾ 12 هزار قيدين جي گنجائش جي مقابلي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ فردوس شميم نقوي کي گرفتار نه ڪرڻ واري حڪم ۾ واڌ ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايف آءِ اي عملدارن ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي رهائشي عمارت ۾ زوردار ڌماڪو، هڪ ڄڻو فوت ۽ 3 ڄڻا زخمي

ايوب ڳوٺ راڄپر محلي ۾ ڌماڪي سبب نوجوان عرفان ولد غلام اظهر فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس، رينجرز ۽ ريسڪيو ٽيمون موقعي تي پهچي عمارت کي گهيري ۾ ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ايوب ڳوٺ راڄپر محلي ۾ هڪ رهائشي عمارت ۾ زوردار ڌماڪو ٿيڻ جنهن سبب
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جهيڙي دوران نشي جي عادي شخص پنهنجي سالي کي قتل ڪري ڇڏيو

ڪورنگي ۾ جهيڙي دوران مٽي تي ڳري شيءِ سان وار ڪرڻ سبب اسلم قتل ٿي ويو

پوليس موقعي تي پهچي قتل ۾ ملوث جوابدار محمد علي کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي نمبر 5 فيملي پارڪ جي ويجهو جهيڙي دوران هڪ شخص جي مٿي تي ڳري شيءِ سان وار
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

سروري جماعت جو بنيادي مشن روحانيت، خدمت ۽ اتحاد آهي: سعيد الزمان "عاطف"

ڪارڪنن جي ذميواري آهي ته هو سروري روايتن فڪر ۽ تعليمات کي عام ماڻهن تائين پهچائين

جام شورو (پ ر) سروري تنظيم جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" سڄي سنڌ مان وڏي تعداد ۾ آيل سروري
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ بيروزگار نوجوان جو ٻارڙن سان گڏجي سرڪاري نوڪري ۽ مالي مدد لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر پاڙي جي رهواسي بيروزگار نوجوان پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

بن قاسم ۾ مڙس ۽ ساهرن خلاف عورت جو احتجاج، صوبائي وزير شاهينه شير علي نوٽيس ورتو، ڪيس داخل

بن قاسم (ن ع) صوبائي وزير شاهينه شير علي شاهه ڪاٺوڙ ۾ مڙس ۽ ساهرن جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت جون ڪوششون جاري آهن: گيانچند ايسراڻي

صوبائي صلاحڪار ڪراچي ۾ پي ڊي ايم اي سنڌ جي ويئرهائوس جو دورو ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلاول ڀٽو جي ويزن
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ مان تيل ۽ گئس جا نوان ذخيرا ڪاميابي سان دريافت ڪيا ويا: ماڙي انرجيز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماڙي انرجيز لميٽيڊ پاران اسٽاڪ ايڪسچينج کي موڪليل خط ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ جي علائقي ماڙي
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سپر هاءِ وي تي نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي تي جمالي پل لڳ خانگي ريسٽورنٽ جي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحييٰ آفريدي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ۾ ٻن مبينا پوليس مقابلن ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو ۽ ٻه جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪورنگي مقابلي دوران گرفتار ڪيل نور الاسلام عرف سوميا اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو

ماڊل ڪالوني علائقي ۾ پوليس مقابلي ڪانپوءِ ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان ٻه پسٽول، نقد رقم، موبائل فون ۽ هڪ هاءِ روف گاڏي هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾ ٻن مبينا مقابلن ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو ۽ ٻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن کان هٿيار موبائل فون نقد رقم ۽ هڪ گاڏي پڻ هٿ ڪئي وئي ڀڄي ويو پهريون مقابلو ڪورنگي جي سيڪٽر
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

18 آڪٽوبر ۽ 27 ڊسمبر جا سانحا هڪ ئي سازش جي ڪڙي هئا: نثار کهڙو

پيپلزپارٽي "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جو نعرو هڻي جمهوريت جو تسلسل قائم رکيو

ڪارساز سانحي وقت دشمن جو بند ڪيون وين هيون، اڳوڻي وزيراعليٰ ارباب رحيم ڪان بچا ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته 18 آڪٽوبر ۽ 27 ڊسمبر جا سانحا هڪ ئي سازش جي ڪڙي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت جي پاڪستان جي معاشي درجابنديءَ ۾ بهتري جي دعويٰ

ريٽنگ ايجنسين جي درجابندي ۾ بهتري سڌارن واري ايجنڊا تي عالمي اعتماد جي عڪاسي قرار

ملڪ ۾ سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول ۽ موقعا موجود آهن: ناڻي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب

واشنگٽن (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته بهتر معاشي نظم و ضبط، مالياتي ۽ پرڏيهي استحڪام ۽ سڌارن لاءِ اٿارٽين قدمن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي معيشت ۾ بهتري آئي آهي ملڪ ۾ سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول ۽ موقعا موجود آهن آءِ ايم ايف سان اسٽاف سطح جا معاهدا ۽ عالمي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻه لاش مليا، ٽرين جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت

هجرت ڪالوني ۾ ريل گاڏي جي ٽڪر سبب 33 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

ڏنبا ڳوٺ ۽ ذڪريا ڳوٺ مان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا، هڪ جي سڃاڻپ سليم نالي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻن لاش مليا سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا سلطان آباد جي علائقي هجرت ڪالوني ريلوي ٽريڪ تي ريل گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 33 سالن جو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ لالورائنڊ واسي پيرسن عورت جو پوٽن سان گڏجي مڙس ۽ بااثر ماڻهن خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ لالورائنڊ جي ڳوٺ بوهڙ هيليان جي رهواسي پيرسن عورت پنهنجي پوٽن سان گڏجي مڙس ۽ بااثر ماڻهن خلاف پريس
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو گهرڀاتين سان گڏجي موروثي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي جي ڳوٺ چنو ڪلهوڙو جي رهواسي پورهيت پنهنجي گهرڀاتين سان گڏجي موروثي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي جيل فدا حسين مستوئي ليپ ٽاپ ڏئي رهيو آهي

اسلام آباد: گورنر ڪي پي ڪي فيصل ڪريم تقريب جي افتتاح بعد خطاب ڪندي

بقايا 1 حڪمر

پنهنجي پيارن جون قربانيون ڏيندڙ پاڪستان جي بهادر عوام اسان کان سوال ڪري ٿي ته حڪومت ڪيستائين افغان پناهگيرن جو بار کڻندي، افغانستان جي حملن کي ناڪام بڻائڻ تي پوري قوم پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي، اسان جي بهادر فوج ملڪ جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي. ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ افغان پناهگيرن جي وطن واپسي جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، وفاقي وزيرن آزاد جموں ۽ ڪشمير جي وزيراعظم پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ گلگت بلتستان جي وڏن وزيرن، خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي نمائندي ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن جي آجيان ڪندي چيو ته هن گڏيل ڏينهن خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، کيس مبارڪباد ڏني ۽ وفاق پاران هر قسم جي تعاون جي خاطري ڪرائي. خيبرپختونخواهه وفاق جي هڪ اهم ذر آهي، وفاقي حڪومت ان جي عوام جي ڀلائي ۽ ترقي جي لاءِ صوبائي حڪومت سان هر قسم جي تعاون جي لاءِ تيار آهي اجلاس ۾ خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي عدم شرڪت جي ڪري ان جي نمائندگي مزمل اسلم ڪئي. وزيراعظم چيو ته ڏهاڪن کان مشڪلاتن ۾ ورتل افغانستان جي پاڪستان هر مشڪل وقت ۾ مدد ڪئي. پاڪستان دهشتگردي جي جنگ ۾ هزارين قيمتي جانيون ۽ اربين ڊالر جو معاشي نقصان کنيو وزيراعظم افغانستان جي سرزمين تان پاڪستان تي دهشتگرد حملن ۽ افغانين جي انهن حملن ۾ ملوث هجڻ کي ڳڻتي جوڳو قرار ڏيندي چيو ته نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير، دفاع وارو وفاقي وزير ۽ اعليٰ حڪومتي عهديدار ڪيترائي ڀيرا افغانستان جي دوري تي ويا ۽ افغان نگران حڪومت سان پاڪستان ۾ دهشتگردي جي لاءِ افغان سرزمين جي استعمال کي روڪڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. پاڪستان افغانستان مان پاڪستان ۾ خوارج جي دراندازي کي روڪڻ جي سفارتي ۽ سياسي قدمن جي ذريعي ڀرپور ڪوشش ڪئي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي بهادر عوام جن دهشتگردي جي جنگ ۾ پنهنجي پيارن جون قربانيون ڏنيون اسان کان سوال ڪن ٿا ته حڪومت ڪيستائين افغان پناهگيرن جو بار کڻندي وزيراعظم هدايت ڪئي ته سمورين صوبائي حڪومتون وفاقي ۽ صوبائي ادارا ويجهي تعاون سان پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي موجود افغانين جي جلد کان جلد وطن واپسي يقيني بڻائين هن چيو ته افغانستان جو پاڪستان تي تازو حملو ۽ خوارج جي پاڪستان ۾ دراندازي جي ڪوشش جو ساٿ ڏيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي، پاڪستان جي بهادر فوج ان حملي جو ڀرپور انداز ۾ جواب ڏنو چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج افغانستان جي حملن کي ناڪام بڻايو جنهن تي مون سميت پوري قوم کيس خراج تحسين پيش ڪري ٿي هن چيو ته چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج پاران جارحيت جي دوران اهو ثابت ڪري چڪي آهي ته اسان جي بهادر فوج پنهنجي پيشيوارانه صلاحيتن سان ملڪ جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي.

بقايا 2 پاڪستان

آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان شفقت علي خان ڪالهه جمعي ڏينهن پريس بريفنگ ۾ چيو ته اهڙي طرح جي اشتعال انگيز ڪاروائين جو مقصد پاڪستان - افغانستان سرحد کي غيرمستحڪم ڪرڻ ۽ ٻنهي پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ پرامن پاڙيسريت ۽ تعاون جي بدلي لاڳاپن جي مجموعي روح کان انڪار ڪرڻ آهي. هن چيو ته پاڪستان پنهنجي دفاع جي حق جو استعمال ڪندي نه رڳو سرحد تي حملن کي موثر طريقي سان ناڪام بڻايو پر افغان سرزمين تان ڪاروايون ڪندڙ طالبان فورسز ۽ ان سان واڳيل دهشتگرد گروهن کي پڻ جاني، مادي ۽ بنيادي ڍانچي جي لحاظ کان وڏو نقصان پهچايو ترجمان چيو ته اهو انفراسٽرڪچر پاڪستان جي خلاف دهشتگرد حملن جي منصوبابندي ۽ سهولتڪاري جي لاءِ استعمال ڪيو ويو هو. هن چيو ته اسان جو هدف ۽ صحيح دفاعي ردعمل افغان شهري آبادي کي نشانو بڻائڻ نه هو طالبان فورسز جي ابتڙ اسان شهرين جي جانين جي زيان کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي دفاعي ردعمل ۾ انتهائي احتياط ڪيو. ترجمان چيو ته طالبان حڪومت جي درخواست تي ۽ گڏيل رضامندي سان پاڪستان حڪومت ۽ افغان طالبان حڪومت عارضي جنگبندي تي عملدرآمد جو فيصلو ڪيو جيڪو 15 آڪٽوبر جي شام 6 وڳي کان لاڳو ٿيو ۽ اهو 48 ڪلاڪن تائين جاري رهندو ترجمان چيو ته ان عرصي دوران ٻئي ڌريون تعميري ڳالهه ٻولهه جي ذريعي هن ڏکئي پر حل جوڳي مسئلي جو مثبت حل ڳولڻ جون مخلصاڻيون ڪوششون ڪري رهيون آهن ترجمان چيو ته پاڪستان ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ۽ افغانستان سان گڏيل طور تي لاڀائتن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو پاڪستان حڪومت انهن ڳالهين جي صورتحال تي گهري نظر رکي آهي ۽ اها پنهنجي سرزمين ۽ ساڻهن جي جانين جي تحفظ جي لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي هن چيو ته پاڪستان افغانستان ۾ دهشتگرد عنصرن جي موجودگي تان ڌيان هٽائڻ جي لاءِ ڀارت ۾ عبوري افغان پرڏيهي وزير جي دعوائن کي سختي سان رد ڪيو آهي اهڙي بي بنياد دعويٰ ڪري طالبان حڪومت علائقائي امن ۽ استحڪام جي حوالي سان پنهنجي ذميوارين کان پاڻ کي آزاد نه ٿي ڪري سگهي هن چيو ته افغان سرزمين تي دهشتگرد عنصرن جي مسلسل موجودگي بشمول گڏيل قومن جي مانيٽرنگ ٽيم جي رپورٽن ۽ افغانستان ۾ انهن جي سرگرمين جي آزادي کي چڱي طرح سان دستاويزي شڪل ڏني وئي آهي. ترجمان چيو ته دهشتگردي جي خلاف جنگ هڪ گڏيل مقصد آهي.

بقايا 3 گڏيل قومن ۾ مطالبو

ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين کي اجاگر ڪندي عالمي اداري کان مطالبو ڪيو آهي ته ڀارت کي عالمي قانون جي ڀڃڪڙين تي جوابده بڻايو وڃي. پاڪستان جي وقتي مستقل نمائندي سفير عثمان جدون گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر سان گڏ انٽر ايڪٽو ڊائيلاگ دوران چيو ته ڀارت 7 ڏهاڪن کان ڪشميري عوام کي سندن خودمختياري وارو حق ڏيڻ کان انڪاري آهي جيڪو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ڪيترين ئي قراردادن جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي. هن چيو ته 5 آگسٽ 2019ع کانپوءِ ڀارت ڪشميري سياسي قيادت کي قيد ۾ رکيو آهي انهن تي تشدد ڪيو پيو وڃي، سوين ڪشميري نوجوانن جو عدالت کان ماورا قتل ڪيو ويو عورتن سان جنسي زيادتي کي جنگي هٿيار طور استعمال ڪيو ويو پرامن احتجاج کي طاقت سان ڪچليو ويو ۽ پيلٽ گنز جي استعمال سان ٻارن کي نور کان محروم ڪيو ويو پاڪستاني سفير چيو ته اجتماعي سزا طور سمورن پاڙن ۽ ٻهراڙين کي ڊاٺو ويو مذهبي آزادي ۽ اظهار راءِ جي آزادي تي به سخت پابنديون لاڳو ڪيون ويون هن گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر جي 2018 ۽ 2019ع جي رپورٽن جو حوالو ڏيندي مطالبو ڪيو ته هڪ تازي رپورٽ جاري ڪئي وڃي جيڪا موجوده صورتحال جي درست عڪاسي ڪري. هن چيو ته ڀارت کي انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي جوابده نه بڻائڻ گڏيل قومن جي انساني حقن جي نظام جي ساک کي نقصان پهچائي رهيو آهي. ان ڪميٽي جي هڪ ٻي سيشن ۾ پاڪستاني مشن جي قونصلر صائمه سليم تشدد خلاف خصوصي نمائندي سان بحث دوران ڀارت ۾ رياستي ۽ غير رياستي ڌرين طرفان تشدد جي وڌندڙ رجحان تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته رپورٽ ۾ ڀارت ۾ زبردستي ڏوهه مڃرائڻ، تشدد ۽ جبري حراست جهڙن الزامن کي اعتبار جوڳو قرار ڏنو ويو آهي جيڪي والاريل ڪشمير ۾ جاري ظلمن جي عڪاسي ڪن ٿا. صائمه سليم چيو ته سياسي ڪارڪن انساني حقن جي محافظن صحافين، عورتن ۽ ٻارن سميت عام شهرين کي بدترين ظلم کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا 4 وزيراعظم

شهباز شريف اتر وزيرستان جي علائقي مير علي ۾ فتنه الخوارج جو حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي شاباس ڏيندي 6 خارجين کي جهنم پهچائڻ کي سراهيو ۽ سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشيوارانه صلاحيتن کي ساراهيو آهي. ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکندو فتنه الخوارج ۽ انهن جي پٺڀرائي ڪندڙن جي پاڪستان جي حوالي سان ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائيندا رهنداسين وزيراعظم چيو ته مون سميت پوري قوم پاڪ فوج جي ملڪ جي دفاع جي اٽل عزم ۾ انهن سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا 5 واڌ

افغانستان جي طالبان حڪومت جي درخواست تي عارضي جنگ بندي ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي افغان طالبان حڪومت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ عارضي جنگ بندي کي دوحا ۾ جاري ڳالهين جي پڄاڻي تائين وڌايو ويو آهي سفارتي ذريعن جو چوڻ آهي ته عارضي سيز فائر ۾ واڌ افغان طالبان حڪومت جي درخواست تي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته 48 ڪلاڪن جي عارضي جنگ بندي اڄ شام 6 وڳي ختم ٿي رهي هئي. سفارتي ذريعن موجب، پاڪستان ۽ افغان طالبان وچ ۾ اعليٰ سطحي ڳالهيون ڇنڇر ڏينهن شروع ٿيڻ جو امڪان آهي ياد رهي ته پاڪستان ٻه ڏينهن اڳ افغان طالبان حڪومت جي درخواست تي 48 ڪلاڪن لاءِ عارضي جنگ بندي ڪئي هئي جيڪا ختم ٿي چڪي هئي.

بقايا 6 امڪان

سال جي پڄاڻي تائين پاڪستان چيني ڪرنسي يوان ۾ پانڊا بانڊ جاري ڪندو اها ڳالهه هن بلومبرگ کي انٽرويو ڏيندي چئي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ سانوڻي جي برساتن دوران ٻوڏ سبب زرعي شعبي کي نقصان پهتو آهي ٻوڏ سبب چانور ۽ ڪپهه جي شعبي کي نقصان پهتو ان سان جي ڊي پي جي واڌ متاثر ٿي سگهي ٿي ناڻي واري وزير چيو ته ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جو تفصيلي جائزو ورتو پيو وڃي، نقصان جو تفصيلي ڪاٿو ايندڙ مهينن ۾ معلوم ٿي ويندو ناڻي واري وزير چيو ته ٻوڏ سبب جي ڊي پي جي شرح متاثر ٿيندي تنهن هوندي به اسان جو اندازو آهي ته هن سال دوران اقتصادي ترقي جي شرح 3.5 کان وٺي 4 سيڪڙو تائين رهڻ جو امڪان آهي ناڻي واري وزير چيو ته موسمياتي تبديلي پاڪستان لاءِ حقيقي خطرو آهي، اسان ان کي منهن ڏئي رهيا آهيون ۽ هاڻوڪي ٻوڏ مان ان جي عڪاسي به ٿي رهي آهي. ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن مان فائدو وٺي رهيو آهي نومبر جي پڄاڻي يا ڊسمبر جي شروعات ۾ چيني ڪرنسي يوان ۾ پهريون پانڊا بانڊ جاري ٿيندو هن چيو ته 250 ملين ڊالرن جا شروعاتي بانڊز جاري ڪرڻ جو مقصد فنڊنگ جي ذريعن کي متنوع بڻائڻ آهي ناڻي واري وزير چيو ته ان کان پهرين پاڪستان آمريڪي مارڪيٽ، يورو بانڊ ۽ اسلامي سڪوڪ جاري ڪيا هئا. جڏهن ته اسان ٻي وڏي ڪيپيٽل مارڪيٽ مان به ان وقت تائين فائدو نه کنيو هو.

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

ڪارڊ پروگرام تحت 55.9 ارب رپيا هارين تي خرچ ڪرڻ وڃي رهي آهي شروعاتي طور تي چار لک هارين کي هاري ڪارڊ پروگرام ۾ شامل ڪيو پيو وڃي، پهرئين مرحلي ۾ 22 لک 60 هزار ايڪڙ زمين لاءِ مالي سهائتا ڏني ويندي هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هن مهيني جي آخري هفتي ۾ سنڌ بئنڪ ذريعي وڌيڪ 50 هزار بينظير هاري ڪارڊ جاري ڪيا ويندا هاري ڪارڊ جي رجسٽريشن جو عمل شروع ٿي چڪو آهي جن هارين وٽ اڃا تائين بينظير هاري ڪارڊ موجود آهي، سي فوري طور پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪن ۽ جن وٽ ڪارڊ ناهي، اهي سڃاڻپ ڪارڊ يا زمين جو رڪارڊ ڏيکاري رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا. هن چيو ته بايوميٽرڪ تصديق ذريعي مڪمل شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو ۽ ڊجيٽل نظام ذريعي زمين جي جاچ پڻ ڪئي ويندي.

بقايا 8 نائب صدر

صحيحون ڪرڻ لاءِ تيار ناهن جڏهن ته کيس يقين آهي ته هي ڏکرار آخر ڪار حل ٿي ويندو پرڏيهي ميڊيا موجب هن هڪ انٽرويو دوران چيو ته هن وقت اسان جي سمورين ڪوشش باوجود روس ۽ يوڪرين ڌريون ان مقام تي ناهن پهتيون جتي هو ڪو معاهدو ڪري سگهن مون کي يقين آهي ته اسان آخر ڪار ان مقام تائين پهچي وينداسين پر ان لاءِ وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي هن اعتراف ڪيو ته ڪجهه اڳڀرائي جي باوجود هي ڏکرار ان کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ڏکيو ثابت ٿيو جيترو آمريڪي انتظاميا سمجهيو هو هن چيو ته آمريڪا پابندين جي بدران ٽيڪس کي وڌيڪ موثر هٿيار سمجهي ٿو ان کان اڳ روس جي صدر پيوٽن سان ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه کانپوءِ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو ته ٻئي اڳواڻ جلد ئي هنگري جي گاديءَ واري شهر ۾ ملاقات ڪندا ان کانپوءِ آمريڪي صدر وضاحت ڪئي ته اها ملاقات امڪاني طور تي ايندڙ ٻن هفتن ۾ ٿي سگهي ٿي.

بقايا 9 ملاقات

ملاقات کانپوءِ ڪالهه جاري ڪيل بيان موجب اها ملاقات ميڊ ان پاڪستان سنگل ڪنٽري ايگزيبيشن جي موقعي تي ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪستان جي لک آفريڪا پاليسي تحت اقتصادي تعاون کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان خوراڪ، زراعت، آءِ ٽي، هيومن ريسورس ڊولپمينٽ ۾ سهڪار جون تجويزون پيش ڪيون هن پاڪستان آفريقي ملڪن ۽ ڪين ڏر وچ ۾ ٽه ڌري تعاون جي امڪانن تي به ڏي وٺ ڪئي ٻنهي اڳواڻن مستقبل جي تعاون لاءِ روڊ ميپ تيار ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو چيئرپرسن محمود علي يوسف پاڪستان جي لک آفريڪا پاليسي ۽ قدمن کي ساراهيو ۽ آفريقي يونين طرفان فوڊ سيڪيورٽي زراعت ۽ ايگري ٽيڪ ۾ تعاون وڌائڻ ۽ پاڪستان سان مفاهمتي يادداشتن تي صحيح جي دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو.

بقايا 10 واڌ

واڌ جي حوالي سان منتظمين ۽ ڊي ايچ سيز کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن حج پاليسي ۽ سروس فراهم ڪندڙ ايگريمينٽ تحت بڪنگ جو عمل مڪمل ڪيو ويندو ترجمان جو چوڻ آهي ته مذهبي معاملن واري سيڪريٽري جي منظوري سان بڪنگ جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي واضح رهي ته پرائيويٽ حج اسڪيم جي بڪنگ جي آخري تاريخ 17 آڪٽوبر هئي، هن وقت تائين پرائيويٽ اسڪيم تحت 55 هزار 500 ماڻهن بڪنگ ڪرائي آهي جڏهن ته انهن جي ڪوٽا 50 هزار هئي هاڻي به 4 هزار 500 ماڻهن جي گنجائش باقي آهي 22 آڪٽوبر تائين واڌ جي فيصلي جو پرائيويٽ اسڪيم تحت حج جا خواهشمند ماڻهو فائدو کڻي سگهن ٿا.

بقايا 11 احتجاج

زادي سان گڏ مڙس خلاف ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب مٺيءَ جي آڏو احتجاج مظاهرو ۽ پريس ڪانفرنس. ان موقعي تي انيسا جوکيو احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته منهنجو مڙس نور حسن جوکيو جنهن مان مون کي ٽن ٻارن جو اولاد جيڪو منهنجي پيٽ جي ڌي شگنندا جنهن جي شادي ٿيل جنهن کي پنهنجي مڙس نصيب جوکيو مان هڪ پٽ جو اولاد آهي انيسا صحافين کي ٻڌايو ته منهنجي مڙس نور حسن جوکيو منهنجي پيٽ جي ڌي کي اغوا ڪري نڪاح ڪيو آهي جيڪو غير قانوني عمل آهي جيڪو جوکري سميت قرار ڏنو ويو آهي جنهن واقعي جي خلاف شگنندا جي مڙس نصيب جوکيو ڏاهيجي مارڪيٽ ٿاڻي تي اغوا جي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪرائي آهي پوليس منهنجي ڏير عبدالحميد جوکيو کي بار بار منهنجي مڙس کي پيش ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي رهي آهي هن واقعي خلاف احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي مڙس جيڪو به غير قانوني عمل ڪيو آهي ان سان منهنجو يا منهنجي گهر ڀاتين جو ڪو تعلق ناهي اسان ان عمل جي سخت خلاف آهيون منهنجي مڙس نور حسن جوکيو خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 12 هٿ

نيازي چوڪ جي ويجهو گهر مان ڦاهو لڳل شخص جو لاش مليو آهي جنهن لاش کي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو اسپتال ۾ مقتول جي سڃاڻپ 45 سالن جي ڪامران پٽ عزيز جي نالي سان ٿي. پوليس موجب هاڻي تائين جي جاچ ۾ واقعو خودڪشي لڳي ٿو مقتول گهر ۾ اڪيلو رهندو هو شروعاتي معلومات موجب گهريلو ۽ مالي مسئلا خودڪشي جو سبب ٿي سگهن ٿا. پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 13 واڌ

فردوس شميم نقوي کي جاچ لاءِ طلب ڪري ورتو عدالت اين سي سي آءِ اي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي عدالت پڇائو ڪيو ته ٻڌايو ته نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي درخواست ڏيندڙ خلاف ڪهڙن الزامن تي جاچ ڪري رهي آهي، عدالت فردوس شميم نقوي کي گرفتار ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ پابندي واري حڪم ۾ واڌ ڪري ڇڏي جسٽس عمر سيال چيو ته قانون موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ آءِ جي اسلام آباد کي جواب لاءِ طلب ڪرڻ جو اختيار ناهي جسٽس عمر سيال چيو ته جيڪي ڪيس اڳ ايف آءِ اي وٽ هئا اهي هاڻي اين سي آءِ اي ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن؟ جسٽس عمر سيال چيو ته توهان هڪ بزرگ شخص کي ڇو گهلي رهيا آهيو؟ عدالت چيو ته جيڪڏهن درخواست ڏيندڙ خلاف ڪو ڪيس التوا ۾ آهي ته پوءِ رپورٽ جمع ڪرايو نوٽس موجب آءِ جي اسلام آباد پوليس جي آءِ ٽي ميمبر آهي؟ درخواستگذار جي وڪيل چيو ته جسٽس عمر سيال چيو ته اسان کي مسئلو ٻڌايو مسئلو ڇا آهي؟ مان 70 سالن جو آهيان سنڌ جو رهواسي آهيان، فردوس شميم نقوي چيو ته مان بيمار آهيان منهنجو علاج ٿي رهيو آهي. اهو معلوم ٿيو آهي ته منهنجا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا 14 ڪيس داخل

ظلم خلاف عورت پاڪ ڪتاب کڻي منٿون ڪرڻ جي وڊيو وائرل ٿيڻ جو نوٽيس ورتو بن قاسم ٿاڻي تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل، متاثر عورت رابعه واجد ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو آهي ته سندس مٿان مڙس سهرو ۽ ڏير سخت تشدد ڪري رهيا آهن ان دوران هو پاڪ ڪتاب کڻي کين منٿون ڪندي رهي پر ظالمن هڪ به نه ٻڌي ۽ کيس تشدد ڪندا رهيا، وڊيو وائرل ٿيڻ بعد عورتن جي ڀلائي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي واقعي جو نوٽيس وٺندي پنهنجي ليگل ٽيم بن قاسم ٿاڻي تي موڪلي جنهن بعد متاثر عورت جي مدعيت ۾ جوابدارن مجاهد، حيدر واجد، شاهد، سهرو گلشير تي ڪيس داخل ڪيو جنهن بعد پوليس هڪ جوابدار شاهد کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، ان ڏس ۾ صوبائي وزير شاهينه شير علي جو چوڻ آهي ته گهريلو عورتن تي تشدد ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين عورت مظلوم آهي جنهن جي سهائتا لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين. هوڏانهن تشدد ۾ زخمي ٿيل عورت رابعه واجد کي اسپتال نيو ويو جتي سندس علاج هلندڙ آهي.

بقايا 15 علي حسن زرداري

ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل سنڌ علي حسن زرداري سينٽرل جيل ڪراچي جو اوچتو دورو ڪيو صوبائي وزير جيل علي حسن زرداري ڊيوٽي تي موجود جيل پوليس اهلڪارن سان ملاقات ڪئي ۽ تفصيل پڇيا. صوبائي وزير علي حسن زرداري سينٽرل جيل ڪراچي جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو صفائي جو جائزو ورتو ۽ قيدين جي اسپتال جو به دورو ڪيو هن اسپتال ۾ علاج هيٺ قيدين جي عيادت ڪئي صوبائي وزير علي حسن زرداري قيدين سان ملڻ لاءِ آيل وارثن ۽ ٻين شهرين سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ انهن جي مسئلن بابت پڇيو صوبائي وزير علي حسن زرداري سينٽرل جيل جي باورچي خاني جو معائنو ڪيو صفائي جو جائزو ورتو ۽ قيدين لاءِ تيار ڪيل کاڌي جو جائزو ورتو صوبائي وزير علي حسن زرداري سينٽرل جيل ۾ وڊيو لنڪ آن لائن سسٽم روم جو به معائنو ڪيو صوبائي وزير علي حسن زرداري ماهر قيدين سان ملاقات ڪئي قيدين پاران هٿ سان ٺهيل شيون ڏٺيون قيدين جي تعريف ڪئي ۽ جيل انتظاميا کي هنرمند قيدين جو خاص خيال رکڻ جي هدايت ڪئي صوبائي وزير جيلن سنڌ علي حسن زرداري چيو ته سنڌ حڪومت سنڌ جي جيلن کي اصلاح گهرن ۾ تبديل ڪندي قيدين سان سٺي سلوڪ، قيدين جي کاڌي پيتي ۽ انهن جي علاج جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪندي.

بقايا 16 زخمي

علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو عيني شاهدن موجب ڌماڪي جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو، جڏهن ته ويجهين دڪانن کي به شديد نقصان پهتو اطلاع ملندي ئي سهراب گوٺ پوليس، رينجرز ۽ ريسڪيو ٽيمون موقع تي پهچي متاثر عمارت کي گهيري ۾ وٺي ورتو شروعاتي اطلاع مطابق ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ ڇهه ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن جي سڃاڻپ فوتي 25 ورهين جي عرفان ولد غلام اڪبر ۽ زخمين ۾ 20 ورهين جو زبير ولد فدا حسين 50 ورهين جي آصف ولد ڪمال 22 ورهين جي زبير ولد دلبر هڪ اڻڄاتل شخص عمر لڳ ڀڳ 25/30 سال 10 ورهين جي ڪامران ولد غلام حيدر 10 ورهين جي ايان علي ولد حسين جي نالي سان ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان ايس ايچ او سهراب گوٺ ممتاز مروت موجب ڌماڪي جي نوعيت جو تعين ڪيو پيو وڃي لڳي ٿو ته گئس ليڪيج سبب هي واقعو پيش آيو آهي، پر جاچ مڪمل ٿيڻ بعد ئي ڪجهه چئي سگهجي ٿو ايس ايچ او ممتاز مروت ٻڌايو ته هن بلڊنگ ۾ مزدور رهندا هئا جيڪي ڏينهن جو مزدوري ڪندا هئا، جڏهن ته بلڊنگ جي مالڪ پاران رهائشي ڪرايو نامو پڻ ٿاڻي تان رجسٽرڊ ناهي ڪرايو جڏهن ته بلڊنگ کي عارضي طور لاءِ سيل ڪيو ويو آهي.

بقايا 17 گيانچند ايسراڻي

تحت سنڌ ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ٿيو آهي جڏهن ته آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جون ڪوششون جاري آهن سنڌ حڪومت پي ڊي ايم اي جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي جنهن سبب قدرتي آفتن جي روڪٿام لاءِ جديد قدم کنيا ويا آهن اهڙن خيالن جو اظهار وزيراعليٰ سنڌ جي بحالي کاتي واري صلاحڪار گيانچند ايسراڻي صوبائي ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ جي ڪراچي ويئرهائوس جو دورو دوران ڪيو دوري دوران گيانچند ايسراڻي اتي موجود گودام، مشينري ۽ امدادي سامان جو جائزو ورتو. هن موقعي تي ڊي جي پي ڊي ايم اي سنڌ سيد سلمان شاهه به ساڻس گڏ هو دوري دوران ڊي جي پي ڊي ايم اي سيد سلمان شاهه بحالي کاتي واري صلاحڪار کي گودام جي ڪارڪردگي ۽ سهولتن بابت بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو ته پي ڊي ايم اي جي هن نئين ويئر هائوس ۾ منتقلي مڪمل ڪئي آهي، جنهن ۾ چار وڏا اسٽوريج هال، هڪ ڪولڊ اسٽوريج يونٽ ۽ هڪ عارضي پناهگاهه شامل آهي. سيد سلمان شاهه موجب، ڪراچي ويئر هائوس ۾ پي ڊي ايم اي جي ڪل ذخيري مان صرف پنج کان ست سيڪڙو سامان موجود آهي جنهن ۾ مشينري ۽ ضروري شيون شامل آهن جيڪي برساتن ۽ شهري ٻوڏ دوران هنگامي ضرورت ۾ استعمال ڪيون وينديون آهن. باقي سامان سکر ۽ ڄامشورو جي گودامن ۾ رکيل آهي. ويئر هائوس ۾ لفٽنگ سولر سسٽم، خيما، ڪچن سيٽ، واٽر ٽينڪ بيڙيون ڊي واٽرنگ پمپس، واٽر فلٽريشن يونٽ، غسل خانا (باٿهه ڪيبنٽ)، ڪرينون ايڪسڪي ويٽر جنريٽر صحت ۽ صفائي جون ڪٽس، لائيف جيڪٽس ۽ ٻيو هنگامي سامان موجود آهي.

بقايا 18 دعويٰ

ريٽنگ ايجنسين پاران پاڪستان جي درجابندي ۾ بهتري سان پاڪستان حڪومت جي سڌارن جي ايجنڊا تي عالمي اعتماد جي عڪاسي ٿي رهي آهي. آءِ ايف ايم بي آر سميت معيشت جي مختلف شعبن ۾ سڌارن جو عمل جاري آهي اهڙو اظهار هن عالمي ماليياتي فنڊ ۽ عالمي بئنڪ جي سالياني اجلاسن جي موقعي تي مختلف ملڪن جي ناڻي وارن وزيرن اعليٰ عهديدارن سان ملاقاتن ۽ عالمي ماليياتي ادارن جي اهتمام هيٺ منعقد سيمينار ۽ تقريبن کي خطاب دوران ڪيو عالمي ماليياتي فنڊ ۽ عالمي بئنڪ جي سالياني اجلاسن جي موقعي تي ناڻي واري وزير چين جي ناڻي واري وزير ليامن سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ اقتصادي سڌارن ۽ ٻطرفي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي، ناڻي واري وزير چيني هم منصب کي تازو ئي آءِ ايم ايف سان ٿيل اسٽاف ليول معاهدي بابت آگاهه ڪيو هن چيو ته اهو معاهدو حڪومت پاڪستان جي اقتصادي سڌارن جي ايجنڊا تي عالمي اعتماد جو ثبوت آهي. ناڻي واري وزير چين جي مارڪيٽ ۾ پانڊا بانڊ جاري ڪرڻ بابت تازي اڳڀرائي کان به آگاهه ڪيو هن پاڪستان جي نيو ڊولپمينٽ بئنڪ ۾ ميمبرشپ لاءِ چين جي حمايت جي درخواست به ڪئي ناڻي واري وزير چين جي ناڻي واري نائب وزير کي ملڪ ۾ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول جي فراهمي بابت حڪومتي قدمن کان آگاهه ڪيو انفارميشن ٽيڪنالاجي، زراعت، صنعت ۽ معدنيات جي شعبن ۾ چيني سيڙپڪاري جي آجيان ڪئي. هن بورڊ جي گڏجاڻين دوران مڪمل تعاون فراهم ڪرڻ تي آءِ ايم ايف جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي آفيس جو ٿورو مڃيو ناڻي واري وزير چين جي ناڻي واري نائب وزير کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني. ناڻي واري وزير آمريڪي ڪانگريس جي ميمبر ۽ فنانشل سروسز ڪميٽي جي چيئرمين فرينچ هل سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪ آمريڪا معاشي تعاون کي هٿي ڏيڻ لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڌرين پاڪ آمريڪا اقتصادي ۽ ماليياتي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي ڳالهيون ڪيون ملاقات ۾ خاص طور تي ماليياتي خدمتن جي ڊجيٽلائيزيشن، نئين معيشت جي ترقي، معدنيات جي شعبي ۾ حصيداري ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ وسيع تعاون جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڌرين پائيدار معاشي ترقي ۽ جدت تي ٻڌل حصيداري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ويجهو تعاون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ناڻي واري وزير بنگلاديش جي چيف ايڊوائيزر جي خاص نمائندي لطفي وائي صديقي سان به ملاقات ڪئي. ناڻي واري وزير آگسٽ 2025ع ۾ پاڪستان جي نائب وزيراعظم جي ڍاڪا جي دوري جو ذڪر ڪندي ٻنهي ملڪن وچ ۾ علائقائي معاشي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو هن پائيدار اقتصادي ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ نجي شعبي جي قيادت تي زور ڏنو ۽ چيو ته سرڪاري شعبي جي ذميواري سيڙپڪاري ۽ جدت لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ آهي ملاقات دوران ڌرين انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جي گيم چينجر طور حيثيت تي اتفاق ڪيو ۽ ٻڌايو ته آءِ ٽي جو شعبو تعليم يافته نوجوانن لاءِ معياري روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهي ٿو ناڻي واري وزير ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ علم جي مٽاسٽا ۽ گڏيل صلاحيت ۾ اضافي جي ضرورت تي به زور ڀريو وفاقي وزير جي پي مورگن انويسٽمينٽ سيمينار کي پنهنجي خطاب ۾ پاڪستان جي اقتصادي ۽ ماليياتي پاليسي جي حوالي سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن شرڪت ڪندڙن کي ماليياتي مانيٽري پاليسي ۽ پرڏيهي شعبن ۾ ٿيل اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ۽ چيو ته معيشت جي اهم اهڃاڻن ۾ بهتري آئي آهي ملڪي معيشت درست رخ ۾ گامزن آهي ناڻي واري وزير پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ هاڻوڪي طئي ٿيل اسٽاف ليول معاهدي جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته توسيعي فنڊ سهولت (اي ايف ايف) جي ٻي ۽ ريزيلينس اينڊ سسٽين ايبلٽي فيسلٽي جي پهرين جائزي بابت آهي هن ملڪي معيشت جي مثبت رجحانن جو ذڪر ڪندي چيو ته بهتر معاشي نظم ۽ ضبط، ماليياتي ۽ پرڏيهي استحڪام ۽ موثر سڌارن وارن قدمن جي نتيجي ۾ بهتري آئي آهي ناڻي واري وزير ان موقعي تي سيڙپڪارن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا. ناڻي واري وزير جاپان جي عالمي تعاون بابت بئنڪ جي گورنر نوبو ميتسو هاياشي سان ملاقات ۾ ريڪوڊڪ منصوبي لاءِ قرض ڏيندڙن جي گروپ ۾ جاپان جي عالمي تعاون بابت بئنڪ جي شموليت جي باضابطه اعلان کي ساراهيو.

بقايا 19 احتجاج

ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پوڙهيت راحب علي ڪلهوڙو پنهنجي پيرسن امڙ ارباب خاتون، گهرواري شمينه، ڌيئرن نور فاطمه شيرين پٽن محسن ۽ يوسف ڪلهوڙو سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته منهنجي مرحوم ڏاڏي عمر ڪلهوڙو جي موروثي ملڪيت مان والد محمد گلاب کي ديهه ٿلها ۾ 12 جريب زرعي زمين ۽ هڪ رهائشي گهر مليو هو جنهن ۾ اسان 3 ڀائر برابر جا حصيدار آهيون هن الزام لڳايو ته ڄاڻايل زمين ۽ گهر تي منهنجي ٻالاٿر ڀائرن غلام اڪبر ۽ مينهو خان ڪلهوڙو زبردستي قبضو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي مونکي حصو نه پيا ڏين جڏهن ته حصو گهرڻ تي ڀائرن جا ويري بڻجي ويا آهن جن گڏيل ڏينهن مون معان ٽئين سان حملو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڀائرن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ والد جي ملڪيت مان حصو ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 20 فوت

نامعلوم شخص فوت ٿي ويو فوتي جو لاش قانوني ڪاروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي مليرڪينٽ ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي دنبا گوٺ جيلاني ڪرڪيٽ گرائونڊ جي ويجهو 70 سالن جي نامعلوم پيرسن شخص جو لاش مليو لاش ٿاڻي تي ڪاروائي بعد ايڌي هوم سهراب گوٺ سرد خاني منتقل ڪيو ويو آهي گڏاپ ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي ڏڪريا گوٺ مان 50 سالن جي سليم نالي شخص جو لاش مليو آهي آخري اطلاع تائين فوتي جي موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو.

بقايا 21 نثار کهڙو

هئا، جنهن سازش تحت جمهوريت ۽ عوام جي اميدن کي قتل ڪيو ويو پر پيپلزپارٽي شهادتن جي باوجود "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جو نعرو هڻي ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل قائم رکيو اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي تي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو. هن چيو ته 18 آڪٽوبر تي شهيد بينظير ڀٽو عوام جي مطالبي تي ملڪ واپس آئي پر ان وقت جي آمر پرويز مشرف نه پئي چاهيو ته شهيد بينظير ڀٽو وطن واپس اچي پر جڏهن هوءَ وطن موٽي ته ڪار ساز وارو هنڌ ٻن ڌماڪن ۾ 180 کان وڌيڪ ڪارڪن شهيد ۽ سوين زخمي ٿيا نثار کهڙو چيو ته شهيد بينظير ڀٽو نه ڊڄي ۽ سانحي جي باوجود اسپتال وڃي زخمين جي عيادت ڪئي هن سوال اٿاريو ته ڪار ساز سانحي جي وقت شاهراهه فيصل جون بتيون ڇو بند ڪيون ويون هيون؟ ۽ ان وقت جي وزيراعليٰ ارباب غلام رحيم ڪهڙي بنياد تي اها دعويٰ ڪئي هئي ته ڪار ساز ريلي رات 12 وڳي کان اڳ ختم ٿي ويندي؟ ان بابت به اڳوڻي وزيراعليٰ ارباب رحيم کان پڇا ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته اهي سانحا جمهوريت ۽ عوام جي اميدن کي قتل ڪرڻ جي هڪ سازش هئا ته جيئن ملڪ ۾ عوامي حڪومت قائم نه ٿي سگهي، پر پيپلزپارٽي شهيدن جي قربانين جي باوجود جمهوريت جي بقا ۽ آئين ۽ پارليامينٽ جي بالادستي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو نثار کهڙو چيو ته پيپلزپارٽي ملڪ ۾ جمهوريت جي تسلسل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وفاقي حڪومت ۾ وزارتون وٺڻ کان سواءِ مسلم ليگ (ن) کي وفاقي حڪومت ٺاهڻ لاءِ ووٽ ڏنو هن چيو ته ڪار ساز سانحو ملڪ جي تاريخ جو هڪ نه وسرندڙ الميو آهي ۽ اڄ به ان سانحي تي دليون غمگين آهن.

بقايا 22 سعيد الزمان عاطف

جماعت جي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ عقيدتمندن سان چار شوري ۾ هڪ اهم ۽ خصوصي گڏجاڻي ڪئي، جنهن دوران تنظيم جي موجوده ڪم ڪار مستقبل جي حڪمت عملي ۽ لاڳاپيل مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ملاقات دوران سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين ڳالهائيندي چيو ته سروري جماعت جو بنيادي مشن روحانيت، خدمت، اتحاد ۽ اخلاص تي ٻڌل آهي ۽ ڪارڪنن جي ذميواري آهي ته هو سروري روايتن فڪر ۽ تعليمات کي عام ماڻهن تائين پهچائين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" وڌيڪ چيو ته تنظيم جي اڳڀرائي لاءِ گڏيل جدوجهد ضروري آهي ۽ چيو ته سروري جماعت جي اصل طاقت ان جي اتحاد، ايڪتا ۽ خدمت خلق جي جذبي ۾ لڪل آهي هن ڪارڪنن کي تلقين ڪئي ته هو ايمانداري، نظم ۽ اتحاد سان تنظيم جي مشن کي قبلهِ مخدوم جميل الزمان جي اڳواڻي ۾ اڳتي وڌائيندا سين.

بقايا 23 آءِ جي جيل

۾ 28 هزار قيدي آهن ۽ قيدين جي تربيت ۽ ڀلائي لاءِ آباد جا قدم ساراهه جوڳا آهن انهن خيالن جو اظهار هن آباد پاران سينٽرل جيل جي قيدين کي 100 ڪمپيوٽر عطيو ڪرڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تفصيل موجب ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز (آباد) جي چيئرمين حسن بخشي جي اڳواڻي ۾ آباد جي هڪ وفد سينٽرل جيل جو دورو ڪيو وفد ۾ وائيس چيئرمين طارق عزيز چيئرمين سدرن ريجن احمد اويس ٿانوي ۽ ناصر لاکاني پڻ شامل هئا. ان موقعي تي آءِ جي جيل سنڌ فدا حسين مستوئي وڌيڪ چيو ته جيل ۾ سڌارا وقت جي ضرورت آهن ملير جيل جي ٽڪنڄ جو واقعو اسان جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي هو جنهن کري جيلن جي سيڪيورٽي سسٽم کي ٻيهر مضبوط ڪيو پيو وڃي هن چيو ته جيل سيڪيورٽي کي جديد ٽيڪنالاجي سان ڳنڍيو ويو آهي هاڻي قيدين جي نگراني سي سي ٽي وي ۽ فنگر پرنٽ سسٽم ذريعي ڪئي ويندي آهي فدا حسين مستوئي چيو ته جيلن ۾ عملي جي کوٽ پڻ هڪ وڏو مسئلو آهي 28 هزار قيدين جي نگراني لاءِ صرف 4 هزار پوليس اهلڪار آهن آءِ جي جيل فدا حسين مستوئي چيو ته قيدين جي اصلاح ۽ تربيت لاءِ مختلف مهارتي ڪورس شروع ڪيا ويا آهن جن ۾ ٻولي سکڻ ۽ ٻيون ٽيڪنيڪل تربيت شامل آهن.

بقايا 24 گرفتار

پذير 15 افغانين کي حراست ۾ ورتو ايسٽ پوليس جي ترجمان موجب آپريشن سهراب گوٺ جي مختلف علائقن ۾ ڪيو ويو جنهن جو مقصد ڏوهاري عنصرن، منشيات فروشن ۽ غير قانوني رهائشين خلاف ڪارروائي ڪندي علائقي ۾ امن امان کي يقيني بڻائڻ هو آپريشن دوران علائقي جي داخلا ۽ نڪرڻ وارن رستن کي سيل ڪيو ويو ۽ گهرن، دڪانن ۽ هوٽلن جي مڪمل تلاشي ورتي وئي بايوميٽرڪ سرچ ڊوائيسز ذريعي ڪيترن ئي شڪي ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ تصديق پڻ ڪئي وئي آپريشن دوران 31 گهرن، هوٽلن ۽ دڪانن جي تلاشي ورتي وئي، جڏهن ته 15 غير قانوني طور تي رهائش پذير افغانين کي حراست ۾ ورتو ويو آپريشن ۾ ايس ايچ اوز، آفيسر ۽ سپاهي، انٽيليجنس اسٽاف، سرچ ڊيوائس آپريٽرز ۽ ليڊيز پوليس حصو ورتو.

بقايا 25 عذرا پيچوهو

کان بچاءَ لاءِ سڄي صوبي ۾ وڏي پيماني تي آگاهي ۽ بچاءَ جي مهم شروع ڪئي وئي آهي سنڌ جي صحت کاتي جي ويڪٽر بورن ڊزيز ونگ ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز سنڌ سڀني ضلعن جي ضلعي صحت آفيسرن مقامي ادارن ۽ لاڳاپيل کاتن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته هنگامي بنيادن تي اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته "ڊينگي ۽ مليريا جي روڪٿام لاءِ سنڌ حڪومت جي سموري مشينري کي متحرڪ ڪيو ويو آهي هن سال ڊينگي جا 819 ڪيس ۽ مليريا جا 2 لک کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿيا هر ضلعي ۾ روزاني بنيادن تي اسپري، فوگنگ ۽ آگاهي پروگرام يقيني بڻايو ويندو عوامي تعاون سان جلد ئي هن وبا تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو تنهن ڪري عوام کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي" سڀني ضلعن ۾ لاروا مار مهم فوگنگ، اسپري ۽ آگاهي مهم شروع ڪئي وئي آهي اسڪولن اسپتالن مارڪيٽن بس اسٽاپن ۽ عدالتن سميت عوامي هنڌن تي بينر پمفليٽ ۽ آگاهي مواد ڏيکاريا پيا وڃن سڀني ڊي ايڇ اوز کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي مقامي حڪومت سان گڏجي مڇرن جي افزائش کي ختم ڪرڻ گهرن ۽ گهٽين ۾ پاڻي گڏ ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ ڪم ڪن.

بقايا 26 شام سندر آڏواڻي

جي تقريب منعقد ٿي. اها تقريب سنڌ حڪومت جي اقليتي معاملن واري کاتي جي انتظام هيٺ ڪراچي ۾ شاندار نموني سان ٿي جنهن ۾ وزيراعليٰ سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام سُندر آڏواڻي اقليتي معاملن واري سيڪريٽري انجم اقبال ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. ڊاڪٽر شام سُندر آڏواڻي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ۽ منشور موجب سنڌ حڪومت هر مذهب، برادري ۽ طبقي جي خوشين ۾ برابر جي شريڪ آهي. هن چيو ته ديوالي جي هن خوشگوار موقعي تي سنڌ حڪومت اقليتي برادري سان اظهار يڪجهتي طور تي غريب ۽ مستحق خاندانن کي مالي امداد تحفي طور پيش ڪري رهي آهي، جيئن اهي به هن خوشيءَ ۾ شامل ٿي سگهن. ڊاڪٽر آڏواڻي وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ڌرتي روادري، امن محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏئي ٿي ۽ سنڌ حڪومت جو مقصد اقليتي برادري جي زندگيءَ ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي معاشي طور مستحڪم بڻائڻ آهي. ان موقعي تي اقليتي معاملن واري سيڪريٽري انجم اقبال به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي ڀلائي ۽ فلاح لاءِ ڪيترائي منصوبا شروع ڪيا آهن جن ۾ تعليمي اسڪالرشپس، شادي گرانٽ ۽ مذهبي موقعن تي مالي امداد شامل آهي. تقريب دوران خوشي محبت ۽ ڀائيچاري جو جذبو نمايان رهيو هندو برادري جي شرڪت ڪندڙن سنڌ حڪومت جي هن قدمن تي خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته اهڙا قدم صوبي ۾ مذهبي هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿا.

بقايا 27 ملاقات

ميريٽ سينئر سرڪاري صلاحڪار ميٽ ڪلينسي سان گڏ ناڻي واري وزارت ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن سميت پاڪستان جي ميڪرو اقتصادي ترقي تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. مملڪتي وزير چيو ته وزيراعظم شهباز شريف اقتصادي استحڪام کي معاشي ترقي ۾ تبديل ڪرڻ جي ويزن تي عمل ڪري رهيو آهي مملڪتي وزير چيو ته پاڪستان ريلوي کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ وارو ادارو بڻائڻ جي منصوبي تي تيزي سان ڪم جاري آهي جين ميريٽ برطانيه ۽ پاڪستان وچ ۾ وڌندڙ ٻطرفي تعاون جي آجيان ڪئي ٻنهي اڳواڻن پاڪ برطانيه لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ ويجها رابطا برقرار رکڻ جي عزم کي ورجايو.

بقايا 28 مارجي ويا

وٺي. فورسز سلطان خيل ۽ طوفان والا علائقن ۾ فضائي ۽ زميني نگراني شروع ڪئي. نگرانيءَ دوران خوارجين جي چرپر جي نشاندهي ٿيڻ تي فوري ڪارروائي ڪئي وئي. آپريشن دوران دهشتگردن جي قبضي مان وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ بارود هٿ آيو سيڪيورٽي ذريعن موجب گذريل 4 ڏينهن ۾ افغان طالبان طرفان موڪليل 102 خوارجي مارجي چڪا آهن نيشنل ايڪشن پلان تحت عوام ۽ سيڪيورٽي فورسز طرفان دهشتگردن خلاف بنا فرق جي لاڳيتو ڪارروايون جاري آهن ٻئي طرف سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان جي علائقي دتہ خيل ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي 6 خوارجي ماري ڇڏيا، سيڪيورٽي ذريعن موجب اتر وزيرستان جي علائقي ٽنگ ڪلي (دتہ خيل) ۾ سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪيو سيڪيورٽي فورسز کي پرپاسي جي علائقن ۾ دهشتگردن جي چرپر جو ڳجهو اطلاع مليو هو فورسز اطلاع کي نظر ۾ رکندي 8 کان 10 ڏينهن تائين علائقي جي ڀرپور نگراني ڪئي 16 آڪٽوبر تي سيڪيورٽي فورسز انهن دهشتگردن کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته 3 زخمي ٿي پيا سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگردن ۾ فتنه الخوارج جو ڪمانڊر محبوب عرف محمد به شامل آهي سيڪيورٽي فورسز جي هيءَ ڪارروائي علائقي ۾ امن دشمن ڌرين خلاف جاري آپريشن جو حصو آهي ۽ عوام ۽ سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور کي پاڙان پٽي اڇلائڻ لاءِ پُرعزم آهن. هوڏانهن سيڪيورٽي فورسز فتنه الخوارج جي وڏي مقدار ۾ بارود سان ڀريل گاڏي تباهه ڪري ڇڏي سيڪيورٽي ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز فتنه الخوارج جي وڏي مقدار ۾ بارود سان ڀريل گاڏي پڪڙي ورتي اطلاع موجب فتنه الخوارج گاڏيءَ کي باجوڙ ۾ ڪنهن سول آباديءَ ۾ وڃي ڌماڪي سان اڏائڻ جو سيڪيورٽي ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز گاڏي تباهه ڪري ڇڏي سيڪيورٽي فورسز ۽ عوام جو ڪنهن به قسم جو ڪو نقصان نه ٿيو هي بارود افغانستان مان پاڪستان اسمگلنگ جي مالي سان گڏ آندو ويندو آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب نيشنل ايڪشن پلان تحت آخري خوارجي جي خاتمي تائين عوام ۽ پاڪ فوج ملڪ جي دفاع لاءِ اٿين ٿي هڪ پيج تي رهندا.

بقايا 29 وفاقي حڪومت

نتيجو نڪري ٿو سڄي ملڪ ۾ ڪاروبار ۽ زندگي رواں دواں آهي، خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير اجلاس ۾ ويهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تي يقين نه ٿو رکي وزيراعظم جي صدارت ۾ خيبرپختونخواهه جي امن امان بابت اجلاس ۾ وڏي وزير جي موجودگي ضروري هئي معرڪ حق ڪانپوءِ پاڪستانين کي تمام گهڻي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي ڪالهه جمعي ڏينهن اهم ڳالهه ٻولهه ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم جي صدارت ۾ افغان پناهگيرن جي واپسي جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ وقت ۽ اهم فيصلا ڪيا ويا جڏهن ته اڳوڻن فيصلن تي عملدرآمد جو جائزو پڻ ورتو ويو وفاقي وزير ٻڌايو ته اجلاس ۾ سمورا لاڳاپيل ادارا ۽ چئني صوبائي حڪومتن جا نمائندا شريڪ هئا جڏهن ته وڏن وزيرن سان رڳو خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير سهيل آفريدي موجود نه هو ان جي نمائندگي مزمل اسلم ڪئي جنهن تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ پنهنجو موقف پيش ڪيو پر جڏهن صوبي جي سيڪيورٽي امن امان ۽ ساڻهن جي تحفظ جي ڳالهه هجي ته ضروري آهي ته وڏو وزير پاڻ موجود هجي هن چيو ته اجلاس ۾ ٻين معاملن سان گڏوگڏ سيڪيورٽي فورسز جي قربانين تي پڻ ڳالهه ٿي ان موقعي تي مزمل اسلم پاران ٻڌايو ويو ته شهيد پوليس اهلڪارن لاءِ معاوضو پڻ ڏنو پيو وڃي ۽ ان پروگرام کي جاري رکيو آهي پر خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي اسلام آباد ۾ موجود هجڻ جي باوجود اجلاس ۾ شرڪت نه ڪرڻ هڪ سياسي چال کانسواءِ ڪجهه نه آهي جنهن جو نقصان رڳو عوام کي ٿئي ٿو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته امن امان جي حوالي سان بريفنگ سان غيرحاضري جي ڪري ان کي بيڪ گرائونڊ جي ڄاڻ نه هوندي ۽ کيس سمجهڻ ۾ وقت لڳندو امن امان جي حوالي سان سياست ڪيڏي افسوسناڪ آهي. خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير کي شايد سوشل ميڊيا تي داد ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ته ضرور حاصل ٿي ويندي پر جڏهن صوبي جي عوام يا ملڪ جي لاءِ حقيقي فيصلا ڪرڻ جو وقت ايندو ته هي سدائين پٺتي رهندو ڇو ته هي اجلاس ۾ ويهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تي يقين نه ٿو رکي پي ٽي آءِ ۽ ٽي ايل پي جي احتجاج جي ڪال جي حوالي سان اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ٽي ايل پي ۽ پي ٽي آءِ جي احتجاج ۽ هڙتال جي ڪال عوام رد ڪري ڇڏي آهي جمعي ڏينهن سڄي ملڪ ۾ زندگي جو ڪاروهنوار معمول موجب رهيو رستن تي رش ۽ گهماگهمي بازار ۽ مارڪيٽون کليل رهيون جڏهن ته عوام غزه ۽ فلسطين جي معاملي تي الله تعاليٰ جا شڪر ادا ڪري رهي آهي هن چيو ته پاڪستان فلسطين جي مسئلي تي سدائين ڀرپور ۽ اصولي موقف اختيار ڪيو آهي، پاڪستان هر عالمي فورم تي مظلوم فلسطيني عوام جو آواز بلند ڪيو ۽ اسرائيلي ظلمن جي واضح لفظن ۾ مذمت ڪئي، پاڪستان جو اهو ئي موقف رهيو آهي ته آزاد فلسطيني رياست هجڻ جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي هن چيو ته پاڪستان جي موقف کي عالمي سطح تي ساراهيو پيو وڃي جيڪا اسان جي پرڏيهي پاليسي جي هڪ وڏي ڪاميابي آهي. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم کي عالمي فورمز تي جيڪا عزت ۽ وقار حاصل ٿيو خاص طور تي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران جيڪا عزت ڏني وئي، اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي صحيح رخ ۾ وڃي رهي آهي هن چيو ته اڄ پاڪستان ۽ ساڻي پاسپورٽ جي عزت ۾ اضافو ٿيو آهي معرڪ حق ڪانپوءِ پاڪستانين کي سڄي دنيا ۾ تمام گهڻي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي، پاڪستان جا شهري جتي رهن ٿا انهن جي عزت ۽ احترام ڪيو پيو وڃي هن چيو ته پي ٽي آءِ ۽ ٽي ايل پي پاران ڏنل ويندڙ احتجاج ۽ هڙتال جي ڪال کي عوام، واپارين، ڪاروباري برادري ۽ چيمبرز رد ڪري ڇڏيو آهي. نه ڪو مظاهرو ٿيو نه ئي ڪاروباري زندگي متاثر ٿي هن چيو ته بي مقصد احتجاجي ڪالن جو انجام اهو ئي ٿيندو آهي ته عوام ان کي رد ڪري ڇڏي ٿي ڇو ته عوام ترقي، استحڪام ۽ امن چاهي ٿي.

بقايا 30 ڪهنڊائي جو رجحان

ڪهنڊائي رڪارڊ ٿي آهي لنڊن انٽر ڪانٽينينٽل ايڪسچينج ۾ ڪاروباري سرگرمين دوران برينٽ ڪچي تيل جي قيمت 0.20 ڊالر گهٽجي 60.86 ڊالر في بيرل تي بند ٿي جڏهن ته نيويارڪ مرڪنٽائل ايڪسچينج تي لائيٽ ڪروڊ جي قيمت ۾ به 0.20 ڊالر جي ڪهنڊائي سان 57.26 ڊالر في بيرل جو سودو ٿيو.

بقايا 31 ملاقات

زرداري سان گڏيل عرب امارات لاءِ پاڪستان جي سفير شفقت علي خان ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي، صدر آصف علي زرداري شفقت علي خان کي سندس نئين مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس وسيع سفارتي تجربي کي ساراهيو ڪالهه جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر اعتماد جو اظهار ڪيو ته نامزد سفير پاڪستان جي گڏيل عرب امارات سان گهڻ رخي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو صدر آصف علي زرداري گڏيل عرب امارات سان پاڪستان جي لاڳاپن کي ملڪي پرڏيهي پاليسي جي لاءِ انتهائي اهم قرار ڏيندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گڏيل تاريخ، ثقافت، عقيدي ۽ مضبوط عوام سان عوام جي لاڳاپن تي ٻڌل گهرا ۽ پائيدار لاڳاپا آهن هن چيو ته پاڪستان جي اهم واپاري حصيدارن مان هڪ هجڻ جي ناطي گڏيل عرب امارات ۽ انفراسٽرڪچر، معدنيات ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ سيڙپڪاري، ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيندي صدر گڏيل عرب امارات ۾ رهندڙ پاڪستانين جي قيمتي ڪردار کي اجاگر ڪيو جيڪا اتان جي سڀ کان وڏي غيرملڪي ڪميونٽيز مان هڪ آهي ۽ ان کي ٻنهي ڀائر ملڪن جي وچ ۾ نه رڳو معاشي مدد ۾ دوستي جي پل پڻ قرار ڏنو صدر پاڪستان جي لاءِ گڏيل عرب امارات جي مسلسل حمايت ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏيڻ ۾ سندس تعميري ڪردار کي ساراهيو هن اعتماد جو اظهار ڪيو ته سفير شفقت علي خان پرخلوص انداز ۾ ڪم ڪندي ٻطرفي لاڳاپن کي نئين بلندين تائين پهچائيندو.

بقايا 32 بلاول ڀٽو

طرفان جاري ڪيل بيان موجب، چيئرمين چيو ته 18 آڪٽوبر 2007ع اهو ڏينهن آهي جيڪو هميشه لاءِ قوم جي روح تي نقش ٿي چڪو آهي، چو ته ان ڏينهن 30 لک کان وڌيڪ ماڻهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي تاريخي استقبال ڪيو هو جڏهن ته 180 بهادر جيالن جمهوري پاڪستان جي خواب لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪيون. هن چيو ته آمريت ۽ دهشتگردي گڏجي شهيد بينظير ڀٽو جي قافلي تي دهشتگردانو حملو ڪيو پر اهي جمهوريت جي روشني وسائڻ ۾ ناڪام ويا، چو ته شهيدن جي رت ان روشني کي وڌيڪ روشن ڪري ڇڏيو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هو شهيد بينظير ڀٽو ۽ ڪار ساز جي شهيدن جي مشن کي اڳتي وڌائيندو جيئن هڪ اهڙو پاڪستان تعمير ٿي سگهي جتي جمهوريت، برابري ۽ انصاف جي حاڪميت هجي. چيئرمين وڌيڪ چيو ته اسان جي شهيدن جو رت اڄ به پرامن، جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان ڏانهن اسان جي سفر کي روشن ڪري رهيو آهي.

بقايا 33 وزير دفاع

جيڪي ڪالهه تائين اسان جي پناهه ۾ هئا، اسان جي زمين تي لڪيل هئا. هن چيو ته پاڪستان هاڻي ڪابل سان لاڳاپا ماضي وانگر برداشت نٿو ڪري سگهي، سڀ افغاني پنهنجي وطن واپس وڃن هاڻي ڪابل ۾ انهن جي پنهنجي حڪومت آهي، اسلامي انقلاب کي پنج سال ٿي ويا آهن بچاءَ واري وزير جو چوڻ هو ته افغانستان کي پاڪستان سان پاڙيسرين وانگر رهڻو پوندو اسان جي زمين ۽ وسيلن تي 25 ڪروڙ پاڪستانين جو حق آهي پنج ڏهاڪن جي زبردستي واري مهمان نوازي ختم ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي خوددار قومون ٻين جي زمين ۽ وسيلن تي پلجنديون ناهن هن چيو ته هاڻي احتجاجي خط ۽ امن جي اپيلون نه هلنديون وفد ڪابل نه ويندا، جتي به دهشتگرديءَ جو مرڪز هوندو ان کي ڀري قيمت ادا ڪرڻي پوندي خواجه آصف وڌيڪ چيو ته طالبان جي 2021ع ۾ اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ پاڪستان ۾ امن ۽ افغانستان کان دراندازي روڪڻ لاءِ حڪومت ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون پر ڪو به هاڪاري ردعمل نه مليو.

بقايا 34 پيش

وزير محمد حنيف عباسي مير علي ۾ خوارجين جا ناپاڪ ارادا مٽيءَ ۾ ملائڻ تي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن جو چوڻ هو ته وقت سر ڪاروائي ڪندي جوانن پيشيوارانه صلاحيتن جو شاندار مظاهرو ڪيو فورسز جي وقت سر ڪاروائي ۾ 4 دهشتگرد جهنم پهچا ٿيا. هن چيو ته قوم پاڪ فوج جي جرئت ۽ قربانين تي فخر ڪري ٿي.

بقايا 35 سڙي رک

باهه لڳڻ سبب پوڙهيت جمعون ولد ڏيالو پيل جو ڪکائون گهر سڙي ويو جنهن سبب گهر ۾ پيل روڪ رقم شناختي ڪارڊ ٻارن جا ب فارم ڪتون بسترا برتن ڪپڙا کاڌي پيتي جو سامان سميت الهه تلهه سڙي خاڪ ٿي ويو گوٺاڻن مڙسي ڪري باهه تي ضابطو آندو جڏهن ته متاثر خاندان کليءَ آسمان هيٺ ويٺل آهن هنن وس وارن کان واهر جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 36 وڏو وزير

پرعزم آهي. هن چيو ته هن سال جو موضوع "خانداني احترام ۽ موثر مدد ذريعي، سماجي ۽ ادارتي بدسلوڪي جو خاتمو" آهي جيڪو غربت جي خاتمي ۾ خاندان جي اهم ڪردار کي ظاهر ڪري ٿو سيد مراد علي شاهه چيو ته معيشت جي بهتريءَ سان گڏوگڏ عزت نفس، انصاف ۽ انساني وقار سان غربت جو خاتمو لازمي آهي سنڌ حڪومت تعليم، صحت، روزگار وسيلي غربت جي خاتمي لاءِ هڪ گڏيل رٿا بندي تي عمل ڪري رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته خاندانن کي بااختيار بڻائڻ، عورتن ۽ نوجوانن کي معاشي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي سنڌ حڪومت سماجي تحفظ جا ڪيترائي پروگرام شروع ڪيا آهن جيڪي ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان غربت گهٽائڻ ۾ اهم ثابت ٿيا آهن وڏي وزير چيو ته پاڪستان مان غربت جي خاتمي لاءِ صوبن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ڇاڪاڻ ته ادارتي شفافيت ۽ سماجي انصاف کان سواءِ پائيدار ترقي ممڪن ناهي هن چيو ته اڄوڪي ڏينهن تي اسان سڀني کي پڪو پهه ڪرڻ گهرجي ته اسين هڪ ٻئي جو سهارو بڻجون ته جيئن ڪو به ٻار بکايل نه سمهي آخر ۾ سيد مراد علي شاهه چيو ته عالمي برادري سان گڏجي اسان جو هدف اهو آهي ته پاڪستان کي غربت کان پاڪ ملڪ بڻائجي.

بقايا 37 احسن اقبال

جي ترجيحن جو مرڪز هڪ اهڙو معاشرو جوڙڻ آهي جتي ڪو شخص محرومي، بُک ۽ مايوسيءَ جو شڪار نه ٿئي غربت جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته حڪومت غربت جي خاتمي کي قومي ترقيءَ جي بنيادي ايجنڊا طور اختيار ڪيو آهي. ان مقصد لاءِ اُڙان پاڪستان فريم ورڪ تحت پائيدار ترقي، سماجي انصاف ۽ خوشحاليءَ لاءِ جامع رٿابندي تيار ڪئي وئي آهي هن چيو ته جڏهن معيشت کي استحڪام ملي ٿو ته ان جو ڦل معاشري جي هر طبقي تائين پهچي ٿو معاشي استحڪام سان روزگار جا موقعا وڌن ٿا، آمدنيءَ ۾ واڌ ٿئي ٿي ۽ غربت جا ڪکر هٽي ويندا آهن وفاقي وزير چيو ته حڪومت پنهنجي ترقياتي منصوبي ۾ غريب ۽ ڪمزور طبقن کي اهميت ڏني آهي. نوجوانن کي فني مهارتون فراهم ڪري کين باعزت روزگار جي قابل بڻايو وڃي ٿو ته جيئن هو پاڻيرا ٿي عزت نفس سان زندگي گذاري سگهن. وفاقي وزير چيو ته هو خاص ڪري نوجوانن کي اهو پيغام ڏيڻ چاهي ٿو ته غربت جي خاتمي جي سڀ کان وڏي چابي تعليم ۽ هنر آهي. حڪومت ناليج اڪانومي پروگرامز ذريعي نوجوانن لاءِ هنرمندي ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري رهي آهي هن چيو ته سي پيڪ فيز ٽو تحت صنعتي ۽ زرعي شعبي جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي ته جيئن معيشت ۾ پيداوار، روانگي واڌارو ۽ روزگار جي موقعن ۾ واڌ ٿي سگهي. احسن اقبال چيو ته حڪومت اهڙو پاڪستان تعمير ڪري رهي آهي جتي هر شخص کي باعزت روزگار معياري تعليم بهتر صحت ۽ محفوظ مستقبل حاصل هجي هن چيو ته اُڙان پاڪستان ويزن ذريعي اسان سڀ گڏجي هڪ خوشحال ۽ مضبوط باوقار پاڪستان جي تعمير ڪنداسين.

بقايا 38 ملاقات

ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻه طرفن ناتن سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته اسان کي پنهنجي شاندار روايتن ۽ ثقافتي ورثي تي تمام گهڻو فخر آهي. پاڪستان برطانيه سان ناتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ ايندڙ وقت ۾ ان سهڪار کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ جا خواهشمند آهيون هن چيو ته ڀارت ۾ مسلمانن ۽ ٻين اقليتن تي رياستي سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ ۾ واڌ ڳڻتي جوڳي آهي، پاڪستان ۾ رهندڙ عيسائي، هندو، سک، پارسي ۽ ٻين مذهبن کي مڃڻ وارا پاڪستاني اسان جي سماجي ريتن رسمن جو اڻٽٽ حصو آهن پاڪستان بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سمورن شعبن ۾ اقليتن جي شرڪت کي وڌائڻ لاءِ وسيع پيماني تي هاڪاري قدم کنيا آهن برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ چيو ته برطانيه ۾ 20 لک مسلمان ۽ 17 لک هندو رهندڙ آهن پاڪستان ۽ برطانيه بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪٻئي جي تجربن مان فائدو کڻي سگهن ٿا. برطانيه مدرسن جي شاگردن کي جديد فني تعليمي هنر جي فراهمي لاءِ پاڪستان جي معاونت جي آڇ ڪئي آهي. برطانوي هاءِ ڪمشنر چيو ته مدرسن مان فارغ ٿيندڙ شاگردن کي برطانيه ۾ ايڪسچينج پروگرامز ۽ اسڪالرشپ فراهم ڪري سگهون ٿا. وفاقي وزير چيو ته سڄي ملڪ ۾ 18 هزار کان وڌيڪ مدرسا رجسٽرڊ آهن انهن جي شاگردن کي جديد تعليم فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت مدرسن جي شاگردن کي جديد فني تعليم ۽ هنر سيکاريو پيو وڃي. پاڪستان ۾ انتهاپسندي جي خاتمي ۽ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 39 هدايت

موقعي تي سڄي ملڪ جي سمورن ضلعي هيڊ ڪوارٽرز ۾ دعا واريون تقريبون ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪندي چيو ته پاڪستان جي هر ضلعي ۾ ٿيندڙ تقريبن ۾ پ پ جا ڪارڪن، همدرد، تنظيمي عهديدار ۽ ٽڪيٽ هولڊرز سميت چونڊيل نمائندا پنهنجن پنهنجن ضلعن ۾ شريڪ ٿين ڪالهه پ پ ميڊيا سيل طرفان جاري بيان موجب (اڄ) بلاول هائوس ڪراچيءَ ۾ پ پ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو اهم اجلاس ٿيندو اجلاس جي ڪارروائي شام 4 وڳي کان شروع ٿيندي.

بقايا 40 افتتاح

ايڊوانسڊ ريسرچ ليبارٽريز (جي اي آر ايل) جو افتتاح ڪيو چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير وفاقي وزيرن ۽ غيرملڪي شخصيتن پڻ افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ان منصوبي جو مقصد ملڪ جي معدني تحقيق جي صلاحيتن ۾ نمايان اضافي ۽ پاڪستان جي معدني شعبي جي ترقي طرف اعليٰ سطحي ڌيان ڇڪرائڻ آهي ان ليبارٽري جو قيام شروعاتي طور تي 1991ع ۾ عمل ۾ آندو ويو هو هاڻي ان کي مڪمل طور تي جديد رخن تي قائم ڪيو ويو آهي ته جيئن ان کي عالمي معيار موجب بڻائي سگهجي چڪ شهزاد ۾ موجود ان جديد ترين ليبارٽري ڪمپليڪس کي ISO/IEC 17025 جي منظوري حاصل ٿي وئي آهي جيڪا ان جي جانچ ۽ ڪيليبريشن جي فني مهارت کي عالمي معيار موجب تسليم ڪري ٿي ان اڳڀرائي جي نتيجي ۾ ليبارٽري هاڻي کاڻين جي کوٽائي جي ڪمپنين کي JORC ۽ NI 43-101 رپورٽنگ معيارن تحت ذخيرن جي ڪاٿي جي لاءِ گهربل عالمي سطح تي مڃيل تجزياتي انگ اکر فراهم ڪري سگهندي جيولوجيڪل سروي آف پاڪستان جي عملدارن موجب ان اپ گريڊيشن ۽ سرٽيفڪيشن سان معدني شعبي ۾ سيڙپڪاري کي هٿي ملندي چو ته هي ليبارٽري ان معتبر ڊيٽا فراهمي کي يقيني بڻائيندي جنهن تي عالمي کاڻ کوٽائي جون ڪمپنيون ۽ ماليياتي ادارا وڏي منصوبن جي لاءِ ڀاڙين ٿا ڏن ڏهاڪن تي ٻڌل پنهنجي شاندار ماضي جي بنياد تي اها سهولت معدني شعبي جي ترقي جي لاءِ بدلجندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ هاڻي هڪ جديد ترين تحقيقي ليبارٽري جي طور تي خدمتون سرانجام ڏيندي.

بقايا 41 واڌ

الزام ۾ داخل ڪيس ۾ تحريڪ انصاف جي باني جي ڀينرن عليمه خان ۽ عظميٰ خان جي عبوري ضمانت ۾ 24 آڪٽوبر تائين واڌ ڪري ڇڏي ڊيوٽي جج عرفان حيدر ڪيس جي جمعي ڏينهن ٻڌڻي ڪئي عدالت ٻنهي جي هڪ ڏينهن حاضري کان معافي جي درخواست به منظور ڪري ورتي عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 42 لاڳو

جرم لاڳو ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب اهو هڪ مهيني کان گهٽ وقت ۾ ٽرمپ مخالف ڪنهن نمايان شخصيت تي ٽيون ڪيس آهي وفاقي گرينڊ جيوري ميري لينڊ رياست جي ضلعي عدالت ۾ بولٽن تي 18 الزام لاڳو ڪيا، جن ۾ 8 الزام قومي دفاعي معلومات جي پهچ ۽ 10 الزام ان معلومات کي رکڻ بابت آهن آمريڪي انصاف واري کاتي موجب بولٽن تي "ڳجهي معلومات جي غلط استعمال بابت سنگين ڏوهه" جو الزام آهي بولٽن جي وڪيل هڪ بيان ۾ چيو ته اڳوڻي سفير بولٽن ٻين ڪيترن ئي سرڪاري اهلڪارن وانگر ڊائري لکي هئي جو ڏوهه ناهي، اسان هڪ دفعو ٻيهر ثابت ڪنداسين ته هن ڪا معلومات غير قانوني طور تي شيئر يا محفوظ ناهي ڪئي جان بولٽن پنهنجي بيان ۾ الزام لڳايو ته هو صدر ٽرمپ جي مبينه انتقامي مهم جو نشانو بڻجي رهيو آهي، جيڪو سندس سياسي مخالفن جي خلاف آهي عدالتي رڪارڊ موجب هن سال جي شروعات ۾ ايف بي آءِ بولٽن جي ميري لينڊ ۾ واقع گهر ۽ واشنگٽن ڊي سي جي آفيس تي ڇاپو هنيو هو جتان کان "خفيه"، "سيڪريٽ" ۽ "ڪانفيڊينشل" مارڪ ٿيل ڪيترائي دستاويز هٿ آيا اهو تازو فرد جرم ان وقت سامهون آيو جڏهن ان کان اڳ ايف بي آءِ جي اڳوڻي ڊائريڪٽر جيمز ڪومي ۽ نيويارڪ جي اٽارني جنرل ليٽيشيا جيمز تي به ورجينيا جي ضلعي عدالت ۾ الزام لاڳو ڪيا هئا ياد رهي ته جان بولٽن انتظاميه ڇڏڻ کانپوءِ صدر ٽرمپ جو مخالف آهي ۽ کيس "صدارت لاءِ نااهل" قرار ڏئي چڪو آهي.

بقايا 43 احتجاج

سرڪاري نوڪري ۽ مالي مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان راجا عاطف علي پيرزادو پنهنجي معصوم نياڻي ايمان فاطمه پٽن ارسلان ۽ عدنان عاطف پيرزادو سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته مان سال 2016ع ۾ بي اي سي پاس ڪئي آهي جڏهن ته ان وقت کان وٺي هن وقت تائين مختلف صوبائي توڙي وفاقي کاتن ۾ نوڪري لاءِ درخواستون ڏنيون آهن پر هن وقت تائين مونکي نوڪري ناهي ملي سگهي جنهن سبب سخت پريشانين سان منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويو آهيان هن چيو ته مهانگائي جي دور ۾ بيروزگاري سبب گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪرڻ انتهائي مشڪل بڻجي چڪو آهي هن وقت مون وٽ گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونهي جنهن ڪري فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون هن پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ايم پي اي جميل احمد سومرو ايم پي اي سهيل انور سيال ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي مون مسڪين جي مالي مدد ڪرڻ سان گڏ سرڪاري نوڪري ڏياري چاليل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 44 نوجوان فوت

ويجهو هڪ نوجوان ٽريفڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو ۽ سندس لاش کي ڇيپيا جي رضاڪارن پوسٽ مارٽم لاءِ عباسي شهيد اسپتال پهچايو ريسڪيو عملدارن چيو ته فوت ٿيل جي سڃاڻپ 27 سالن جي اسامه جي نالي سان ٿي آهي جيڪو موٽرسائيڪل تي سوار هو جڏهن ته حادثو نامعلوم تيز رفتار گاڏي سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيو جنهن بابت پوليس وڌيڪ معلومات حاصل ڪري رهي آهي.

بقايا 45 احتجاج

حل نه ٿيو ته سخت لائحا عمل جو اعلان ڪنداسين تفصيل موجب ڪراچي جي واپاري برادري گئس جي بلن جي وڌندڙ شرح خلاف احتجاج تي مجبور ٿي وئي آهي واپارين 20 آڪٽوبر تائين حڪومت کي الٽيميٽم ڏنو آهي ۽ واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن مسئلو حل نه ٿيو ته اهي سخت لائحا عمل جو اعلان ڪندا، جنهن ۾ بل جمع نه ڪرائڻ صنعتون بند ڪرڻ ۽ عدالت سان رابطو ڪرڻ جهڙا قدم شامل ٿي سگهن ٿا. ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جي صدر ريحان حنيف چيو ته گئس جا بل صنعتڪارن تي بجلي وانگر ڪِرندا رهيا آهن، جنهن جي ڪري پيداوار جي قيمت ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي. ڪيترن ئي برآمد ڪندڙن ڪارخانا بند ڪرڻ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن هن حڪومت کي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن فوري طور تي رليف نه ڏنو ويو ته صنعتي ڦيٿو رڪجي سگهي ٿو ڪراچي چيمبر جي اڳوڻي صدر جاويد بلواڻي چيو ته وزيراعظم کي خط موڪليو ويو پر ڪو به جواب نه مليو پرڏيهه ۾ ڪاروبار ڪرڻ هاڻي پاڪستان کان وڌيڪ آسان ٿي ويو آهي، حڪومت صورتحال کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي نارٿ ڪراچي ايسوسيئيشن جي صدر فيصل معيز چيو ته هر معاملي تي آءِ ايم ايف جو دٻاءُ جائز آهي جڏهن ته ملڪ جي صنعت هن پاليسي مان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهي آهي ڪاروباري اڳواڻن جو چوڻ آهي ته موجوده صورتحال صنعتن جي بند ٿيڻ جو خطرو وڌائي ڇڏيو آهي ۽ جيڪڏهن حڪومت فوري قدم نه کنيا ته معاشي بحران وڌيڪ ڳنڀير ٿي سگهي ٿو.

بقايا 46 قتل

ڪرڻ سبب قتل ٿي ويو سندس لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ اسلم جي نالي سان ٿي شروعاتي طور تي ٻڌايو ويو آهي ته ٻن نشي جي عادين جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو ۽ محمد علي نالي هڪ شخص جهيڙي دوران اسلم جي مٿي تي سيمينٽ بلاڪ سان وار ڪيو جنهن جي ڪري سندس موت واقع ٿيو پوليس موقعي تي پهچي قتل ۾ ملوث جوابدار محمد علي کي گرفتار ڪري ورتو.

بقايا 47 ماري انرجيز

ڦازيع مان تيل ۽ گئس جا نوان ذخيرا ڪاميابي سان دريافت ڪيا ويا آهن ڪمپني موجب ڦازيع CFB-1 کوهه ۾ کوٽائي جو عمل 12 سيپٽمبر تي شروع ڪيو ويو جنهن دوران 1,195 ميٽر گهرائي تائين زمين جي سٿي پرت تائين پهچايو ويو. خط ۾ چيو ويو آهي ته کوهه مان روزانو 305 بئرل خام تيل ۽ لڳ ڀڳ 3 ملين ڪعبي فٽ قدرتي گئس حاصل ٿي رهي آهي. ڪمپني موجب کوهه جو ويل هيڊ فلو پريشر 225 پائونڊ في چورس انچ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. ماري انرجيز لميٽيڊ جو چوڻ آهي ته ڦازيع CFB-1 کوهه ۾ ڪمپني جي 100 سيڪڙو ملڪيت آهي.

بقايا 48 گرفتار

35 ڊي ۾ مسجد اقصيٰ ويجهو ٿيل جٽني پوليس جي فائرنگ ۾ هڪ ڦورو زخمي ٿي پيو کيس گرفتار ڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو پر هو علاج دوران فوت ٿي ويو پوليس موجب مارجي ويل ملزم جي سڃاڻپ نور الاسلام عرف سوميا جي نالي سان ڪئي وئي آهي، جڏهن ته سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن مقابلي دوران سندس هڪ ساٿي موقعي تان فرار ٿي ويو ۽ ان جي ڳولا ڪئي پئي وڃي. ٻيو واقعو ماڊل ڪالوني علائقي ۾ هڪ قبرستان جي ويجهو ٿيو جتي پوليس مقابلي ڪانپوءِ ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ذريعن موجب ٻنهي زخمين کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انهن جي سڃاڻپ فريد ۽ ڪاشف جي نالي سان ڪئي وئي، پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان به پستول نقد رقم، موبائل فون ۽ هڪ هاءِ روف گاڏي هٿ ڪئي وئي آهي.

بقايا 49 احتجاج

ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن عورت زليخان بوهڙ پنهنجي پوٽرن زين، محمد سميع ۽ محمد انس بوهڙ سان گڏجي ڏانهيندي چيو ته منهنجي مڙس ڪريم بخش مون سان شادي ڪرڻ سميت ٻي عورت منور خاتون بوهڙ سان شادي ڪئي جنهن مان کيس 5 پٽن ۽ 4 نياڻين جو اولاد آهي جڏهن ته مون کي پنهنجي مڙس مان هڪ پٽ ۽ 3 نياڻين جو اولاد آهي هن الزام لڳايو ته ڪجهه عرصو اڳ مڙس مون کي ديهه بوهڙ ۾ ساڍا 19 جريب زرعي زمين ڏني هئي جنهن تي منهنجو پٽ محمد خان بوهڙ مختلف فصل ڪري اسان گهر ڀاتين جي ڪفالت ڪندو آهي هن الزام لڳايو ته اڳ ڄاوا پٽن صدام شاهنواز بوهڙ سميت غلام مصطفيٰ ۽ نجيب الله بوهڙ وارن زبردستي منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو هينئر مڙس ۽ اڳ ڄاون پٽن جي چرچ تي گوٺ جي بااثرن فدا حسين، خدن، غني بوهڙ سميت ٻين اڄ منهنجي پٽ محمد خان کي تشدد جو نشانو بڻائي جريب ٻني جو ان ڪٽي ويا، هينئر اڳ ڄاوا پٽ ۽ باثر مائٽ اسان کي زرعي زمين جي مالڪي تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي ناجائزي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي باثرن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

افغان پناهگيرن جي واپسي: قومي مفاد ۾ حڪومتي عزم جو اظهار
صفحو 4

شرجيل انعام ميمڻ
صفحو 4
18 آڪٽوبر- پُرامن عوامي بيداريءَ جو علامتي ڏينهن

نصابي ڪتابن ذريعي انسانيت جو شعور!
مير قائم خان ٽالپر
صفحو 4

مختيار انڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن ..... 18 آڪٽوبر

مٽياري ضلعي ۾ بينظير انڪم سپورٽن جي قسط اينڊي ٽي ايجنٽ مافيا سرگرم

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط مان ڊوائس هولڊرن پاران ايجنٽن معرفت ڪٽوتي جاري

في عورت ڪان هزار ڪان 1500 سؤ روپيه بي خوف ڪٽوتي جاري، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا خاموش تماشائي بڻيل

ٽنڊو شاهه، نيوسعيدآباد، مٽياري، سيڪاٽ ۾ ڪلئي عام قسط جي رقم ۾ ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي، ايڪشن ڪنيو وڃي: مستحق عورتون

هالا (ن ع) مٽياري ضلعي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاران جاري ٿيندڙ قسط ۾ ڊوائيس مافيا هولڊرس پاران مٽياري، سيڪاٽ، ٽنڊو شاهه نيوسعيدآباد، ڪيبڙاڏيرولال ۽ آسپاس ۾ في عورت ڪان هزار ڪان 1500 سؤ روپيه بي خوف ڪٽوتي ڪري ڪلئي عام ڪرپشن ڪئي پئي وڃي جنهن ۾ انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته نجي موبائيل ڪمپني جي ايجنٽ پاران جاري ڪيل ڊوائيسز پنهنجي من پسند ماڻهن کي جاري ڪري خود ۽ ايجنٽ مافيا لکين روپيه لٽڻ لڳا. ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته ڊوائيس مافيا پاران ڪٽوتي ڪرڻ تي باقائده پوليس انتظاميه ۽ بي آئي ايس پي آفيسرن کي به هزارين روپيه ڏيئي خاموش ڪرائي ڇڏيو آهي اهڙي اطلاع تي ميڊيا ٽيم پاران ڪيل دؤري دوران هالا ۾ جاري ٿيندڙ قسط جي رقم ۾ ميڊيا جي شڪايت تي بي آئي ايس پي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سجاد ۽ وسيم بنا ڊوائيس هولڊرس کي ڪٽوتي نه ڪرڻ لاءِ پابند بڻائي معمولي سختي ڪئي ۽ سوين عورتن کي بنا ڪٽوتي جي پيسا ڏيارايا هوڏانهن جڏهن ته ٽنڊو شاهه نيوسعيدآباد، مٽياري، سيڪاٽ ۾ ڪلئي عام قسط جي رقم ۾ ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جنهن تي سول سوسائٽي مذهبي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن اظهار تشويش ڪندي چيرمين بي آئي ايس پروگرام ۽ ٻين بالاحڪام ڪان بي آئي ايس پي قسط کي صاف شفاف بنائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي

هالا: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط مان ڊوائيس هولڊرن پاران ايجنٽن معرفت ڪٽوتي جاري

عثمان شاهه هڙپي ۾ آزاد مگسي اتحاد جا ۾ حمايتي پ پ ۾ شامل

بشير احمد دلپوٽو ۽ شمن ڪلهوڙو جي ثمر حسن شاهه رضوي سان ملاقات

پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هر ماڻهو لاءِ دروازا کليل آهن: ثمر حسن شاهه رضوي

عثمان شاهه هڙپي(ماڇلائي وٽان) عثمان شاهه هڙپي جي يوسي هنگوراڻي جي ڳوٺ لوڙنگ دلپوٽا ۾ آزاد مگسي اتحاد جي بن اهم حمايتي شخصيتن بشير احمد دلپوٽو ۽ شمن ڪلهوڙو رضوي هائوس ۾ پي پي پي ايم پي اي سيد ضياء عباس شاهه رضوي جي فرزند سيد ثمر حسن شاهه رضوي سان ملاقات ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪئي پي پي اڳواڻ سيد ثمر حسن شاهه رضوي چيو ته پيپلز پارٽي ملڪ جي وڏي عوامي جماعت آهي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هر ماڻهو لاءِ دروازا کليل آهن پي پي پي هميشه عوام جي خوشحالي لاءِ جاکوڙيو آهي ان موقعي تي مقامي پ پ اڳواڻ وڏيرو محمد انور ميرجت ڪامريڊ محرم خاصخيلي محمد قاسم ڪالرو پڻ موجود هئا

عثمان شاهه هڙپي: بشير احمد دلپوٽو ۽ شمن ڪلهوڙو جي ثمر حسن شاهه رضوي سان ملاقات

مقصودو رند ۾ ايف آئي آر جي چاپي جي خوف ڪان بي آئي ايس پي جي قسط هلي نه سگهي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جي انتظار ۾ سينٽر اڳيان ويٺل سوين عورتون دربدر ٿي ويون

اسان پئسن جي انتظار ۾ صبح ڪان سينٽر اڳيان ويهي ويهي بيزار ٿي ويون آهيون ۽ ڊوائيس وارا قسط جا پئسا نه ٿا ڏين: عورتون

ڊوائس هولڊر ۽ مقصودو رند پوليس ايف آئي اي جي خوف سبب قسط نه ٿي هلائي، ڪٽوتي ڪرڻ لاءِ هي سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن

مقصودو رند(ن ع) ايف آئي اي جي ٽيم جي چاپي جي خوف ڪان ڊوائس هولڊرن ۽ پوليس پاران مقصودو رند ۾ بي آئي ايس پي جي قسط هلي نه سگهي پوليس ۽ ڊيوائس هولڊرن جي من ماني بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جي انتظار ۾ سينٽر اڳيان ويٺل سوين عورتون دربدر صبح ڪان پئسن جي انتظار ۾ ويٺل مستحق عورتون ويهي ويهي موٽي ويون بي آئي ايس پي ڊي ايم بنا موقف ڏيڻ جي روانو خبر موجب مقصودو رند ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط هلي نه سگهي سوين مستحق عورتون سينٽر اڳيان صبح ڪان شام تائين ويهي ويهي موٽي ويون پوليس ۽ ڊوائيس هولڊرن کي پٽيون ۽ پاراتا ان حوالي سان مستحق عورتن سينٽر اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته اسان پئسن جي انتظار ۾ صبح ڪان سينٽر اڳيان ويهي ويهي بيزار ٿي ويون آهيون ۽ ڊوائيس وارا قسط جا پئسا نه ٿا ڏين ڊوائس وارا چون ٿا لنڪ ڊائون آهي اسان سخت پريشان آهيون ڊوائس ۽ پوليس پنهنجي من ماني ڪري ويٺا آهن ڊوائس هولڊر ۽ مقصودو رند پوليس ايف آئي اي جي خوف سبب قسط نه ٿي هلائي هنن کي خوف آهي ته ايف آئي اي جي ٽيم ڪٽوتي ڪرڻ نه ڏيندي هنن سان ڊي ايم پڻ مليل آهي ڪٽوتي ڪرڻ لاءِ هي سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن اسان جي اپيل آهي اعلا اختيارين کي ته بنا ڪٽوتي جي اسان کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جا پئسا ڏنا وڃن

مقصودو رند: مقصودو رند ۾ ايف آئي اي جي چاپي جي خوف ڪان بي آئي ايس پي جي قسط هلي نه سگهي

ميرپور ماٿيلي جي رهواسي جو بااثرن خلاف سکر ۾ احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) ميرپور ماٿيلي جي رهواسي بشير احمد حيدراڻي ڳوٺ جي بااثر ماڻهن طرفان مبينا ظلم زيادتين ۽ ناانصافين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري دوران متاثر شخص اعليٰ اختيارين ڪان فوري تحفظ ۽ انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو.تفصيل موجب بشير احمد حيدراڻي جيڪو حيدراڻي برادري سان تعلق رکي ٿو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سندس پاڙي جا سڀ ماڻهو پنهنجي گهرن جي باهران ڪيترائي فوٽ جڳهه والاري تعميرون ڪري چڪا آهن ۽ جڏهن هن به پنهنجي گهر جي اڳيان لڳ ڀڳ چار فوٽ جڳهه والاري گيٽ لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پاڙي جا بااثر ماڻهو ڪيس هراسان ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏنيون.متاثر شخص موجب، هن شڪايت ڳوٺ جي وڏيري وٽ ڪئي، جنهن سڀني ڌرين کي سڏي معاملي جي ٻڌڻي ڪئي ۽ انصاف تي ٻڌل فيصلي ۾ بشير احمد جي حق ۾ فيصلو ڪندي کيس اجازت ڏني ته هو پنهنجي جڳهه تي گيٽ لڳائي سگهي ٿو.بشير احمد حيدراڻي جو چوڻ هو ته وڏيري جي فيصلي باوجود بااثر ماڻهو کيس مسلسل ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ سندس خاندان کي خوف ۽ هراسان ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.هن ڊي سي سکر، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان اپيل ڪئي ته فوري طور نوٽيس وٺي کيس تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ امن ۽ سلامتي سان زندگي گذاري سگهي.احتجاج دوران بشير احمد جو چوڻ هو ته جيڪڏهن کيس فوري انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته هو پنهنجي گهرڀاتين سميت انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي ويندو.

خيرپور جي ڊي ايڇ او پاران روول هيلٿ سينٽر هنگورجا جو دورو

خيرپور (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه پاران روول هيلٿ سينٽر هنگورجا جو دورو ڪيو ويو.دوري دوران ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه پاران اي پي آءِ شعبي، پوليو مهم سميت اسپتال جي مختلف شعبن جو جائزو ورتو مريضن کي ملندڙ سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ ڊيوٽي تي موجود عملي سان ملاقاتون پڻ ڪئي.ڊي ايڇ او عملي کي هدايت ڪئي ته مريضن سان بهتر رويو رکيو وڃي ۽ علاج جون سهولتون وڌيڪ بهتر بڻايون وڃن. هن صفائي سٿرائي، دوائن جي فراهمي ۽ ايمرجنسي وارڊ جي ڪارڪردگي کي اطمينان بخش قرار ڏنو.ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه چيو ته ضلعي جي سڀني اسپتالن ۾ صحت جي سهولتن جي بهتري لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن عوام کي سندن در تي علاج جون سهولتون مهيا ٿي سگهن. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر تابش قل ۽ ٻيا موجود هئا.

ڊويزنل ڪمشنر سکر پاران سول اسپتال سکر جو اوچتو دورو

دوري دوران اسپتال ۾ مريضن کي ملندڙ طبي سهولتن جو جائزو ورتو

مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ علاج معالجي جي سهولتن بابت ڪاڻئن

سکر(بيورو رپورٽ) ڊويزنل ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي سول اسپتال سکر جو اوچتو دورو ڪيو هن دوري دوران اسپتال ۾ مريضن کي ملندڙ طبي سهولتن جو جائزو ورتو ۽ مسئلن بابت معلومات پڻ ورتي انهيءَ موقعي تي پرنسپل جي ايم ايم سي ٽيچنگ اسپتال سکر ڊاڪٽر صالح محمد چنه، ايڊيشنل ايم ايس ڊاڪٽر الطاف اعوان سميت ٻيا ڊاڪٽر ۽ صحت کاتي جا عملدار پڻ موجود هئا. ڪمشنر سکر عابد سليم اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪري فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن جو جائزو ورتو دوري دوران هن مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ علاج معالجي جي سهولتن بابت ڪاڻئن معلومات پڻ ورتي هن اسپتال انتظاميا کي مريضن جي سار سنڀال ۾ بهتري آڻڻ تي زور ڀريو اسپتال جي دوري دوران ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم اسپتال جي احتجاج تي ويٺل هائوس جاب ڪندڙ ڊاڪٽرن سان پڻ مليو ۽ سندن رڪيل ماهوار وظيفي/ پگهارن واري مسئلي کي هڪ ٻن ڏهاڙن اندر حل ڪرائڻ جي خاطري پڻ ڪرائي انهيءَ بعد ڪمشنر سکر اسپتال جي ليبارٽري سيڪشن ۾ سي ٽي اسڪين ۽ ايم آر آئي مشينن جو پڻ معائنو ڪيو ۽ مشينن جي فعالي بابت پڇا پڻ ڪئي

سکر: ڊويزنل ڪمشنر سکر پاران سول اسپتال سکر جو اوچتو دورو

ڪڏاپ ۾ ميونسپل ڪمشنر پاران پوليو جي خاتمي واري مهم جو دورو

پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ لاءِ ڦڙا پيارايا ويا

پوليو جي خاتمي لاءِ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: محمد نواز مهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ ۾ جاري پوليو جي خاتمي واري مهم دوران ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر يوسي گڏاپ ۽ يوسي شاهه مريد جو دورو ڪيو جتي هن پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ لاءِ ڦڙا پيارايا ۽ مهم جي سرگرمين جو تفصيلي جائزو ورتو. ان موقعي تي چيف ميڊيڪل آفيسر گڏاپ ٽائون ڊاڪٽر لبنيٰ مقبول، ڊپٽي ڊائريڪٽر سينيٽيشن محمد افضل لغاري، مختيارڪار سب ڊويزن شاهه مريد غلام شبير، صحت کاتي جا آفيسر، ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ مقامي رضاڪار پڻ موجود هئا. ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي لازمي طور پوليو جا ڦڙا پيارين، جيئن ايندڙ نسل کي هن موذي مرض کان محفوظ بڻائي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته گڏاپ ٽائون ۾ انسدادِ پوليو مهم ڪاميابي سان جاري آهي، ٽيمون گهر گهر وڃي ٻارن کي ويڪسين پيارين پيون. بلدياتي عملي ۽ صحت کاتي جي گڏيل تعاون سان گڏاپ ٽائون جي سڀني علائقن کي پوليو فري بڻائڻ لاءِ سرگرميون تيز ڪيون وڃن آهن. ان موقعي تي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ پنهنجي پيغام ۾ چيو ته پوليو جو خاتمو سنڌ حڪومت جي بهرين ترجيح آهي. گڏاپ ٽائون جي انتظاميا، صحت کاتي ۽ سموري فيلڊ اسٽاف کي گهرجي ته هو هن مهم کي قومي ذميواري سمجهي مڪمل ايمانداريءَ سان ڪامياب ڪن. هن والدين کي اپيل ڪندي چيو ته پنهنجي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا ضرور پيارين، جيئن گڏاپ ٽائون کي پوليو فري علائقن ۾ شامل ڪري سگهجي. ان موقعي تي يوسي گڏاپ جو سيڪريٽري زمان خاصخيلي، يوسي شاهه مريد جو سيڪريٽري امتياز بلوچ، آفيس سپرنٽينڊنٽ رضا رضوي ۽ ٻيا به موجود هئا.

دوڙ اسپتال جي انچارج رمضان شاهه خلاف مظاهرو

دوڙ (ن ع) دوڙ ايس ٽي پي پاران روول هيلٿ سينٽر دوڙ اسپتال جي انچارج رمضان شاهه پاران مريضن سان غيراخلاقي رويو اختيار ڪرڻ خلاف اسپتال گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ايس ٽي پي ڪارڪنن پاران انچارج رمضان شاهه خلاف سخت نعريبازي دوڙ ايس ٽي پي تعلقي صدر ظفر بروهي نائب صدر طالب حسين ميراڻي، علي بخش لغاري، حبيب الله رستماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن اسپتال گيٽ سامهون ڌرڻو هڻي روول هيلٿ سينٽر اسپتال دوڙ جي انچارج ايم ايس رمضان شاهه خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته رمضان شاهه عورتن سان گڏ ويندڙ مريضن سان بداخلاقي ڪري غير مناسب رويو اختيار ڪيو آهي ان جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هنن چيو ته روول هيلٿ سينٽر اسپتال دوڙ جو انچارج رمضان شاهه پاڻ کي اسپتال جو بادشاهه سمجهي ويٺو آهي

سائفڪو قائم ٿيڻ کي 39 سال مڪمل ٿيڻ تي هڪ تقريب

تعليم، صحت، زرعي معيشت ۽ روزگار جا وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون وڌائڻ جو اعلان

ماڻهن جي مسئلن ۽ مشڪلاتن بابت سوچڻو ۽ ڪجهه ڪرڻو آهي: سليمان جي ابڙو

حيدرآباد (پ ر) سائفڪو قائم ٿيڻ کي 39 سال مڪمل ٿيڻ تي هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تعليم صحت ۽ روزگار جا وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون وڌائڻ جو اعلان ڪيو ويو. گڏريل ڏينهن سنڌ ايگريڪلچرل اينڊ فاريسٽري ورڪرس ڪوآرڊينيٽنگ آرگنائيزيشن (سائفڪو) جي 39هين سالگرهه تقريب هيڊ آفيس حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب کي خطاب ڪندي سائفڪو جي باني ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو سائفڪو جي شروعاتي دور ۾ محدود وسيلن دوران ڪيل جدوجهد ۽ ڪاميابين جو ذڪر ڪندي چيو ته اڄا اسان کي گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. ماڻهن جي مسئلن ۽ مشڪلاتن بابت سوچڻو ۽ ڪجهه ڪرڻو آهي وسيلا گهٽجي وڃڻ سان مشڪلاتون ته پيدا ٿينديون آهن پر پنهنجي جدوجهد جا نتيجا ڏسڻ سان ذهني سڪون ملندو آهي هن چيو ته معاشري جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ ماڻهن جي محنت ۽ سوچ ادارن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي ته انهن سان هزارين لڳين ماڻهو فائدو وٺندا آهن. اسان به اڄ سوچ ۽ ادراڪ سان سائفڪو جو ادارو قائم ڪيو منزل تي نظر ۽ ثابت قدمي هجي ته وسيلا ۽ ماڻهو پاڻمرادو ساٿ ڏيندا. پئسو مسئلي جو حل ناهي، پر سوچ ۽ عمل ماڻهن جي سوچ سان مطابقت رکي ته ڪاميابي يقيني بنجي وڃي ٿي هن چيو ته مستقبل ۾ ڪوڙ سارين تبديلين اچڻ پيون. جيسنائين پاڻ کي تبديل نه ڪنداسين تيسنائين دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي نه هلي سگهنداسين سائفڪو جي بانيءَ اينڊڙ وقت ۾ عورتن جي روزگار جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي، زراعت لاءِ باءِ پراڊڪٽ ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون وٺڻ، زراعت کي صنعت وارو درجو ڏيارڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ ۽ ڀهراڙين ۾ صحت صفائيءَ جي سهولتن ۽ قدرتي آفتن ڪان محفوظ رهائشي اسڪيمن لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو

حيدرآباد: سائفڪو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي سليمان ابڙو سيد سجاد علي شاهه ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪندي

سکر مائڪرو ڪالوني جي رهواسين جو احتجاج

شهرين سان غيرقانوني سلوڪ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان کي صرف اهو ٻڌايو وڃي ته اسان جو پٽ زنده آهي يا نه: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ)سکر مائڪرو ڪالوني جا رهواسي شيخ برادري سان واسطو رکندڙ عورتن ۽ مردن پوليس جي مبينا زيادتين ناانصافين ۽ شهرين سان غيرقانوني سلوڪ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاجي مظاهري ۾ داؤد شيخ، مسمات حاجيائي، محمد يونس هادي بخش شيخ ۽ ٻين ماڻهن شرڪت ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي بيٺل هئا، جن تي انصاف جي فراهمي ۽ گمشده نوجوان جي بازيابي لاءِ مطالبا لکيل هئا.مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سندن پٽ منظور احمد شيخ جيڪو محنت مزدوري ڪري پنهنجي گهر جو خرچ پورو ڪندو هو چار ڏينهن اڳ پراسرار نموني لاپتا ڪيو ويو. هنن ٻڌايو ته "چار ڏينهن اڳ رات جو جڏهن منظور احمد ڪم تان واپس گهر پهتو ته ٿوري دير بعد دروازي تي دستڪ ٿي. دروازو کولڻ تي پوليس جي وڏي نفري موجود هئي جنهن بغير ڪنهن سبب منظور احمد کي گرفتار ڪري ورتو ۽ اسان جي سامهون ئي کيس تشدد جو نشانو بڻايو.گهر وارن موجب جڏهن پوليس اهلڪارن کان گرفتاري جو سبب پڇيو ويو ته ڪين چيو ويو ته بي سيڪشن ٿاڻي تي اچي وڃي منظور احمد کي اتي منتقل ڪيو پيو وڃي." پر جڏهن هو ٿاڻي پهتا ته اتي موجود عملي ڪنهن به اهڙي ڪارروائي کان لاعلمي ظاهر ڪئي. بعد ۾ متاثر خاندان مختلف ٿاڻن تي پنهنجي پٽ جي ڳولا ڪئي، پر ڪٿي به سندس بابت ڪا ڄاڻ نه ملي.منظور احمد جي والد داؤد شيخ ٻڌايو ته "اسان جي پٽ جي گرفتاري کي چار ڏينهن ٿي چڪا آهن، پر ڪنهن به اداري سندس موجودگي ظاهر نه ڪئي آهي. اسان سخت ذهني اذيت ۾ آهيون. گهر جو واحد ڪفيل پٽ گم آهي، چار ڏينهن کان گهر جو چولهو ٿڌو پيو آهي. اسان فاقا ڪشي تي مجبور آهيون.خاندان الزام لڳايو ته هنن ايس ايس پي سکر سان به رابطو ڪيو پر اتي ۾ ڪين کو به اطمينان بخش جواب نه مليو.گهر وارن ۽ مظاهرين چيف جسٽس آف پاڪستان، وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان اپيل ڪئي آهي

سکر: شهرين سان غيرقانوني سلوڪ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٿر ۾ سوشل ڪوآپريشن انيشيٽو پاران هلندڙ مختلف پروجيڪٽن جو غير ملڪي وفد پاران دورو

جيسيڪا ايڊمز، انسيا سليم، شازيه نويد پاران نان فارمل سينٽرن جو تفصيلي دورو ڪري مقامي ماڻهن سان ملاقات

آگاهي ذريعي والدين کي اهو احساس ڏيارڻ پيو وڃي ته ڇوڪرين کي اسڪول موڪلڻ ڪيترو ضروري آهي: جيسيڪا ايڊمز

هنن ڪوششن سان نه رڳو ننڍي عمر ۾ شادين گهٽ ٿينديون، پر ڇوڪرين کي وڌيڪ تعليم ۽ زندگيءَ جون صلاحيتون به حاصل ٿينديون

مٺي (ڊ ر) ٿرپارڪر ۾ نياڻين جي تعليم ننڍي عمر ۾ شادين متعلق آگاهي ۽ مقامي ماڻهن کي خود ڪفيل بڻائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي اداري سوشل ڪوآپريشن انيشيٽو پاران هلندڙ مختلف پروجيڪٽن جو غير ملڪي وفد پاران دورو ڪيو ويو وفد ۾ جيسيڪا ايڊمز انسيا سليم شازيه نويد شامل هيون وفد پاران ڳوٺ سوياري پارمليو ۾ هلندڙ اسڪولن ڳوٺ ڪارسر ۾ هلندڙ نان فارمل سينٽرن ۽ سوياري ۾ اداري پاران روزگار خاطر ماڻهن کي ڪاروبار ڪولي ڏيڻ جو تفصيلي دورو ڪري مقامي ماڻهن سان ملاقات ڪئي ۽ نياڻين جي تعليم متعلق ڳوٺاڻن کي آگاهي ڏني ريڊ فائونڊيشن يوڪي جي ڊائريڪٽر آف ڪميونيڪيشن جيسيڪا ايڊمز موجب مقامي تنظيمون ۽ اين جي اوز گڏجي ڇوڪرين جي تعليم جي فروغ لاءِ سرگرم آهن ڪميونٽي ۾ آگاهي وڌائڻ سان والدين کي اهو احساس ڏيارايو پيو وڃي ته ڇوڪرين کي اسڪول موڪلڻ ڪيترو ضروري آهي. هنن ڪوششن سان نه رڳو ننڍي عمر ۾ شاديون گهٽ ٿينديون، پر ڇوڪرين کي وڌيڪ تعليم ۽ زندگيءَ جون صلاحيتون به حاصل ٿينديون. اڄ ان به هن پروگرام بهتر بڻائي رهيا آهيون سي اي او سوشل ڪوآپريشن انيشيٽو سجاد حسين ملڪ چيو ته اسان ٿرپارڪر ۾ نياڻين جي تعليم متعلق ڪم ڪري رهيا آهيون جي سرڪاري اسڪول آهن يا نان فارمل سينٽر انهن ۾ ڇوڪرين کي داخل ڪرايو وڃي ٿو مهينن ۾ نو سئو ڇوڪرين کي اسڪولن ۾ داخل ڪرايو آهي ۽ انهن کي اسٽيشنري ڏني انهن ۾ 200 ڇوڪرين جي والدين کي مالي سپورٽ طور ڪاروبار کولي ڏنو آهي جيئن اهي مالي طور مستحڪم ٿين ڇوڪريون تعليم يافته هونديون تڏهن ئي بهتري ممڪن آهي انهي موقعي تي ساڌو شڪيل رابعيہ اڪبر بجيس منيت ڪوڪن ڊاڪٽر اجئه نگجي سوڍو وڪيل قربان سميجو همٿو ڀيل ۽ ٻيا موجود هئا. جڏهن ته وفد جي پهچڻ تي مختلف ڳوٺن ۾ مقامي ماڻهن پاران لوڪ گيتن رقص ۽ هار پارائي آجيان ڪئي وئي

مٺي: سماجي تنظيم ايس سي آءِ پاران ٿر ۾ نياڻين جي تعليم بابت هلندڙ اسڪولن جو غير ملڪي وفد دورو ڪري رهيو آهي

موسيرڳوٺ ۾ گيس جي هفتن ۽ لوڊشيڊنگ، پريشر ۾ گهٽتائي ۽ ڳرا بل موڪل خلاف احتجاج

شهري تنظيم سياسي سماجي ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا، موسيرڳوٺ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

سوئي گيس وارن مهانگائي جي هن دور ۾ ڳرا بل موڪلي غريب ماڻهو جي زندگي مشڪل ڪري ڇڏي آهي: مظاهرين

پريشر بلڪل ناهي اسان کي صبح توڙي رات جي رڌپچاءَ ۾ سخت مشڪلاتون ٿين ٿيون، هٿ سان تنگ ڪيو وڃي ٿو

موسيرڳوٺ (ن ع) موسيرڳوٺ ۾ گيس جي هفتن لوڊشيڊنگ، ڳرا بل موڪلڻ ۽ گيس جو پريشر گهٽ هجڻ خلاف شهري توڙي سياسي سماجي ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا موسيرڳوٺ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو موسيرڳوٺ ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ پير بخش آرائين پورهيت مذاهمت ڪميٽي اڳواڻ ڪامريڊ گلزار لغاري، موسيرڳوٺ واسين ڪامران نونڊاڻي امتياز نونڊاڻي ،دلدار ترڪ ،محمد سليم حاڪم حاجاڻو منظور نونڊاڻي پاران سوئي سدرن گيس ڪمپني جي عملي پاران موسيرڳوٺ شهر ۾ هفتن گيس جي لوڊشيڊنگ، پريشر جي گهٽتائي ۽ ڳرا بل موڪلڻ خلاف پريس ڪلب موسيرڳوٺ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته سوئي گيس وارن مهانگائي جي هن دور ۾ ڳرا بل موڪلي غريب ماڻهو جي زندگي مشڪل ڪري ڇڏي آهي. هنن چيو ته موسيرڳوٺ ۾ هفتن گيس جي لوڊشيڊنگ جو آزار وڌيو آهي، پريشر بلڪل ناهي اسان کي صبح توڙي رات جي رڌپچاءَ ۾ سخت مشڪلاتون ٿين ٿيون هنن چيو ته موسيرڳوٺ جي گيس هٽ سان پرائيويٽ ماڻهو بند ڪن ٿا جنهن سبب موسيرڳوٺ واسي سخت پريشان آهن هنن چيو ته سياري کان اڳ ۾ ئي گيس جو پريشر ناهي غريب ماڻهو ڪاٺيون وٺي ٻاري گهر جو رڌپچاءَ ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

موسيرڳوٺ: گيس جي هفتن لوڊشيڊنگ پريشر ۾ گهٽتائي ۽ ڳرا بل موڪل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

واٽر مئنيجمنٽ کاتي جا ملازم ايماندار سان پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن: الطاف حسين ڦلپوٽو

خيرپور (ڊ ر) واٽر مئنيجمنٽ کاتي جي ضلعي آفيسر الطاف حسين ڦلپوٽو چيو ته واٽر مئنيجمنٽ کاتي جا ملازم ايماندار سان پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن هن چيو ته هن وقت واٽر مئنيجمنٽ جا ملازم سنڌ ريٽ سپورٽ پروگرام ۾ پنهنجون خدمتون ڏئي رهيا آهن خيرپور ضلعي اندر 90 سيڪڙو واٽر پڪا ٿي چڪا آهن جڏهن ته بجيٽ نه هجڻ ڪري واٽر پڪا ڪرڻ وارو ڪم رڪيل آهي هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته ضلعي جي آبادگارن کي پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ واٽر ڪورس پڪا ڪري انهن کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون واٽر ڪورس پڪا ڪرڻ سان زرعي پاڻي جي فراهمي ۽ ضايع ٿيڻ کان بچاءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن چيو ته واٽر ڪورس پڪا ڪرڻ سان نه فقط پاڻي جي بچت ٿئي ٿي پر زمين جي پوکائي ۾ به اضافو ٿئي ٿو جيڪو ضلعي جي زرعي پيداوار لاءِ فائدي مند آهي پر بجيٽ نه هجڻ سبب باقي واٽر ڪورس پڪا ڪرڻ وارو ڪم عارضي طور تي رڪيل آهي

سکر پوليس جي اهم ڪاروائي، 3 موٽر سائيڪل گرفتار

موٽر سائيڪل چوري ۾ ملوث ٽولي جا 3 ڪارندا گرفتار ڪيا ويا

مسروقه موٽر سائيڪل ۽ ماسٽر چابي هٿ ڪئي وئي آهي: پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جرائم پيشه عنصرن خلاف وڏي ڪاروائي ڪندي موٽر سائيڪل چوري ۾ ملوث ٽولي جا ٽي ڪارندا گرفتار ڪري ورتا. ڪاروائي ايس ايس پي سکر اظهر خان جي خاص هدايت تي ٿاڻو نيوپنڊ پوليس طرفان ڪئي وئي.پوليس موجب، ايس ايڇ او ٿاڻو نيوپنڊ پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪامياب ڪاروائي ڪندي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو جيڪي شهر جي مختلف علائقن ۾ موٽر سائيڪل چوري جي وارداتن ۾ ملوث هئا. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هڪ مسروقه موٽر سائيڪل ۽ ماسٽر چابي هٿ آئي.پوليس ترجمان موجب، گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ عبيدالله شيخ، علي عباس گدائي ۽ غلام مصطفيٰ عرف گل مير سومرو طور ٿي آهي. ڪيئي جوابدار ڪيترن ئي وارداتن ۾ پوليس کي گهربل هئا ۽ ابتدائي جاچ دوران انهن موٽر سائيڪل چوري ۽ ڏوڪڻ واري وارداتن جو اعتراف ڪيو آهي.پوليس موجب جوابدارن خلاف مقدمو داخل ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي ڪريمنل رڪارڊ جي تفصيل مختلف ٿاڻن مان حاصل ڪئي پئي وڃي. وڌيڪ جاچ دوران ٻين جوابدارن ۽ سندن نيٽ ورڪ بابت اهم انڪشاف ٿيڻ جو امڪان آهي.ايس ايس پي سکر اظهر خان ڪاروائي ۾ حصو وٺندڙ پوليس ٽيم کي سٺي ڪارڪردگي تي شاباش ڏيندي "سي سي ٿري" ڏيڻ جو اعلان ڪيو. هن چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ سکر پوليس هر سطح تي سرگرم آهي ۽ جرائم پيشه عنصرن خلاف ڪارروائيون بنا امتياز جاري رهنديون.

زمين تان قبضو ختم ڪرايو: ٺري ۾ سيلارجا واسي جو احتجاج

ٺري ميرواه (ن ع) سيلارجا ۾ شعيب راڄپر احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته ڳوٺ جي بااثر ماڻهن سندس زمين تي زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ ڪوڙا ڪاتا ڏاهي پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيا آهن سيلارجا پرسان ڳوٺ لعلو واري قبر جي رهائشي شعيب راڄپر صحافين آڏو دانهيندي چيو ته بااثر ماڻهن کان زمين واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ته انهن انتقامي ڪارروائي ڪندي سندس گهر تي حملو ڪري باهه ڏئي ڇڏي، جنهن سبب گهر جو سمورو سامان سڙي خاڪ ٿي ويو هن چيو ته واقعي متعلق سيلارجا پوليس کي اطلاع ڪيو ويو پر پوليس به بااثرن سان ٺهيل آهي بااثرن خلاف ڪا به قانوني ڪارروائي نه ڪئي جنهن سبب اسان جي زندگين کي خطرو آهي متاثره ڳوٺاڻي الزام هنيو ته بااثرن علي ڏنو راڄپر،احمد خان،پنهل خان ،عبدالحميد ۽ ٻين اسان جي زمين تي قبضو ڪري ويٺا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي حراسان ڪري رهيا آهن متاثر شعيب راڄپر ڊي آءِ جي سکر،ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي، ڪوڙا ڪاتا ختم ڪري زمين اصل مالڪن حوالي ڪئي حوالي ڪرائي وڃي

مقصودو رند لڳ ڳوٺ حاجي رند واسي زوار دلدار علي جو نوجوان پٽ فوت

مقصودو رند(ن ع) مقصودو رند ويجهو ڳوٺ حاجي رند جي رهواسي زوار دلدار علي رند جو نوجوان پٽ 17 سالہ عرفان علي رند مليريا وگهي فوت ٿي ويو نوجوان نيٽنگر جي فوت ٿيڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته ڳوٺ ۾ سوڳ ڇانئجي ويو واضح رهي ته مقصودو رند ۽ پرپاسي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي پر مڇرمار اسپري نه ٿيڻ سبب مليريا جي مرض ۾ رهواسي مبتلا ٿي رهيا آهن هتان جي رهواسين فوري طور مڇرمار اسپري ڪرائڻ ۽ مليريا جي خاتمي لاءِ صحت کاتي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

سکر پوليس طرفان سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون

ڪامياب ڪارروائي ڪندي 8 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو 16 بوتلون شراب برآمد

جوابدارن خلاف منشيه ايڪٽ 3/4 PEHO تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايڇ او اي سيڪشن ٿاڻو مخفي اطلاع تي ورڪشاپ روڊ ويجهو ڪامياب ڪارروائي ڪندي 8 جوابدارن کي گرفتار ڪيو جن جي قبضي مان 16 بوتلون شراب برآمد ڪيون ويون. گرفتار جوابدارن ۾ شمشاد سومرو رفيق جتوئي ڪامران جتوئي راشد دايو بشير اعوان سمير رضا دايو محمد جنيد ملڪ ۽ فيروز پٺاڻ شامل آهن. پوليس موجب، جوابدارن خلاف منشيه ايڪٽ PEHO 3/4 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي جيئن منشيه جي هن نيٽ ورڪ ۾ ملوث ٻين ماڻهن تائين به پهچ حاصل ڪئي وڃي. ترجمان سکر پوليس موجب، ايس ايس پي سکر اظهر خان پوليس پارٽي کي ڪامياب ڪارروائي تي شاباش ڏيندي چيو آهي ته شهر ۾ منشيات فروشي، شراب نوشي ۽ ٻين سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رهندو. هن سڀني ٿاڻن کي هدايت ڪئي آهي ته اهڙين سرگرمين خلاف بغير ڪنهن فرق جي ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن. پوليس اختيارين موجب، سکر پوليس عوامي سهڪار سان شهر کي منشيه ۽ ڏوهن کان پاڪ بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي.

سکر: پوليس طرفان سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون

ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي چونڊ، عبرت رپورٽر نائب صدر منتخب

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي ساليانا 26-2025 جي چونڊ ۾ سينئر صحافي غلام نبي ڪيريو بنا مقابلي صدر ۽ روزانه عبرت جو ڊسٽرڪٽ رپورٽر ذوالفقار چانڊيو نائب صدر چونڊجي ويو ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي هن سالن 26-2025 جي چونڊن ۾ بنا مقابلي صدر غلام نبي ڪيريو سينئر نائب صدر محمد صديق چيهو نائب صدر ذوالفقار چانڊيو جنرل سيڪريٽري مظفر رند، خزانچي امتياز مگريو جوائنٽ سيڪريٽري عامر جان ۽ پريس سيڪريٽري ساحل اياز کي چونڊيو ويو جڏهن ته يونين آف جرنلسٽ لاءِ صدر محمد رمضان شورو نائب صدر جبار بلوچ، جنرل سيڪريٽري زاهد قريشي جوائنٽ سيڪريٽري عمر شريف، اليڪٽرانڪ ميڊيا ايسوسيئشن لاءِ صدر راڻو غلام حسين، نائب صدر عبدالحفيظ ميمڻ جنرل سيڪريٽري منير بروهي جوائنٽ سيڪريٽري سعيد شيخ ۽ پريس ڪلب جي گورننگ باڊي لاءِ عبدالڪريم شيخ جميل ميمڻ قاضي شمس بانبڻ شعيب ڪيريو غلام قادر شورو شهروز ڪريم کي چونڊيو ويو پريس ڪلب جي آڊيٽوريم هال ۾ اليڪشن ڪميٽي جي ميمبرن انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي جي چانسلر ڊاڪٽر محمد اقبال ميمڻ سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر جي ايم گل جي نگراني ۾ چونڊ مرحلي ڪامياب چونڊجي آيل عهديدارن کان حلف ورتو ويو جنهن ۾ نون چونڊجي آيل عهديدارن تقريب کي مخاطب ٿيندي چيو ته صحافتي فرائض پنهنجي ايمانداري سان ادا ڪندي

سکر ۾ وڌندڙ بدامني تي جمعيت علماءِ اسلام سٽي سکر جو اظهارِ تشويش

علما ڪرامن جي جامعه حماديه منزل گاهه ۾ اهم ويهڪ، احتجاجي مهم هلائڻ جو اعلان

ڏوهاري ڏينهن ڏٺي وارداتون ڪري بنا ڪنهن ڏڪيائيءَ جي فرار ٿي وڃن ٿا: اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ)سکر ۾ وڌندڙ بدامني تي جمعيت علماءِ اسلام سٽي سکر جو اظهار تشويش، علما ڪرامن جي جامعه حماديه منزل گاهه ۾ اهم ويهڪ — سماجي برائين ۽ ڏوهن خلاف احتجاجي مهم هلائڻ جو اعلان تفصيل موجب، جمعيت علماءِ اسلام سٽي سکر جي اڳواڻن مولانا مفتي سعود افضل هاليجاوي، مولانا محمد عابد سنڌي قاري لياقت علي مگل، مولانا مفتي قمرالدين ملاح مولانا امان الله سڪروي، مفتي محمد اعظم مهر مولانا محمد رفيق بنڌاڻي ۽ ٻين علما ڪرامن ۽ اڳواڻن جي صدارت ۾ جامعه حماديه مدرسه منزل گاهه سکر ۾ هڪ اهم ويهڪ منعقد ٿي.ويهڪ دوران شهر ۾ وڌندڙ بدامني، ڦرن ڌاڪيتين ۽ سماجي برائين تي ڳري تشويش جو اظهار ڪيو ويو. اڳواڻن چيو ته سکر شهر بدامني جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي. شهرين جي جان ۽ مال محفوظ ناهي. جڏهن ته ڏوهاري ڏينهن ڏٺي وارداتون ڪري بنا ڪنهن ڏڪيائيءَ جي فرار ٿي وڃن ٿا. جيڪو پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي وڏو سوال آهي.علما ڪرامن چيو ته شهر ۾ منشيات، شراب ۽ مضر صحت شين جي کليل وڪري سماج جي تباهيءَ جو سبب بڻجي رهي آهي جنهن جي جمعيت علماءِ اسلام سخت مذمت ڪري ٿي.ويهڪ ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته سکر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ سماجي برائين خلاف جلد هڪ منظم احتجاجي مهم هلائي ويندي جيئن عوامي سطح تي بيداري پيدا ٿئي ۽ حڪومت ۽ انتظاميا پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪري.

ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ حيدرآباد شڪايتن جو نوٽيس ورتو

ڊاڪٽر نوبت خان ڪوسو پاران چوپايومال ۾ بيمارين جي شڪايتن تي ٿر جو هنگامي دورو

ضلع اندر هلندڙ ويڪسينيشن مهم ۽ بيمارين جي روڪٿام بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو

مٺي (ڊ-ر) ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ حيدرآباد شڪايتن جو نوٽيس ورتو ٿرپارڪر جو دورو ٽيڪنيڪل ٽيمن جي ڪم جو جائزو اسپتالن جو اوچتو دورو.ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ، حيدرآباد ڊاڪٽر نوبت خان ڪوسو پاران ضلعي ٿرپارڪر هلندڙ چوپايومال ۾ بيمارين جي شڪايتن تي ٿر جو هنگامي دورو ٽيڪنيڪل ٽيمن سان گڏجاڻي جنهن ۾ ضلع اندر هلندڙ ويڪسينيشن مهم ۽ بيمارين جي روڪٿام بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ هنگامي بنيادن تي هدايتون جاري ڪيون ۽ هر تعلقي ۾ ٽيڪنيڪل ٽيمن کي تشڪيل ڏئي مختلف ڳوٺن ۾ اماڻيو ويو ته جيئن جانورن جي صحت بابت بهتر قدم کنيا وڃن. ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ، ڊويز انويسٽيگيشن آفيسر سنڌ حيدرآباد عبدل منان ڪوڪر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينيمل هسبينڊري ٿرپارڪر ڊاڪٽر اجئه ڪمار روپاڻي سان گڏجي مختلف ڳوٺن جا دورا ڪيا جتي مالوندن سان ملاقاتون ڪري چوپائي جانورن جي صورتحال بابت معلومات ورتي. جاري مهم جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ سان گڏ مختلف اسپتالن جو اوچتو دورو ڪري ٽيڪنيڪل عملي کي وڌيڪ فعال بڻائڻ تي زور ڏنو دوري دوران سڀني ويٽرنري اسپتالن ۽ ٽيڪنيڪل ٽيمن کي الرٽ رهڻ، جانورن ۾ بيمارين جي اڳواٽ بچاءَ لاءِ موثر اپاءَ وٺڻ ۽ روزانو بنيادن تي رپورٽون جمع ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري سنڌ هدايت ڏني ته فيلڊ ۾ عملي جي موجودگي ۽ سرگرميءَ سان ئي بيمارين تي ڪنٽرول ممڪن آهي.

آغا سراج دراڻي سان پائرن جهڙو تعلق رهيو آهي: غلام قادر مري

پيپلزپارٽي ۾ گڏ ڪم ڪيوسين هن عوام جي بي لوث خدمت ڪئي

وچوڙي تي دلي ڏک پهتو آهي سندس خال ڪڏهن به پرجي نه سگهندو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) اڳوڻي اسپيڪر مرحوم آغا سراج دراڻي سان 1967 کان پائرن جهڙو تعلق رهيو آهي پارٽي ۾ گڏ ڪم ڪيوسين هن عوام جي بي لوث خدمت ڪئي آغا سراج دراڻي انسان دوست شخصيت هو سندس وچوڙي تي دلي ڏک پهتو آهي سندس خال ڪڏهن به پرجي نه سگهندو اهڙي خيالن جو اظهار پ پ سينئر اڳواڻ رئيس غلام قادر مري دراڻي هائوس ۾ تعزيت ڪرڻ بعد ڳالهائيندي چيو ته آغا سراج دراڻي هميشه پارٽي سان سچو ۽ گڏ رهيو سندس پارٽي لاءِ ڏنل قربانين ۽ خدمتن کي سنهري لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو پاڻ ڪيترائي دفا صوبائي وزير سميت اسپيڪر پڻ رهيو ۽ آخري وقت تائين عوامي خدمت جاري رکي هن وڌيڪ چيو ته آغا سراج دراڻي جي وچوڙي بعد پارٽي ۾ وڏو خال آيو آهي اهڙا انسان دوست ماڻهون صدين ۾ پيدا ٿين ٿا هن هميشه پنهنجي ٽڪ جي عوام جي ڀرپور خدمت ڪئي جنهن کي عوام ڪڏهن به وساري نه سگهي اسين هن ڏک جي گهڙي ۾ پونئيرن سان برابر جا شريڪ آهيون

هالا ۽ آسپاس ۾ هڪ ٺڳيندڙ گروهه سرگرم ٿي ويو

ڪچهرين جا بهانا ٻڌائي ڪري موبائيل هزارين روپيه نقدي ۽ قيمتي شيون ڦر ڪري فرار

شهرين پاران فوري نوٽيس وٺي عوام کي ٺڳيندڙ گروهه کان نجات ڏيارڻ جو مطالبو

هالا (ن ع) هالا ۽ آسپاس ۾ هڪ ٺڳيندڙ گروهه سرگرم ٿي ويو آهي جنهن مختلف وقتن تي ڪڏهن گهرن ۾ پنڻ جي بهاني عورتون ۽ مرد ته ڪڏهن مختلف هوٽلن بسن پبلڪ پارڪن ۾ ڪچهرين جا بهانا ٻڌائي ڪري موبائيل،هزارين روپيه نقدي،قيمتي شيون ڦر ڪري فرار ٿي وڃن ٿا اهڙا واقعا نامعلوم ٺڳيندڙ گروهه گهر ۾ داخل ٿي لکين روپين جي ڦر ڪئي جنهن کي هالا ٿاڻي جي ايس ايڇ او ٺارو پٽي گروهه کي نوشهروفيروز مان نامعلوم بااثر شخصيت جي معرفت ڦر ٿيندڙ لکين روپين جو سامان واپس ڪرايو ليڪن ٺڳيندڙ گروهه کي گرفتار نه ڪيو ، شهرين ،سياسي سماجي تنظيمن آئي جي سنڌ پوليس

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن قمبر شهدادڪوٽ کي 20 لک گرانٽ جاري

گرانٽ ملڻ سان بار جا ڪيترائي مسئلا حل ٿيندا: وڪيل برادري ۾ سرهائي

گرانٽ بابت ٽرٽ بار جي گڏجاڻي ڪوٺائي عهديدارن ۽ ميمبرن جي صلاح سان خرچ ڪيا ويندا

شهدادڪوٽ(ڊ ر) وفاقي سرڪار جي انصاف ۽ قانون جي کاتي قمبر شهدادڪوٽ بار کي گرانٽ طور 20 لک جاري ڪري ڇڏيا آهن اهڙي قسم جي گرانٽ جاري ڪرڻ تي قمبر شهدادڪوٽ بار جي عهديدارن ۽ ميمبر وڪيلن سرهائي ڏيکاريندي چيو ته گرانٽ ملڻ سان بار جا ڪيترائي مسئلا حل ٿيندا ٻئي طرف قمبر شهدادڪوٽ بار جي ميمبرن ايڊووڪيٽ راجا رجب علي مگسي ۽ ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ چيو ته ضلعي بار جي قيادت اهل، مضبوط ۽ مخلص هٿن ۾ هجڻ ڪري بار ۽ ساٿي وڪيلن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ٿي رهيا آهن هوڏانهن ضلعي بار جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ٻڌايو ته وفاقي سرڪار جي گرانٽ بابت ٽرٽ بار جي گڏجاڻي ڪوٺائي عهديدارن ۽ ميمبرن جي صلاح سان شفاف نموني بار جي ساٿين تي خرچ ڪيا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙهي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
چنچر 18 آڪٽوبر 2025ع

افغان پناهگيرن جي واپسي: قومي مفاد ۾ حڪومتي عزم جو اظهار

پاڪستان جي وفاقي حڪومت جو اهو فيصلو ته ملڪ ۾ غير قانوني طور تي رهندڙ افغان پناهگيرن کي بنا ڪنهن وڌيڪ مهلت جي واپس موڪليو وڃي، هڪ انتهائي اهم ۽ وقتائتو قدم آهي، جيڪو نه رڳو قومي سلامتيءَ جي ضرورت آهي پر ملڪ جي معاشي ۽ سماجي استحڪام لاءِ به بنيادي اهميت رکي ٿو. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس ۾، جنهن ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سميت چئني صوبن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جا نمائندا شامل هئا، اهو واضح ڪيو ويو ته هاڻي ملڪ ۾ رڳو اهي افغاني رهندا، جن وٽ قانوني ويزا ۽ صحيح دستاويز موجود آهن.

پاڪستان گذريل چئن ڏهاڪن کان افغان پاڙن جي ميزباني ڪئي آهي هن ملڪ پنهنجي محدود وسيلن هوندي به لکين ماڻهن کي رهائش، روزگار، تعليم ۽ صحت جون سهولتون مهيا ڪيون. اهو دنيا ۾ مهمان نوازي ۽ انسانيت جو هڪ تاريخي مثال آهي، جنهن تي هر پاڪستانيءَ کي فخر آهي. پر هاڻي جڏهن عالمي ۽ علائقائي حالتون بدلجي چڪيون آهن، افغانستان ۾ نگران حڪومت قائم ٿي چڪي آهي ۽ امن جو امڪان وڌيو آهي ته پوءِ انهن ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس وڃڻ گهرجي. جن جو قانوني حيثيت سان هتي رهڻ جو جواز نه ٿو بڻجي. وزيراعظم شهباز شريف جو بيان ته "هاڻي وقت اچي ويو آهي ته افغان پاڙن جي باعزت ۽ محفوظ وطن واپسيءَ کي يقيني بڻايو وڃي"، هڪ ذميوار رياستي موقف جي عڪاسي ڪري ٿو. حقيقت ۾ حڪومت جو اهو فيصلو ڪنهن دشمني يا تعصب تي ٻڌل نه آهي پر ملڪ جي اندروني امن، معاشي استحڪام ۽ قانون جي بالادستيءَ لاءِ ضروري آهي. اجلاس دوران ڏنل بريفنگ موجب 16 آڪٽوبر 2025ع تائين لڳ ڀڳ 14 لک 77 هزار افغان شهري پنهنجي وطن واپس وڃي چڪا آهن، جڏهن ته باقي رهيل ماڻهن جي مرحلاوار واپسيءَ جو عمل جاري آهي حڪومت جي اها پاليسي ته غير قانوني رهندڙن کي ڪا به اضافي مهلت نه ڏني ويندي، قانون تي سخت عملداريءَ جي علامت آهي، جيڪا هر جمهوري رياست جي بنيادي ذميواري هوندي آهي. هن فيصلي جي هڪ اهم خوبي اها آهي ته حڪومت انساني همدردي ۽ عزتِ نفس جو مڪمل خيال رکندي عملدرآمد ڪرڻ چاهي ٿي وزيراعظم هدايت ڪئي آهي ته واپسي دوران بزرگن، عورتن، ٻارن ۽ اقليتن سان بهترين سلوڪ ڪيو وڃي. اهو پهلو قابل تعريف آهي، ڇو ته پاڪستان نه رڳو قانوني ضابطن تي عمل پيرو ڪري پر اخلاقي ذميواري به نڀائي رهيو آهي اهو پڻ ساراهه جوڳو آهي ته حڪومت سرحدي ايگزٽ پوائنٽن ۾ اضافو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن واپسيءَ جو عمل تيز ۽ منظم ٿي سگهي. ان سان نه رڳو سرحدي دٻاءُ گهٽبو پر انتظامي شفافيت به وڌندي. ساڳئي وقت حڪومت واضح ڪري ڇڏيو آهي ته غير قانوني افغانين کي پناهه ڏيڻ يا گيسٽ هائوسز ۾ رهڻ جي اجازت ڏيڻ قانوني جرم آهي، جنهن تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. وزيراعظم شهباز شريف جي اها ڳالهه به قابل غور آهي ته افغانستان جي سرزمين تان پاڪستان تي ٿيندڙ دهشتگرد حملا ۽ انهن ۾ افغان شهرين جو ملوث هجڻ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي. پاڪستان اڳ ئي دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ هزارين قربانيون ڏئي چڪو آهي، جڏهن ته معاشي نقصان جو ازالو اڃا تائين ممڪن نه ٿيو آهي. اهڙي حال ۾ غير قانوني افغان رهواسين جي موجودگي قومي سلامتيءَ لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. هن فيصلي جو هڪ ٻيو اهم پهلو قومي هم آهنگي آهي. اجلاس ۾ صوبائي وزيراعليٰ، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جا نمائندا، گڏوگڏ فوجي قيادت جي شرڪت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته رياست جي سڀني ادارن ۾ مڪمل اتفاق راءِ موجود آهي. اهو اتحاد ملڪ جي دفاع، امن ۽ قانون جي بالادستيءَ لاءِ انتهائي ضروري آهي. حقيقت اها آهي ته افغان پناهگيرن جي واپسي جو فيصلو جذبات تي نه، پر قومي مفاد ۽ رياستي حڪمت عملي تي ٻڌل آهي پاڪستان کي هاڻي پنهنجي وسيلن کي پنهنجي عوام جي ترقي، روزگار، تعليم ۽ امن لاءِ وقف ڪرڻو آهي. جڏهن ته افغانستان کي به پنهنجن شهرين جي ذميواري پاڻ کڻڻ گهرجي.

بهرحال حڪومت جو هيءَ فيصلو ملڪ جي سالميت، قانون جي عملداري ۽ قومي وقار جي بحاليءَ ڏانهن هڪ مثبت قدم آهي. جيڪڏهن ان تي سنجيدگيءَ سان، انسانيت ۽ قانون ٻنهي جي تقاضائن سان عمل ڪيو ويو ته اهو نه صرف پاڪستان لاءِ استحڪام جو سبب بڻجندو پر علائقائي امن ۽ گڏيل احترام جي فضا کي به مضبوط ڪندو.

'شاعريءَ ۾ خيال جي بلنديءَ کي اهميت'

حڪيم پريم چانڊواڻي

انهيءَ شاعريءَ کي تخليق جو درجو نٿو ڏئي سگهجي، جنهن ۾ ڳنڍ پيئل لفظن جو ورجاءُ هجي. جنهن ۾ صرف تُڪبندي ۽ تڪ تور يا بحر وزن جو پورائو هجي. تخليق جو حقيقي حسن سندس منفرد هجڻ ۾ ئي آهي تخليق ۾ سڀ کان اهم مقام خيال کي ئي هجي ٿو تنهن ڪري خيال جي بلندي ئي تخليق کي جاندار ۽ مثالي بنائي ٿي ان کان بعد ٻين لوازمات کي اهميت آهي. ٻيا لوازمات آخر ۾ بيان ڪيا ويندا. شاعري رڳو لفظن جو جادو نه، پر فڪر ۽ احساس جو اهڙو سفر آهي، جنهن ۾ خيال جي بلندي ئي شاعر جي سڃاڻپ بڻجي ٿي. لفظ ته هر ماڻهو چوندي سگهي ٿو پر انهن لفظن ۾ فڪر بصيرت، ساهه يا روح پرڻ ئي شاعر ۽ شاعريءَ کي امتيازي حيثيت بخشي ٿو اهو ڪم فقط اُهو شاعر يا ڪلاڪار ئي ڪري سگهي ٿو. جنهن جو ذهن روشن ۽ خيال بلند هجي. خيال جي بلنديءَ مان مراد اها فڪري اوچائي آهي، جيڪا انسان کي مادي محدوديت کان مٿاهون ڪري، فڪر، احساس، روحانيت ۽ سچ جي تلاش ڏانهن وٺي وڃي ٿي. خيالن جي بلنديءَ ۾ بهتر مطالعو مشاهدو، سٺن شاعرن جي صحبت ۽ روزانو وڏن شاعرن کي پڙهڻ، خيالن کي بلنديءَ طرف وٺي وڃي ٿو شاعر جڏهن دنيا جي حسن، انساني درد، محبت، امن يا حق جي ڳالهه ڪري ٿو، تڏهن سندس شاعري ان وقت تائين اثرائتي نٿي ٿئي، جيستائين ان ۾ خيال جي اوچائي ۽ فڪر جي روشني نٿي هجي. سٺي شاعريءَ جي هڪ وڏي خوبي اها به هجي ٿي ته اها دل ۽ روح کي متاثر ڪندڙ هجي ۽ روح جي گهرائين ۾ لهي وڃڻ جي سگهه رکندي هجي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل، سامي، شيخ اياز، استاد بخاري، غلب، اقبال ۽ ٻين وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۾ اها فڪري عظمت يا خيالن جي بلندي صاف نظر اچي ٿي انهيءَ سبب جي ڪري ئي سندن شاعري امرتا ۽ مقبوليت ماڻي چڪي آهي اڪثر سٺا شاعر ظاهري حسن کان روحاني پاڪيزگيءَ ۽ خيال جي صفائيءَ کي اوليت ڏيندا رهيا آهن تنهنڪري شاعريءَ ۾ خيال جي بلنديءَ جو اظهار وڌيڪ اهميت ۽ ضرورت جو حامل آهي

خيال جي بلنديءَ سان شاعري ۾ اهڙو طلسمي يا جادوئي اثر پيدا ٿئي ٿو جيڪو دلين کي ڇهي وڃي ٿو انساني سوچ کي نئون رخ ڏئي ٿو ۽ پڙهندڙن کي سحر انگيز ڪري ڇڏي ٿو اهڙي شاعري، انسانن ۽ قومن جي فڪري تربيت ڪري ٿي ماڻهن کي حوصلي، اميد ۽ سچ جي راهه ڏيکاري ٿي.

جڏهن شاعر پنهنجي ذاتي احساسن کي انساني دردن ۽ مسئلن سان ڳنڍي ٿو، تڏهن سندس ڪلام عام ڳالهه نه، پر اهم ۽ بهترين پيغام بڻجي وڃي ٿو عام خاص ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪري ٿو خيال جي بلندي ئي اها قوت آهي، جيڪا شاعر کي دنياوي تڪرارن، لساني تڪرارن، نفرتن ۽ خود غرضين کان آزاد ڪري، انساني محبت ۽ عالمگير اخوت ڏانهن وٺي وڃي ٿي. شاعريءَ جي حقيقت به اها آهي ته اها انسان جي روح سان ڳالهيون ڪري، انهيءَ جي دل ۽ روح جي پاتال ۾ لهي وڃي ۽ هر هڪ کي پنهنجي خيالن ۽ سوچن جي ترجماني محسوس ٿئي. جنهن شاعريءَ ۾ فڪر جي روشني ۽ خيال جي اوچائي نه هجي، اها فقط لفظن جو مجموعو آهي. پر جنهن ۾ فڪر جو اوج ۽ احساس جي صداقت هجي، اها شاعري صدين تائين زنده رهندي آهي. شاعري ڀلي ته بحرن ۾ پوري لهندي هجي، پر جيڪڏهن ان ۾ خيالن جي بلند پرواز شامل نه آهي ته اها فقط لفاظي ئي محسوس ٿيندي آهي. اهڙي شاعريءَ جو مثال هڪ اهڙي سهڻي بوتي جهڙو آهي جنهن کي عمده ڪپڙا ته پاتل هجن پر اهو بي ساهه هجي.

آخر ۾ مان اهو ئي بيان ڪندس ته شاعر جي سڃاڻپ سندس تخيل جي وسعت، احساس جي نزاڪت ۽ گهرائي ۽ خيال جي بلنديءَ ۾ آهي خيال جي اوچائي ئي اها طاقت آهي، جيڪا شاعريءَ کي عام ڳالهه مان فن جي اعليٰ مرتبي تي آڻي بيهاري ٿي بلند خيال فن پاره ئي جاوداني ماڻيندا آهن ۽ صدين پڄاڻان به اهي سينه به سينه انسان ۾ گردش ڪندا رهندا آهن. مجلسن ۽ محفلن ۾ ڳايا ويندا آهن. سدائين پسنديدگيءَ جي نظر سان ڏٺا ويندا ۽ داد- تحسين جي قابل رهندا آهن. اهڙن ٻولن جو سحر ڪنهن نوخيز الهڙ مه جبين جي نيڻن کان گهٽ ناهي هوندو، جيڪو دلين کي مسرور ۽ مسحور ڪري جهومڻ تي مجبور ڪندا رهندا آهن.

هتي مان مثال طور پنهنجو هڪ غزل پيش ڪندس، جيئن مضمون جي اصل روح کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

نيڻن ۾ جڻ جادو آهي،
مرڪن ۾ جڻ جادو آهي.
پنهن جو پرائي کي ٿا بنائن،
جذبن ۾ جڻ جادو آهي.
پٿر دل کي پيي پگهرائن،
لڙڪن ۾ جڻ جادو آهي.
پونئر ٿو پلجي، گل ٿو سمجهي،
لبڙن ۾ جڻ جادو آهي.

مقطين غزل ۾ اهو بيان ٿيل آهي ته ڪهڙين ادائن، جذبن احساسن ۽ لفظن ۾ جادو سمايل آهي ۽ جو عاشق پنهنجي جان جي بازي لڳائڻ کان به گريز نٿا ڪن ۽ جان جو نذرانو

18 آڪٽوبر- پُرامن عوامي بيداريءَ جو علامتي ڏينهن

شرجيل انعام ميمڻ
سنڌ سماءِ ۽ ٽرانسپورٽ وارو صوبائي وزير

18 آڪٽوبر 2007ع اهو ڏينهن آهي، جيڪو پُرامن ۽ عوامي جمهوري بيداريءَ کي دهشتگرديءَ ذريعي روڪڻ جي علامت بڻجي ويو. انهيءَ ڏينهن جڏهن ڪراچي جي شاهراهه فيصل تي ڪار ساز وٽ جيڪو وڏو سانحو پيش آيو، جيڪڏهن اهو نه ٿئي ها، ته اڄ نه رڳو پاڪستان پر سڄي خطي، خاص طور اسلامي دنيا جا حال بلڪل مختلف هجن ها. پاڻ شهيد محترمه بينظير ڀٽو به انهيءَ سانحي کي 'اسلامي دنيا جي اندروني چڪتاڻ ان کي درپيش بحرانن ۽ اتي جمهوريت جي واڌ کي روڪڻ جي ڪوششن جو نتيجو' قرار ڏنو هو.

ان ڏينهن ڪراچيءَ جو منظر تاريخ ۾ ورجائڻ جهڙو نه هو ان ورهين جي جلاوطنيءَ کانپوءِ جڏهن شهيد بينظير ڀٽو وطن موٽي آئي، ته عوام جو ٺاٺون ماريندڙ سمنڊ ڪراچيءَ جي رستن تي اٿلي پيو. ڪراچي جيڪو وڏو ۽ پکڙيل شهر آهي، سو به ان ڏينهن سوڙهو ٿي پيو هو. ايئرپورٽ تي لکين ماڻهو اڳواٽ موجود هئا. جڏهن ته هزارين ماڻهو آس پاس جي رستن تي بيٺل هئا ڪيترن استقبالي قافلن کي شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ جاءِ نه ملي رهي هئي عوام اينري نه گهٽي تعداد ۾ هو جو ميڊيائي ادارن جا ڊرون ڪيمرا به ان منظر کي مڪمل طور قيد ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا. شهر جا داخلي رستا ميلن تائين ٽرئفڪ سان ڀريل هئا. ايئرپورٽ کان قائداعظم جي مزار سامهون جناح گرائونڊ تائين هڪ انچ جاءِ به خالي نه هئي.

اهو منظر فقط قومن نه، پر تاريخ جي رُخ کي به بدلائي ڇڏيندڙ هو. جمهوريت ۽ عوام دشمن قوتن جي خيال ۾ به نه هو ته اهڙو نظارو ڏسڻو پوندو جڏهن شهيد بينظير ڀٽو ايئرپورٽ تان پنهنجي استقبالي ٽرڪ ۾ ويٺي عوامي ميڙ سان گڏ آهستي آهستي جلسي گاهه ڏانهن وڌي رهي هئي. تڏهن هوءَ ڳوڙهن سان ڀريل اکين سان ماڻهن لاءِ هٿ لوڏي محبت جو اظهار ڪري رهي هئي رستن تي موجود عوامي سمنڊ جي ڪري منٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ طئي ٿي رهيو هو هر قدم سان محسوس ٿي رهيو هو ته تاريخ ۾ هڪ نئون دور جنم وٺي رهيو آهي ۽ هي پُرامن عوامي بيداري پنهنجي اوج ڏانهن وڌي رهي هئي. قومي ۽ عالمي ميڊيا پل پل جي خبر ڏيندي حيران هئي پر اهو منظر انهن قوتن کي قبول نه هو جن جا مفاد عوامي بيداريءَ سان ٽڪراءَ ۾ اچي چڪا هئا.

جڏهن شهيد بيبيءَ جو قافلو رڳو 9 منٽن وارو پنڌ 9 ڪلاڪن کان پوءِ پورو ڪري ڪار ساز جي هنڌ تي پهتو، تڏهن جمهوريت دشمنن دهشتگرديءَ ذريعي اهو وحشي عمل ڪيو. جيڪو تاريخ ڪڏهن وساري نه سگهندي. شهيد بيبيءَ جي ٽرڪ جي ويجهو هڪٻئي پٺيان ٿيندڙ ڌماڪن جي آواز سان جمهوريت جا جيالا قربان ٿي ويا. ڏسندي ئي ڏسندي گونجندڙ هوا ۾ سانت ڇانئجي وئي هر پاسي رت ۽ لاش پکڙجي ويا ۽ رڳو زخمين جي سڏڪن ۽ آهن جا آواز هوا ۾ رهجي ويا.

عوام جي پُرامن طاقت کي وحشت ۽ دهشت سان ٽوڙيو ويو. شهيد بيبي ته ان حملي مان بچي وئي پر سندن غير شايع ٿيل ڪتاب جا ورق هوا ۾ وکري ويا، جيڪو پوءِ 'مفاهمت' جي نالي سان ڇپيو. ان ڪتاب ۾ هوءَ لکي ٿي ته هوءَ پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي وطن موٽي، ڇاڪاڻ ته جمهوريت جي بحاليءَ سان گڏ انهن دهشتگردن سان مقابلو ڪرڻ چاهي ٿي، جيڪي پاڪستان جي سلامتي لاءِ اصل خطرو بڻجي چڪا آهن شهيد بيبي انهيءَ ڪتاب ۾ دهشتگردي ۽ آمريت جي ڳٺ جوڙ کي ننگو ڪيو ۽ ٻڌايو ته ڪيئن غير رياستي هٿياربند گروهن سان عالمي طاقتون پنهنجي مفادن لاءِ رستا ڳولي رهيون آهن.

هوءَ اهو به لکي ٿي ته اولهه ۽ اسلام جي وچ ۾ 'تهذيبن جي ٽڪراءُ' وارو تصور تاريخي ۽ علمي لحاظ کان غلط آهي جيڪڏهن اولهه کي واقعي دهشتگردي ختم ڪرڻي آهي، ته پوءِ کيس آمريت بدران جمهوريت جو ساٿ ڏيڻو پوندو ۽ جنگين تي خرچ ڪرڻ بدران ماڻهن جي ڀلائيءَ جا منصوبا ٺاهڻا پوندا بيبيءَ دهشتگردن جا مذهبي دليل به علمائن جي تحريرن سان رد ڪيا ۽ مغربي ملڪن کي سمجهايو ته ٽڪراءَ بدران مفاهمت ذريعي ئي امن ممڪن آهي.

18 آڪٽوبر اهو ڏينهن آهي، جيڪو شهيد بينظير ڀٽو جي فڪر کي پُرامن عوامي بيداريءَ جي صورت ۾ حقيقت بڻائڻ جو پيغام ڏئي ٿو اهو ڏينهن جمهوريت جي بحالي، دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ ملڪ جي سلامتيءَ جي تحفظ لاءِ ڏنل قربانين جي ياد جو ڏينهن آهي.

شهيد بيبيءَ جي چوڻ موجب، آمريت ۽ جمهوريت ٻنهي کي هڪ ٻئي جي بگاڙ مان اوڪائي ملندي آهي ۽ جڏهن به هيءَ چڪتاڻ وڌي ٿي ملڪ جي سلامتي خطري ۾ اچي ٿي 18 آڪٽوبر 2007ع اسان کي اهو سبق سيکاري ٿو ته جيستائين دهشتگرديءَ جي پاڙ نه پٽبي، تيستائين جمهوريت مضبوط نٿي ٿي سگهي.

18 آڪٽوبر جي انهيءَ لمبي ڪانپوءِ ملڪ اڄ تائين دهشتگرديءَ جي زنجير مان نڪري نه سگهيو آهي جڏهن ٻئي ڏينهن يعني 19 آڪٽوبر تي بلاول هائوس ۾ پريس سان ڳالهه ٻولهه دوران شهيد بيبيءَ کي چيو ويو ته هوءَ واپس ٻاهرين ملڪ هلي وڃي ته هن جو جواب هو: 'مان هن حال ۾ پاڪستان ۽ پنهنجن ماڻهن کي اڪيلو ڇڏي نٿي سگهان' ۽ هوءَ بيٺي رهي انهن ئي قوتن جي خلاف، جن 18 آڪٽوبر جي عوامي بيداريءَ کي روڪڻ چاهيو آخرڪار 27 ڊسمبر 2007ع تي عوام جي وچ ۾ ئي پنهنجي جان قربان ڪري وئي.

18 آڪٽوبر جو پُرامن عوامي انقلاب اڄ به اسان سڀني تي قرض آهي اسان جيڪي پاڪستان کي پُرامن، جمهوريت پسند، خوشحال ۽ مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا.

غربت، بک ۽ بدحالي جو خاتمو ڪيئن ايندو...؟


ڊاڪٽر رضا چانڊيو

"خوراڪ جي علمي ڏينهن جي مناسبت سان"، "خوشيءَ جهڙي خوراڪ...!" عنوان هيٺ، معروف ليکڪ مثل جسڪاڻي واقعي به وڏڙن جيان صحيح لکيو آهي ته "خوشي جهڙي ڪا خوراڪ ڪانهي ۽ ڳڻتيءَ جهڙو ڪو مرض ڪونهي" الله ڪريم سڀني کي ڏکن ۽ مرضن کان پنهنجي پناهه ۾ رکي ۽ ماڻهو لکڻ تي اچي ته گهڻو ڪجهه لکي سگهي ٿو. ڇو جو خود جو احتساب ڪجي، خود کان شروعات ڪجي ۽ چئوطرف نظر گهمائجي ته لاءِ ڇا ڇا لکجي وڃي. سائين مثل جي هر اکر ۾ پيار، محبت، انسانيت، اخلاقي قدرن کان وٺي زندگي گذارڻ جي طور طريقن تائين ڏاهپ سان ڀريو ڏس ڏنل آهن هڪ سماج سڌارڪ ايترو ڪجهه ئي ڪري سگهي ٿو.

جيئن ته 16 آڪٽوبر خوراڪ جو عالمي ڏينهن هو خوراڪ جو مطلب آهي بيلنس ڊائيٽ (متوازن غذا). سا ته اسان وٽ وڏي طبقي جي ماڻهن "رڄ فيملين" کي ئي ميسر هوندي. باقي وچون ۽ هيٺيون طبقو ته ويچارو سدائين سورن ۾ آهي وچون طبقو ته سدائين وچ تي ٽنگيل رهي ٿو ته هيڏانهن جو نه ورڻ جو هوڏانهن جو.

اسان وٽ غريب مسڪين ماڻهوءَ کي ٻه ويلا رُکي ماني به مشڪل سان ٿي نصيب ٿئي ڇتي، بصر لسي يا چانهه ملي ته ڪافي آهي ظاهر آهي پوءِ غذائي کوٽ نه ٿيندي ته ڇا ٿيندو ويتر دوران لاءِ ڪيتريون عورتون ۽ ٻار موت جي منهن ۾ هليا ٿا وڃن

"بک بڇڙو ٽول داناءَ ديوانا ڪري". "ان ته ايمان". "جنهن جي ڳنديءَ ۾ داڻا تنهن جا چريا به سياڻا". بک تي هوندي مانيءَ جي خوشبوءَ کان وڌيڪ ٻيءَ ڪا خوشبوءِ ناهي وڻندي. پيٽ ۾ ڪجهه هوندو ته مولويءَ جو واعظ به وڻندو جنهن جا ٻچڙا لنگهڻ تي هجن، تنهن جو اندر ٽوٽي منڊر ڳڻتين جو گهر هوندو آهي. بک تي پيار محبت يا عشق ٻشق جون ڳالهيون به ناهن وڻنديون. الله نه ڪنهن کي ايترو مجبور ڪري، مجبوريءَ ۾ انسان عزت تائين وڪڻي ڇڏيندو آهي. عجيب ۽ غريب دور سان واسطو پئجي ويو آهي، سوين صلاحون ڏيڻ وارا، نصيحتون ڪرڻ وارا، ٺلهي همدردي جتائڻ وارا، افسوس ڪرڻ وارا ملندا، پر عملي طرح مدد ڪرڻ وارو مشڪل سان ڪو ملندو!

خوراڪ جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد خوراڪ جي مسئلن تي سوچ ويچار ڪرڻ، اڻپوري، ناقص غذا ۽ غربت جي خاتمي لاءِ غور ويچار ڪرڻ ۽ عوام ۾ خوراڪ جي باري ۾ آگاهي ڏيڻ هو ورلڊ فوڊ پروگرام جي رپورٽ مطابق پاڪستان ۾ ڪاڻ خوراڪ جي گهٽتائي جي شڪار ماڻهن جو انگ 4 ڪروڙ مان وڌي 7 ڪروڙ 7 لکن تائين وڃي رسيو آهي، جيڪو لڳ ڀڳ آباديءَ جو اڌ حصو ٿئي ٿو. خدشو آهي ته اجهان به ان ۾ واڌارو ٿيندو عالمي بينڪ پاڪستان کي 36 ملڪن جي لسٽ ۾ رکيو آهي، جتي خوراڪ جي شديد بحران جو خطرو موجود آهي، هن وقت دنيا ۾ 850 ملين ماڻهو خوراڪ جي کوٽ جو شڪار آهن مان سچ ته معجزن جو قائل آهيان. ڪو معجزو ٿئي ته ٻي ڳالهه آهي، باقي اسان جي ملڪ ۾ غربت، بک ۽ بدحاليءَ جو خاتمو ڪيئن ايندو، سو سمجهه کان ٻاهر آهي.

سائنسي سوچ جو علمبردار ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار- نجم عباسي


گل محمد منگي

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي قبر تي لڳل ڪتبي مان اهو اندازو لڳائڻ ۾ دير نه ٿي لڳي ته هو سنڌ جو سچو عاشق ۽ انسان سان محبت ڪندڙ ترقيءَ جو ٻرڙو پٽ هو. جنهن پنهنجي سڄي جمار عمليت پسندي ۽ سائنسي سوچ جي وڪالت ڪندي گذاري ۽ ڪنهن جي آڏو نه جهڪيو جنهن جي ڪري کيس سنڌ جو باغي ڪهاڻيڪار به چيو وڃي ٿو.

نجم عباسي 18-آڪٽوبر 1927ع تي خانواهڻ ضلعي نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتو، اهو دور انگريزن جي جبر، ڏاڍ ۽ سامراجيت جو دور هو ۽ اهڙي دور ۾ نجم عباسي پڙهيو ۽ ترقي پسند تحريڪ طرف سندس جهڪاءُ وڌيو هن ميٽرڪ 1944ع ۾ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه مان ڪئي ۽ انٽر 1948ع ۾ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچي مان ڪئي جڏهن ته ايم بي بي ايس 1953ع ۾ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪئي هو سرڪاري نوڪري ۾ ڊاڪٽر ڀرتي ٿيو پر پنهنجي آزاد طبيعت جي ڪري بعد ۾ سرڪاري نوڪري کي الوداع چئي ڳڌي کاتي حيدرآباد ۾ پنهنجي خانگي ڪلنڪ کولي نجم عباسي لکڻ جي شروعات پاڪستان ٺهڻ کان پهريان ڪئي هئي 1954ع ۾ هن هڪ شاهوڪار گهراڻي مان شادي ڪئي جيڪا 1975ع ۾ طلاق جي نتيجي ۾ ختم ٿي کيس هڪ پٽ نديم عباسي ۽ ٻه نياڻيون غزالا ۽ ڪونج پيدا ٿيون نجم عباسي جي ڳڌي کاتي واري ڪلنڪ جڻ ته سياسي، سماجي ۽ ادبي لاڏي جو مرڪز رهي نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سائنسي سوچ ۽ ترقي پسنديءَ کي ڀرپور پيرو پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو نجم عباسي جون ڪهاڻيون گهڻو پڙهيون وينديون هيون. ڇو ته انهن ۾ سماجي ۽ معاشرتي برائين نندي وڏائي انسانيت جي تذليل بيان ٿيل آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪهاڻين ۽ ڪتابن جو نوجوان انتظار ڪندا هئا. نجم عباسي 30 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا، جنهن ۾ ڪهاڻيون، ناول ۽ ترجما به شامل آهن بلاشبه نجم عباسيءَ جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن ڪهاڻيڪارن ۽ ليکڪن ۾ ٿئي ٿو هن جي مشهور ڪهاڻين ۽ ڪتابن ۾ طوفان جي تمنا، دوکو، تصوف جي چيڙ ڦار، ڀهاڙن ۾ پڪار، ڌڻ اڻ ڏنل ڳانڍي، لينن جي انقلابي ڪهاڻي مون پڻ ڳايو هو، ماستريائي نانجڻي آپلو سور سهي پابنديون ۽ پيار، سوچون هڪ سچار جون، دل وارن جي دنيا، رشتا ناتا، پروفيسر جيڪي منهنجي من ۾، مٽي سنڌ سڪار، اوچا ڳاٽ پهاڙن جا (خليل جبران جي ڪتاب جو ترجمو)، زلزلو، بلنديون، تلاش، چوڏو، پٿر تي ليڪو، ڪند جي چوري، تحفو، شيشي پگهرون، ٽلڙيون ڳنڍيجي ويون، پيار ڪهاڻي ۽ ٻيا انيڪ ڪتاب، ڪهاڻيون ۽ ناول شامل آهن.

نجم عباسي جا سمورا ڪردار ۽ ڪهاڻيون ترقي پسند سائنسي سوچ جي اپٽار ڪن ٿا هن ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سائين جي ايم سيد تي به تنقيد ڪئي نجم عباسي جو شمار نسيم کرل ۽ امر جليل جهڙن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو هن سڄي عمر ادبي پورهيو ڪيو ۽ پنهنجي لکڻين جي ذريعي اعليٰ انساني قدرن، اُبوجهه ۽ پيڙهيل طبقي جي حقن ۽ اشتراڪي قدرن کي اڀاريو نجم عباسي پڇاڙيءَ ۾ جيتوڻيڪ فالج سبب گهر تائين محدود ٿي ويو هو. پر پوءِ به مرڻ گهڙيءَ تائين لکندو رهيو 1990ع وارن لساني وڳوڙن ۾ دهشتگردن نجم عباسيءَ جي گهر تي حملو ڪيو. ڦر ڊاهه ڪري سندس لائبريري کي ساڙي ڇڏيو جنهن جو صدمو کيس تمام گهڻو ٿيو نجم عباسي 25- آڪٽوبر 1995ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ کيس ابائي شهر خانواهڻ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس قبر تي جيڪو ڪتبو لکيل آهي ان ۾ چيل آهي ته "ٿئي جڏهن ڏينهن سنڌ جي آزادي جو منهنجي هن قبر تي ڏيئو ٻارجو"

نصابي ڪتابن ذريعي انسانيت جو شعور!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون مشهور انڊين آمريڪن مورخ غوري وشوناٿن جي انهن لفظن سان شروع ڪريان ٿو جيڪي هن پنهنجي مشهور ڪتاب ماس آف ڪونڪويسٽ ۾ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿي ته برطانوي حڪومت هندوستان ۾ انهيءَ وقت انگريزي ادب کي نصابي ڪتابن ۾ شامل ڪيو، جيڪو پهرين اتي نصابي ڪتابن جو حصو ڪونه هو جنهن جي ڪري هندوستاني تعليمي يافته نوجوانن جي دماغن تي پنهنجي نصابي مواد جو اثر هو انهي ڪري هو دنيا کي انهن اديبن شاعرن دانشورن جي تحريرن جي تنقطي نظر سان دنيا کي ڏسندا هئا جيئن مسلمان تعليم يافته نوجوان حافظ، سعدي، فردوسي ۽ جاميءَ جي شعرن جي صورت ۾ انساني فطرت ۽ ماحول کي سمجهندا هئا، ليڪن هاڻ انگريزن انهن جي جاءِ تي شيڪسپيئر ملٽن وليم ورڊزورٿ شيلي ۽ ٻيا انگريزي اديبن ۽ دانشورن کي اچي نصابي ڪتابن ۾ وڌو، جن جي ڪري انگريزي ادب ۽ ڪلچر انهن نوجوانن جي دماغن تي پنهنجي اثر جا پير مضبوطيءَ سان کوڙي ڇڏيا ۽ برصغير جا تعليمي يافته نوجوان دنيا کي انهن جي فڪر ۾ ڏسڻ لڳا، جنهن جي وضاحت ڪندي ميڪالي چيو ٿو ته انگريزي تعليم جي ذريعي برصغير جي تعليم يافته طبقي جو دل ۽ دماغ ته انگريزي ٿي ويو، ليڪن شڪل ۽ صورت ۾ هو هندوستاني ئي رهيا. تنهن ڪري برصغير ۾ برطانوي حڪومت پنهنجي تهذيب ۽ ڪلچر جون پاڙون مضبوط ڪري وئي هاڻي اتائين اوهان نصابي ڪتابن جي اهميت تي غور ڪريو ڇاڪاڻ ته هر دور ۾ هر ملڪ ۾ نصابي ڪتابن ۾ موجود مواد جي پنهنجي اهميت هوندي آهي ڇو ته انهن ڪتابن جو تعلق انهيءَ نسل سان هوندو آهي جيڪو اڳتي هلي ملڪ جون واڳيون سنڀالڻ کان وٺي ملڪ جي هر ڪاروبهوار جي اهل سمجهيو ويندو آهي انهي ڪري انهيءَ نصابي مواد جي ذريعي انهن جي تعليم و تربيت جو تمام گهڻو خيال رکيو ويندو آهي انهيءَ نصاب کي مرتب ڪرڻ وارن جي ڪوشش هوندي آهي ته ڪتابن ۾ اهڙو مواد شامل ڪيو وڃي جيڪو وطن جي بهتريءَ سان تعلق رکندو هجي ته جيئن انهن ڪتابن کي پڙهي ذهني طور تي هڪڙو اهڙو نسل تيار ٿئي جيڪو وطن جي مفادات جي لاءِ هر قرباني ڏيڻ جي لاءِ تيار رهي ۽ ٻيو ته انهيءَ مواد سان انهن جي اقتدار جون پاليسيون تعليم يافته نوجوانن جي ذهنن ۾ مضبوط ٿين ليڪن منهنجا نوجوانو انهيءَ جي باوجود جيڪڏهن اوهان غور ڪندا ته ماضيءَ کان وٺي نصابي ڪتابن جو مواد هميشه اهڙو چونڊيو ويو آهي جيڪو انهيءَ دور جي صاحبان حيثيت طبقي جي مزاج جي نمائندگي ڪري ٿو انهيءَ صورت ۾ صاحبان حيثيت طبقو پنهنجي اهميت کي قائم رکڻ جي لاءِ نصابي ڪتابن کي استعمال ڪري پنهنجو اثر رسوخ وڌائي ٿو موجوده دور ۾ نصابي ڪتابن جي مواد جو تعلق صرف پنهنجي معاشري سان ئي نه رهندو آهي بلڪي انهيءَ جو تعلق ٻين معاشرن سان پڻ رهي ٿو ڏٺو وڃي ته تاريخ ۾ اهڙو دور به گذريو آهي جو يورپ ۾ اولهه ۾ تعليم جو تعلق ملڪ ۽ ملت سان نه هو بلڪي يورپ ۾ تعليم تي چرچ جو ڪنٽرول هو مسلمان معاشري ۾ مدرسن ۾ مذهبي تعليم ڏني ويندي هئي انهن ڏينهن ۾ سيڪيولر تعليم جي لاءِ ڪوبه ادارو نه هو اها تعليم استاد شاگرد کي سنڌيءَ طرح ڏيندو هو انهي دور ۾ رياست تعليمي معاملات ۾ يا ڪتابن جي مواد جي چونڊ ۾ ڪو به دخل نه ڏيندي هئي آخرڪار 1789ع ۾ فرانسيسي انقلاب اها تبديلي آندي ۽ انهيءَ انقلاب بادشاهت جو خاتمو آندو ۽ انهيءَ کان پوءِ قومي رياستون وجود ۾ آيون جنهن جي نتيجي ۾ يورپ ۾ تعليم کي چرچ جي قيد مان آزاد ڪرايو ويو انهيءَ کان پوءِ رياست تعليم کي پنهنجي اختيار ۾ وٺي هن تعليم کي قومي بڻائي ڇڏيو انهي ڪري جو انهيءَ دور ۾ چرچ قوميت تي يقين نه هو رکندو انهي انقلاب کان پوءِ يورپي معاشري ۾ مذهب جي جڳهه تي حب الوطني پنهنجا پير ڄمائي طرح ڄمائي ڇڏيا ۽ پوءِ اتي جي عوام جي لاءِ حب الوطني ۽ قوم پرستي اهم بڻجي وئي منهنجا نوجوانو فرانس جي انهيءَ انقلاب کان پوءِ يورپ جي ٻين ملڪن به قومپرستي ۽ حب الوطني جي تحريڪن ۾ ڪتابن کي ڀرپور طريقي سان استعمال ڪيو قومپرستي ۽ حب الوطني جي جذبات جي واقعات کي تاريخ مان ڪٽي ڪتابن ۾ لکيو ويو جنهن نوجوان نسل ۾ قومي پرستي ۽ حب الوطني جي جذبي کي وڌائي ڇڏيو تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا ته ڪتابن ۾ جنگين ۾ فتحياب ٿيڻ جا قصا ۽ تذڪرا تمام گهڻي مقدار ۾ ملن ٿا ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو قانون جي پابندي، روايتن جو احترام، ايمانداري، دياتنداري جي صفتن کي نصابي ڪتابن جي ذريعي انهن نوجوانن تائين منتقل ڪرڻ هر صاحبان اقتدار جي مجبوري رهي ته جيئن هو نوجوانن کي هردم ملڪ ۽ قوم جي دفاع جي لاءِ تيار رکي سگهن آئون عرض ڪريان ته نيپولين جڏهن 1789ع ۾ صاحب اقتدار بڻيو ته هن نصابي ڪتابن جي اهمت کي سمجهندي، انهن کي پنهنجي شخصيت ۽ بادشاهت جي استحڪام جي لاءِ استعمال ڪيو ايستائين جو نصابي ڪتابن ۾ بادشاهت سان وفاداريءَ جي لاءِ اهڙا سبق شامل ڪيا ويا، جن سان نوجوانن ۾ بادشاهت سان محبت ۽ احترام جا جذبات پيدا ٿين انهي کان پوءِ اسان کي يورپ جي ٻين ملڪن ۾ نصابي ڪتابن ۾ سياسي ۽ سماجي مواد جو استعمال پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جڏهن يورپي طاقتون ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي قابض ٿيون ته پوءِ انهن ملڪن تي انهن پنهنجي تسلط کي قائم رکڻ جا ٻه طريقا اختيار ڪيا، هڪڙو ته هنن کي طاقت جي ذريعي قابو ۾ رکيو وڃي ٻيو تعليم جي ذريعي انهن جي ذهن ۾ پنهنجي برتري ويهاري انهن جي قومي فخر ۽ احساس کي ختم ڪيو وڃي جنهن جو مثال آئون ابتداءَ ۾ برصغير تي انگريز تسلط جو ڏئي آيو آهيان انگريزن صرف پنهنجن شاعرن، اديبن ۽ دانشورن کي نصاب ۾ شامل نه ڪيو بلڪه پاسي برطانوي حڪومت پنهنجي نصابي ڪتابن ۾ انهن شخصيتن جي ڪردار کي مسخ ڪيو جن هنن جي خلاف مزاحمت ڪئي هئي مثال 1857ع جي جنگ آزاديءَ کي غدار چيو جيڪي انهن جي خلاف وڙهيا انهن کي هنن باغي قرار ڏنو هنن هندوستان ۾ امن و امان برقرار رکڻ قانون جي بالادستيءَ کي مستحڪم ڪرڻ ۽ انصاف مهيا ڪرڻ کي هميشه فخريه انداز ۾ بيان ڪيو انهن نصابي ڪتابن جو اهو اثر هو جو تعليم يافته به اهو مڃڻ لڳا هئا ته جيڪڏهن هندوستان ۾ انگريز نه اچن ها ته اهو ملڪ پنهنجي جنگ و جدل جي ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ها هندوستانين جي ذهن تي پنهنجو اثر ويهارڻ لاءِ انهن نصابي ڪتابن ۾ انهن انگريز هيروز کي شامل ڪيو جن هندوستانين کي شڪست ڏئي انگريزي اقتدار کي قائم ڪيو انهن کي برطانوي حڪومت جو معمار قرار ڏنو ويو. تنهن ڪري انهن نصابي ڪتابن ۾ جيڪو مواد شامل هو، انهيءَ جو مقصد اهو هو ته اهل هندوستان انگريزن جي برتريءَ کي قبول ڪن ۽ انهن جا احسانمند رهن ته انهن هندوستانن کي پسماندگيءَ مان ڪڍي جديد قوم بڻايو ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو نصابي ڪتاب ۾ مواد اهو متاثرڪن هوندو آهي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ ڪنهن نه ڪنهن نظريي جو حامل هجي تنهن ڪري نظرياتي رياست ۾ انهيءَ ڳالهه جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته طالبِ علم کي اهڙي معلومات فراهم نه ڪئي وڃي جنهن جو نظريي سان ٽڪراءُ هجي جمهوري ملڪن ۾ نصابي ڪتابن جي تياريءَ ۾ هڪڙو وڏو مسئلو اهو هوندو آهي ته انهن ۾ اڪثر ڪري اڪثريتي طبقي جي نمائندگي ته هوندي آهي ليڪن اقليتن کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو هڪڙو اهڙو معاشرو جنهن ۾ مختلف مذهب، فرقا، لساني جماعتون ۽ علائقائي شناختون هونديون آهن انهن سڀني جي خواهش هوندي آهي ته نصابي ڪتابن ۾ انهن جو تذڪرو هجي تڏهن هر معاشرو نصابي ڪتابن کي قوم پرستيءَ جي جذبات اڀارڻ جي لاءِ استعمال ڪري ٿو جڏهن ته تاريخي واقعن جو ذڪر نٿو ڪيو ته اهڙن واقعن جو انتخاب ڪيو وڃي ٿو جنهن سان معاشري جي وڏائي ظاهر ٿئي ٿي اهڙا واقعا جن سان ڪمزوري جو اظهار ٿئي انهن جو نصابي ڪتابن ۾ ذڪر نٿو ڪيو وڃي مثال آمريڪا جي نصابي ڪتابن ۾ قوم پرستي تمام گهڻي هوندي آهي ليڪن آمريڪن تاريخ ۾ ڪارن سان ٿيل زيادتين جو ڪو به ذڪر نٿو ملي انهن جي نصابي ڪتابن ۾ پهرين ۽ ٻئي جنگ عظيم جي فتحات جي باري ۾ ته احوال موجود آهي، ليڪن ويتنام جي شڪست جو ڪو به ذڪر نٿو ملي البته اهڙين پاليسين کي اسان يورپي ملڪن ۾ پڻ ڏسندا آهيون مثال برطانيه کي انهيءَ تي فخر هو ته هن جي سلطنت ۾ ڪڏهن به سج غروب نٿو ٿئي، ليڪن پنهنجي دور ۾ برصغير ۾ هنن جيڪي ظلم ڪيا ۽ انهن جي خلاف جيڪي مزاحمتي تحريڪون اٿيون، انهن تي هنن جي نصابي ڪتابن ۾ مڪمل خاموشي اختيار ڪئي وئي آهي ڇاڪاڻ ته نصابي ڪتابن جو اهو مواد هڪڙو قومي شعور پيدا ڪري ٿو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو ڇا اهو ممڪن آهي ته اهڙا نصابي ڪتاب لکيا وڃن جن جو بنياد قومپرستي، مذهب، فرقه پرستي جي نظريات بجاءِ انسانيت تي هجي ۽ جن ۾ قومي ڪمزوريون ٻڌايون وڃن، تاڪي انهن مان سبق سکي مستقبل ۾ نفرت ڦهلائيندڙ مواد کان ڇٽو رهي سگهجي. موجوده دور ۾ تقريبن هر ملڪ، هر معاشري، هر مذهب، هر فرقي، هر قوم ۾ اهڙا دانشور ضرور موجود آهن، جيڪي نصابي ڪتابن کي مثبت شعور جي لاءِ استعمال ڪرڻ چاهين ٿا پر سندن آواز تمام ڪمزور آهي ۽ انهن جو سڏ ٻڌڻ وارا تمام گهٽ آهن.

اڄوڪو ڏينهن ...... 18 آڪٽوبر

نواز علي نياز جعفري



هن قادر الڪلام شاعر جو جنم 18 آڪٽوبر 1892ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. پاڻ اڃا معصوم ٻارڙو هو جو سندس والد محمد آچر سومرو وفات ڪئي، ان ڪري هن جي تربيت سندس مامي محمد پريل ۽ وڏي ڀاءُ غلام علي جعفريءَ جي هٿن ۾ ٿي. لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪيائين ۽ عملي زندگيءَ جي ابتدا اسڪول جي استاد طور ڪيائين. اڳتي هلي اها نوڪري ڇڏي جيلر مقرر ٿيو. پر ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري به ڇڏي ڏنائين ۽ روينيو کاتي ۾ ملازمت شروع ڪيائين. انهيءَ کاتي ۾ ترقي ڪري مختيارڪار مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ئي عهدي تان رٽائر ٿيو. هو پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ به شاعري ڪيائين. هن جي شاعري ڪيتري ئي عرصي تائين سنڌي نصابي ڪتابن جو حصو رهي. هن 12 نومبر 1959ع تي هي جهان ڇڏيو. هن جي شاعريءَ جو مجموعو "مداح محمدي" شايع ٿيل آهي.

ڊاڪٽر سيد غلام مصطفيٰ شاهه

اڄ سنڌ جي عظيم دانشور، تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي هن مهان شخصيت جو جنم 18 آڪٽوبر 1918ع تي بلڙي شاهه ڪريم شهر ويجهو ڳوٺ قادر ڏني شاهه ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم سجاول مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. 1941ع ۾ علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هن ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيون. اڳتي هلي انگلينڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. سيد غلام مصطفيٰ شاهه پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مدرسي

جي موجوده عمارت، مرڪزي لائبريري، جامع مسجد ۽ ٻيون عمارتون جڙي راس ٿيون. 1988ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ 1988ع کان 1990ع تائين تعليم جو وفاقي وزير رهيو. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو سيڪريٽري پڻ رهيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ شاهه لطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ جو بنياد وجهي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي ڪيترين ئي ڪانفرنسون ۽ سيمينار منعقد ڪرايائين. هن "سنڌ ڪوارٽرلي" نالي هڪ ٽماهي رسالو پڻ جاري ڪيو جنهن جو پاڻ ايڊيٽر رهيو. شاهه صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ "سير ۽ سفر"، "معاشرو ۽ تعليم"، "سنڌي معاشرو ۽ انجو مستقبل"، Lessons of History، Decline of Education in Pakistan ۽ "انگريزي سنڌي ڊڪشنري" شامل آهن. هن ناميارِي انسان 9 آڪٽوبر 1999ع تي وفات ڪئي.

هدايت منگي

هن مشهور صحافيءَ، ليکڪ ۽ استاد جو جنم 18 آڪٽوبر 1946ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ غلام رسول منگيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. اڳتي هلي انٽر ڊرائنگ، اديب عالم سنڌي ۽ بي اي جا امتحان پاس ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. 1974ع ۾ اها نوڪري ڇڏي روزاني هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر مقرر ٿيو. اڳتي هلي ساڳيءَ اخبار ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ بيورو چيف طور ڪم ڪيائين. انهيءَ نوڪريءَ دوران هن هلال پاڪستان اخبار ۾ بيشمار ڪالم ۽ مضمون لکيا. 1989ع ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف

22 ڊسمبر 1999ع تي وفات ڪئي.

شمن شمس ٻرڙو


مختيار انڙ

اڄ مشهور شاعر ۽ سگهڙ شمس ٻرڙي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 18 آڪٽوبر 1962ع تي تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ محمد حيات ٻرڙي ۾ پيدا ٿيو. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. شاعريءَ ۾ استاد بهار علي بهار ٻرڙو سندس استاد رهيو. هن نثر توڙي نظم ٻنهي ۾ پاڻ ملهايو آهي. هن پنهنجي استاد بهار علي بهار ٻرڙي جي شاعري "برسي بوند بهار" جي نالي سان ترتيب ڏئي ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

بخشڻ مهراڻوي

اڄ مشهور شاعر، ليکڪ ۽ ڪمپيئر بخشڻ مهراڻويءَ پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي. هن ناليواري ساهتڪار جو جنم 18 آڪٽوبر 1964ع تي تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ جي ننڍڙي ڳوٺ شهيد فقير محمد رحيم مهر ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو محمد بخش مهر آهي پر ادبي دنيا ۾ بخشڻ مهراڻويءَ جي نالي سان مشهور آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول جهول مان پاس ڪيو. اڳتي هلي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام مان گريجوئيٽ ٿيو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند به حاصل ڪئي. هن

شاعريءَ جو مجموعو "التجا" 2011ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. بخشڻ مهراڻويءَ کي ڪيترن ئي اعزازن ۽ ايوارڊن سان نوازيو ويو آهي جن ۾ لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ، قليچ ايوارڊ، قلندر شهباز ايوارڊ ۽ ٻيا اڪيچار ايوارڊ شامل آهن. هن جي شاعري عابده پروين، سرمد سنڌي ۽ عاشق نظاماڻيءَ سميت سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي.

وفا اسلم شيخ



لاڙڪاڻي سان واسطو رکندڙ هن ناليواري ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1974ع ۾ ٿيو. هن ايم اي (سنڌي)، ايم اي (معاشيات) ۽ ايم ايس سي (ڪمپيوٽر سائنس) جون سندون حاصل ڪيون. پاڻ موبائيل ڪميونيڪيشن جي مختلف ڪمپنين ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪندو رهيو آهي. ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ڪالم نگار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪتاب "جيون تنهنجي نانءُ" (ڪهاڻيون) ۽ "عدد ناهي عشق" (ڪهاڻيون) ڏينهن جي روشني ڏسي چڪا آهن.

رحيمداد جوڳي

هن پلوڙ شاعر جو جنم 18 آڪٽوبر 1975ع تي تعلقي ٺري ميرواهه ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ کهڙ جوڳيءَ ۾ ٿيو. هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. هن جي شاعريءَ جا چار ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن ۾ "رڻ ۾ رات ٺري"، "صحرا جي پاڪر ۾"، "ڪوتا تار تي ويٺل پنڇي" ۽ "نديءَ جي پياس" شامل آهن. ادبي دنيا ۾ هن جي وائي ۽ نثري نظمن کي خاص طور تي پسند ڪيو ويو آهي.

خانصاحب غلام علي جعفري

هن نامور شاعر جو جنم 1852ع ۾

عوامي اشتهار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 295 سال 2025

مسمات اميران ڌيءَ ڏگهو خان زرداري رهندڙ عبدالله گرين سٽي ويجهو فقير جي کوهي نوابشاه ....پلينٽف....خلاف: علي غلام پٽ ڏاڙهون خان مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ الهه بخش زرداري ڪاري ٻي.او ڳچيلائي تعلقو دوڙ . سيل نمبر: 0310-3355373....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس اينڊ رڪوري آف جهيز آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر154 سال 2025

امداد علي خاصخيلي پٽ دودو خان رهندڙ هائوس نمبر 497 C 498 محلا حيدري امام بارگاه مريم روڊ نوابشاه آباد...اپيليڪينٽ...خلاف: مسمات وقار النساء زال امداد علي خاصخيلي رهندڙ هائوس نمبر 497 C 498 حيدري امام بارگاه مريم روڊ نوابشاه تعلقو نوابشاه . پبلڪ ايٽ لارج...آپوزيٽس

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ گارڊ درخواست زيرقل 07. 10 آف گارڊين ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن : (1) عبدالاحد عمر جي گارڊين جي مقرري لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي.ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر132 سال 2025

مسمات حاجران ڌيءَ جان محمد ايوب رند رهندڙ مهراڻ ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ....پلينٽف...خلاف: عزيز علي پٽ غلام رسول رند رهندڙ مهراڻ ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف ريٽرن آف جهيز آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج/ جي.ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 254 سال 2025

مسمات شاهده قمبراڻي...پلينٽف...خلاف: احسان پٽ محمد ملوڪ ذات قمبراڻي رهندڙ مسڪين ڪالوني ويجهو لاشاري هوٽل تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر:0327-2816878....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر Nil سال 2025

مسمات افشان ڪرتيو...پلينٽف..خلاف: مجاهد ڪرتيو پٽ بهادر ڪرتيو بالغ مسلم ذات ڪرتيو رهندڙ ڳوٺ ڪرتيو تعلقو ميهڙ ضلعو دادو....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته سڄيل رڪارڊ ديهه –255 تعلقو ڪوٽ غلام محمد بابت نئين سري بحالي لاءِ سروي نمبر 119, 134/1to4 ايراضي 6-24 اسڪوائر فوٽ/ ايڪڙ تعلقو ڪوٽ غلام محمد جيڪو ڪاتيدار نالي فوتي مسمات ڪريمان زال عبدالله ڌيءِ مبارڪ ۽ مسمات پيميءَ جي ملڪيت آهي قبضو سنڌس مالڪ وٽ آهي هن ورثو بيان پاڙي جي بن معزز ماڻهن کان ورتو ويو آهي ۽ سر زمين جو وزٽ ڪيو جنهن جو اشتهار اخبار ۾ ڏنو آهي اگر ڪنهن به شخص يا ڪنهن به اداري کي مٿي ڄاڻايل برابرتي موجب ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض هجي ته انهيءَ اشتهار جي ڇپجڻ جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائيندا. نه ته بي صورت ۾ ڪاتو جائز ۽ قانون موجب ڪيو ويندو

(نظير احمد خاصخيلي)
مختيارڪار (روينيو) ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محبوب علي ولد غلام محمد رهندڙ ڳوٺ قائم بيهر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي غلام محمد ولد محمد جمن تاريخ 29-09-2019 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر162/A.B ايراضي حصي موجب ديهه بخشو لغاري ٽپو ٽنڊو فضل تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) محبوب علي (پٽ) (2) مسمات حاڪمزادي (بيواهه) (3) مسمات روشنان (ڌيءَ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع بنگلو A4/جي او آر ڪالوني حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري،معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته فوتي نالي محمد عارف ولد محمد خان ذات چانڊيو جو فوتي کاتو متائڻ لاءِ عرضدار نالي بشير احمد ولد محمد عارف ذات چانڊيو جي زرعي زمين ديهه لوڻ سروي نمبر206 جي ايراضي هڪ ايڪڙ ۽ ديهه کلهر ۾ سروي نمبر229 آهي فوتي کاتو بدلائڻ لاءِ وارثن درخواست ڏني آهي لاءِ هيٺ ڏيکاريل وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه وارث وغيره آهي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجا اعتراض ۽ قانوني اسان جي آفيس ۾ جمع ڪرائين بي صورت ۾ فوتي کاتو بدلايو ويندو تفصيل وارثن جو: (1) محمد علي ولد محمد عارف چانڊيو (2) اصغر عليولد محمد عارف چانڊيو (3) علي اڪبر ولد محمد عارف چانڊيو (4) لياقت علي ولد محمد عارف چانڊيو (5) بشير احمد ولد محمد عارف چانڊيو (6) حليما ڌيءَ محمد عارف (7) رضيه ڌيءَ محمد عارف.

مختيارڪار روينيو خيرپورناٿن شاهه

بقايا 1 — اياز پليجو

قانوني پرڏيهي سنڌ ۽ ملڪ جي امن ۽ سلامتي لاءِ وڏو خطرو آهن انهن کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ سنڌ ۾ سخت آپريشن ڪيو وڃي غير قانوني افغاني حيدرآباد ۾ گنجو ٽڪر لطيف آباد 10، 11 نمبر هالا ناڪه، بدين بس اسٽاپ، نئين پل هٽڙي سميت مختلف علائقن سميت سڄي ڪالونيون ناهي ويٺل آهن لوڪل گورنمينٽ جا ادارا ۽ نادرا رشوت وٺي ڪوڙا ڪاغذ ناهي غير قانوني افغانين کي تحفظ ڏئي رهيا آهن اياز لطيف پليجي چيو آهي ته غير قانوني افغاني ۽ بيا اليگل اميگرينٽس پاڪستان لاءِ وڏو خطرو آهن سنڌ ۾ غير قانوني افغانين ۽ بين پرڏيهين جي نيڪالي لاءِ سنڌ حڪومت جو رويو انتهائي سست آهي جنهنڪري غير قانوني پرڏيهي محفوظ جڳهين تي منتقل ٿي رهيا آهن پنجاب ۽ بين صوبن ۾ تيزي سان آپريشن ڪري غير قانوني افغانين ۽ بين اليگل اميگرينٽس کي پڪڙي واپس ڪيو پيو وڃي سنڌ حڪومت کي اليگل اميگرينٽس جي واپسي لاءِ هنگامي اڀرائندا قدم کڻڻ گهرجن غير قانوني پرڏيهي سنڌ ۽پاڪستان جي سلامتي ۽ امن لاءِ وڏو خطرو آهن.جرڳا ڪري معصوم نياڻين جا خون لوڙهيا وڃن ٿا اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلز پارٽي حڪومت خوني جاگيرداري جرڳائي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي سپريم ڪورٽ جرڳن تي پابندي هڻي آن باوجود حڪومتي وزير ۽ بيا نمائندا رياست اندر رياست قائم ڪري پنهنجي عدالت لڳائي دهشتگردن خونين ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين کي معاف ڪن ٿا ۽ خون لوڙهي ڇڏين ٿا اياز لطيف پليجي چيو ته هاءِ پروفائيل ڪيس ٿيڻ باوجود نياڻين سان انصاف نه ٿئي جيڪي نياڻين ڪارنهن الزام هڻي قتل ڪيون وڃن ٿيون انهن جي قاتلن کي انجام تي پهچائڻ بدران تحفظ ڏنو وڃي ٿو اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ انساني حقن جون بدترين ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن ۽ ڪنهن جو ڪو به قانون ۽ انصاف ناهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ عورتون بار ۽ اقليتي ماڻهو محفوظ ناهن ڪڏهن انهن کي اغوا ڪري زيادتي ۽ بدتر تشدد جو نشانو بنايو وڃي ٿو ته ڪڏهن بيگناهه قتل ڪيو وڃي ٿو اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ قانون ته موجود آهي پر انهن تي عمل نٿو ڪيو وڃي.

بقايا 2 — جهيڙو

هنگامو آرائي ڪئي وئي ، انجنيئر ۽ عملي آفيس مان ڀڄي ويا ، جهيڙو ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي پوليس طلب ڪئي وئي ، دادو ۽ نوشهروفيروز جي ٺيڪيدارن وچ ۾ جهيڙو ٿيو آهي ، واٽر سپلائي ۽ پيور بلاڪ جون 31 اسڪيمون ٽينڊر ٿيون هيون.نوشهروفيروز ضلعي جي ٺيڪيدار تي تشدد، ٺيڪيدار وقاص راجپوت ۽ روشن چانڊيو ٻڌايو ته دادو ضلعي جا ٺيڪيدار چون ٿا ته ٻاهرين ضلعن جا ٺيڪيدار ڇو ٿا اچن پبلڪ هيلٿ ذريعن موجب ، ٺيڪيدارن جي وچ ۾ هٿاپائي ۽ جهيڙن کان پوءِ اين آءِ ٽي 3 نومبر تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا 3 — منعقد

صدارت ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر عبدالوحيد چانڊيو ڪمپيوٽر ڊپارٽمينٽ جي هيڊ پروفيسر هريش ڪمار ڪاليج جي پروفيسرن ليڪچرارن شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. محفل ميلاد جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي بعد ۾ نعت خوان محمد طلحه طاهري سميت شاگردن ۽ شاگرديائين نعتون پيش ڪيون. محفل ميلاد ۾ ڳالهائيندي پرنسپال عبدالوحيد چانڊيو ۽ بين چيو ته ٻنهي جهانن جي سردار رحمت العالمين حضرت محمد صلي الله عليه وسلم وآله وسلم جن پنهنجي سڄي زندگي انسانيت لاءِ ۽ دين اسلام جي پرچار ڪندي وقف ڪري ڇڏي، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي خوش اخلاقي صبر ۽ انسانيت دوستي جي ڪري ڪيترائي غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا ۽ اڄ پوري دنيا ۾ دين اسلام ڦهليل آهي آخر ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ مجعا سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا جنهن کان پوءِ دعاءِ خير گهري لنگر پڻ ورهايو ويو.

بقايا 4 — پڌرا

ڏنل 15 آفيسرن مان 11 اڳ ئي لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ، ڪشمور شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ ايس ايچ اوز طور مقرر آهن جن مان 4 جو واسطو لاڙڪاڻو ضلعي سان آهي جيڪي آفيسر ڊگهي عرصي کان مختلف ٿاڻن تي مقرر آهن فيل ٿيل آفيسرن ۾ انسپيڪٽر نثار بروهي (رحمتپور ٿاڻو)، انسپيڪٽر محمد عرس نوناري (شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻو)، انسپيڪٽر حسين علي بروهي (ڪنگا ٿاڻو) ۽ سب انسپيڪٽر اظهر لاشاري (حسن واهڻ ٿاڻو) تي مقرر آهن جيڪي هن وقت به پنهنجي عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن فهرست موجب 50 کان وڌيڪ نمبر حاصل ڪندڙ کي پاس، جڏهن□ ته 50 کان گهٽ نمبر حاصل ڪندڙ کي فيل قرار ڏنو ويو امتحان جي نتيجن ظاهر ٿيڻ بعد پوليس کاتي اندر ڪارڪردگي ۽ قابليت جي بنياد تي مقررين تي نئون بحث ڇڙيل آهي. جڏهن ته لاڙڪاڻي سميت رينج جي مختلف ضلعن ۾ ان معاملي تي ملازمن آفيسرن وچ ۾ بحث جاري آهي

بقايا 5 — احتجاج

احمدپور پوليس جوابدار گرفتار نه ڪري ابتو جوابدار ڪيس بيهر اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن ڪري ڄاڻايل جوابدارن سان هن کي سخت خطرو آهي مونکي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار ڄاڻايل جوابدار هوندا هن ايس ايس پي خيرپور کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 6 — پيٽا پيش

گلن جي ورکا ڪري قومي ترانو سان پيٽا ڏني ويءِ. ان موقعي تي جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻن شهيدن کي لفظن جي پيٽا ڏيندي چيو ته وقت جي رهزني لوڙهي فاٽڪ جو واقعو ڪري سنڌ امڙ کان پنهنجا ڪونڌر پٽ جدا ڪيا شهيد جا وارث اسان قومي ڪارڪن آهيون شهيد ٿيل سنڌيونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن جي عظمت جدوجهد ۽ شهادت کي نمي سلام ڪيون ٿا. شهيد قومي ڪارڪن سنڌ جي شاگرد سياست کي مقتل گاهه جو رومانس ڏئي قومي سياست ۾ روح ڦوڪيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي قومي شهيد وطن جو اثاثو هوندا آهن ان موقعي تي امجد مهيسر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته افغاني عزت سان پنهنجي ملڪ وڃن پيپلز پارٽي هٽ وٺي ڪراچيءَ مان اها لوڊ خيرپور .نوشهروفيروز سکر ضلعن ۾ موڪلي پئي اسان کي افغان هرگز قبول نه آهن.

بقايا 7 — جاکوڙي پيو

نائي صدرالدين مگنهار کان سکيا ورتي ۽ بعد ۾ پنهنجي نائي جي وفات ان سکيا کي جاري رکڻ لاءِ حيدرآباد جي باجي جڳ مشهور استاد عامر علي عامر کان سکيا ورتي مير حسن حيدري رڳو ستن سالن جو هو جڏهن هن ڀهريون پيرو هارمونيم جي ڪائين کي آرايو ڦڪن کي سمجهڻ هٿ لڳايو ۽ هر آواز جي لهجي کي پنهنجي دل سان محسوس ڪيو وقت سان گڏوگڏ هو صرف باجو ڏاهڻ وارو ڪاريگر نه رهيو بلڪ هارمونيم سان هڪ ذهني ۽ روحاني لاڳاپو پيدا ڪري ويٺو "هارمونيم ڏاهڻ ڪو سادو ۽ آسان ڪم نه آهي"، مير حسن چوندو آهي "اهو هڪ ساهه وانگر سات ڏيندڙ ساز آهي جنهن جو آواز صرف ڪيز دٻائڻ سان نه ۾ ساهه ڀمڻ ۽ سچائي سان نڪري ٿو" هڪ هارمونيم ڏاهڻ ۾ 20 کان 25 ڏينهن لڳن ٿا هٽ سان ڏاهيل هارمونيم 25 هزار کان 50 هزار روپين تائين وڪامجن ٿا ۽ انهن جو آواز سنڌ جي راڳين صوفي سڏن ۽ موسيقيءَ جي محفلن ۾ وڃي ٿو هارمونيم جو بنياد اصل ۾ مغرب کان آيو جتي اهو آرگن جي صورت ۾ استعمال ٿيندو هو بعد ۾ ان کي هندستاني موسيقيءَ جي انداز ۾ بدلائڻ هٽ سان هلندڙ ڦڪ ۽ اڳرين سان وڄندڙ ڪيز جو ساز بڻايو ويو ان باجي جي ٽيوننگ ۽ سرن کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ماهرن تجربا ڪيا، جن مان وڌيادهر اوڪ جو 22 شروتين وارو هارمونيم خاص اهميت رکي ٿو جنهن ۾ هر راڳ جي نوٽن کي بلڪل درست لهجي سان وڄائي سگهجي ٿو ۽ ضرورت اڄ ان ڳالهه جي آهي ته اهڙن نوجوانن جي سڃاڻپ، هنر ۽ حوصلي کي رڳو لفظن تائين محدود نه رکيو وڃي، بلڪ حڪومت ۽ ثقافتي ادارا اڳتي اچي انهن لاءِ موقعا پيدا ڪن تربيت جون سهولتون، قرض ۽ وڪار لاءِ سهڪار مهيا ڪن اهو مير حسن اڪيلو ناهي هزارين اهڙا نوجوان اسان جي ملڪ ۾ موجود آهن جن وٽ هنر ته آهي پر سهڪار نه آهي جن وٽ هٽ ته آهن پر حوصلي لاءِ ڪلهو نه آهي حڪومت کي گهرجي ته اهي هٿ خالي نه ڇڏجن جيڪي پنهنجي محنت سان سنڌ جي سازن سرن ۽ سڃاڻپ کي زنده رکڻ لاءِ جاکوڙين پيا. ڇو ته اهڙا نوجوان ملڪ جو مستقبل به آهن ۽ موسيقيءَ جي مليءَ سان گڏيل ثقافتي سرمايو ۾ جيڪڏهن اسان مير حسن جي هٿن ۾ حوصلي جي ٺڪ پري ڏيون ته اهو هارمونيم نه رڳو سنڌ، پر سڄي دنيا ۾ اسان جي سڃاڻپ بڻجي سگهي ٿو

بقايا 8 — عمل جاري

۾ مير واهه جا سب واٽر ڪورس ڏاهيا ويندا ۽ مير واهه جي 212 RD تي اسڪيپ ڏاهيو ويندو جنهن جو چوڙ سمنڊ ۾ رکيو ويو آهي ميرواهه جي ٻني سائيڊن جي پٽڙين کي مٽي ڪري واهه جي ڪاٽي ڪٽي ويندي اهيو ڪم تلهار کان ڪم جي شروعات ڪئي ويندي جيڪا آخري ۽ پوڇڙ تائين ڪم کي پهچائي مڪمل ڪيو ويندو انهي ڪم جي شروعات ڊسمبر ۾ ڪيءَ ويندي انهي موقعي تي ايريگيشن کاتي جي ايس ڊي او افتخاراحمد جوڻيجو ڳالهائيندي چيو ميرواهه جي صفائي ۽ کاتي سان سيني زميندارن کي وڌيڪ ۽ بهتر فائيدو ملندو جڏهن ته انهي ڪم جي شروعات ڊسمبر ۾ ٿيندي

بقايا 9 — تعزيت

پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ مرحوم غلام سرور انڙ جي وفات تي سندس فرزندن شهزاد خان انڙ ۽ علي شان انڙ سان تعزيت وقت ڳالهائي رهيو هو هن اهو پڻ چيو ته ڪنهر جي انڙ برادري سان وڏن کان وٺي پيائپي وارو ڪردار رهيو آهي غلام سرور انڙ جي رحلت جي پنهنجي سگهي پاءِ جي وڇوڙي جيان سمجهون ٿا دعا آهي ته الله سائين ڪيس جوار رحمت ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ پوئينرن کي صبر ۽ اجر عطا فرمائي ان موقعي تي شير افضل جانوري جن پڻ موجود هئا

بقايا 10 — شهري خوفزده

آهي شهري پريشان ۽ خوف جي ماحول ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. تفصيل موجب ٻه ڏينهن اڳ ڏينهن ڏٺي جو اي سيڪشن ٿاڻي کان چند قدمن جي فاصلي تي وچ شهر پير غريب شاهه وڪان بن ڏينهن دوران ٻه موٽرسائيڪل گاڏيون نامعلوم چاپي چور ڪاهي ڦرائي ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ متاثر پورهيت نوجوان شاهه زمان شاهه صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته مان ڏيڍهي شهر جو رهواسي آهيان ڪنهن ڪم سانگي شهر آيو هيوم ۽ پنهنجي موٽرسائيڪل پير غريب شاهه وٽ بيهاري موبائيل مارڪيٽ وڃي ۽ موٽي آهيان ته نامعلوم چاپي چور منهنجي ها اسپيڊ موٽرسائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا آهن هن چيو ته مان غريب مزدور آهيان مون سان وڏو ظلم ٿيو آهي متاثر ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي منهنجي ڪاهجي ويل موٽرسائيڪل موٽائي ڏني وڃي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 11 — نوازيو ويو

انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ غلام نبي ميمن ايس ايس پي حيدرآباد عديل حسين چانڊيو ايس ايچ او اي سيڪشن نيڪ محمد ڪوسو ايس ايچ او سائيٽ وحيد شيخ ايس ايچ او هٽڙي فاروق راهوپوٽو ۽ سنڌن ٽيم کي بيشڪ ورڻ صلاحيت، بروقت ڪارروائي ۽ ڌوهارين کي قانون جي ڪٽهڙي تائين پهچائڻ تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام سان نوازيو.هي اعزاز 10 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ نوجوان عدنان مگسي جي قتل ۽ ڪار ڦرلٽ واقعي ۾ ملوث خطرناڪ ڌوهارين خلاف ٿيل ڪئيل پوليس ڪارروائي تي ڏنو ويو جنهن ۾ ايم-نائين موٽروي جي ويجهو حيدرآباد ۽ ڄامشورو پوليس جي گڏيل مقابلي دوران چار هٿياربند ڌوهاري مارجي ويا ۽ ڦر ٿيل ڪار هٿ آئي.آءِجي سنڌ غلام نبي ميمن تقريب ۾خطاب دوران چيو ته سنڌ پوليس جيڪا بيشڪ ورڻ مهارت، بهادري ۽ بروقت حڪمت عملي ڏيکاري آهي اها سڄي فورس لاءِ فخر جو باعث آهي. هي آپريشن معلومات جي بروقت اطلاع ۽ بهترين رابطي جو نتيجو آهي آن موقعي تي ايس ايس پي حيدرآباد عديل حسين چانڊيو چيو ته هي ڪاميابي ٽيم ورڪ، تيز رابطي ۽ آفيسرن ۽ جوانن جي حوصلي جو نتيجو آهي. سنڌ پوليس عوامي اعتماد جي بحالي لاءِ پنهنجي فرضن کي سچائي سان نڀائي رهي آهي ايس ايس پي حيدرآباد عديل حسين چانڊيو آئي جي سنڌ غلام نبي ميمن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته هي اعزاز حيدرآباد پوليس جي حوصلي ۽ عزم ۾ وڌيڪ اضافو آڻيندو.

بقايا 12 — مطالبو

احتجاج ڪيوهنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته قبضو ختم ڪرائي زمينون واپس ڪرائي ڏنيون وڃن ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 13 — نوٽيفڪيشن

نوٽيفڪيشن موجب ڊي ايس پي چوڙدي غلام صفدر کي اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (ايس ايس يو)، ڪراچي رينج ۾ مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڊي ايس پي سيد ذوالفقار حيدر جعفري کي ڊي ايس پي سيڪيورٽي زون ون، ڪراچي رينج جي ذميواري سونپي وئي آهي ساڳئي طرح ڊي ايس پي اعجاز حسين کي هاءِ ڪورٽ بلڊنگ ڪراچي جو سيڪيورٽي انچارج مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا 14 — پليڪار

ذميواري ملڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيوان موقعي تي خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر جاويد ڦلپوٽو پيراميڊيڪل يونين سان ڳالهائيندي چيو ته سول اسپتال خيرپور ۾ مريضن جي خدمت ۽ مريضن صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ پيراميڊيڪل اسٽاف جو اهم رول آهي ڊاڪٽر جاويد ڦلپوٽو چيو ته پيراميڊيڪل يونين سان گڏجي سول اسپتال ۾ مريضن جي خدمت ۽ صحت جي سهولتن جي فراهمي ۽ فروغ کي ڏينداسين ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف جا جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪنداسين

بقايا 15 — پروگرام

جي صدر رياض رسول آبادي،سنگت جو اڳواڻ رڪراڻي ضمير سهتو رڪراڻي شامل هئا. پروگرام ۾ شاعرن اديبن صحافين، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. استاد بخاري يادگار مشاعري دوران لالڻ چنو،ضمير رڪراڻي، فرمان سهتو،محمد مٺل ٽيو،جميل علي پڪو،شاهد قريشي،قمر رضا،فرحان سهتو ۽ بين شاعرن پڙهي داد وصول ڪيو ورسي تقريب کي خطاب ڪندي لالڻ چنو چيو ته استاد بخاري جي شاعري دل کي ڇهندڙ آهي سندس شاعري لاءِ هر ڪوئي سمجهي ٿو ته سندس جذبن جي عڪاسي آهي غلام حسين چانگ چيو ته استاد ڌرتي ۽ ڌرتي جي ماڻهن کي خوب ڳايو استاد عوامي شاعر آهي رياض رسول آبادي چيو ته شاعر نفيس ۽ نازڪ خيال ٿئي ٿو استاد جي شاعري ۾ زندگيءَ جو هر رنگ ملندو ضمير رڪراڻي چيو ته استاد جي شاعري همت ۽ حوصلا ڏيندڙ شاعري آهي ورسي تقريب دوران سريلن فنڪارن فياض شيخ،سليم سامٽيو ۽ مٺل ٽيو استاد بخاري جا ڪلام ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو

بقايا 16 — انعقاد

امتحان ورتو ويو اهڙو امتحان حيدرآباد هائي بار ايسوسيئيشن جي آڊيٽوريم ۾ ورتو ويو جنهن سنڌ جي مختلف علائقن مان نوجوان وڪيلن ۽ وڪيلاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري امتحان ڏنو ان سلسلي حيدرآباد هاءِ بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اسرار چانگ ايڊووڪيٽ حاتم سومرو ايڊووڪيٽ مسعود سومرو ايڊووڪيٽ نياز ابڙو طاهر امداد سومرو ٻڌايو هاءِ ڪورٽ بار ۾ علامتي سول ججز جي تياري جي امتحان بابت ميڊيا کي ٻڌايو ته هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد پاران سول ججز جي تياري جي حوالي سان 2 مهينن تائين ڪلاس ورتا ويا ۽ بعد ۾ سومر کان جمعي جي ڏينهن تائين علامتي امتحان ٽيسٽ ورتي وئي ٽيسٽ بابت سنڌن چوڻ آهي ته چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران جهڙي طرز سان امتحان ورتو ويندو آهي اهڙي ريت ساڳئي طرز سان امتحان جو پيپر سيٽ ڪيو ويو تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ 25 سيڪڙو انگريزي ۽ 25 سيڪڙو عام معلومات سان گڏوگڏ 50 سيڪڙو ملڪ قانون مان سوالن تي هڪ پيپر تيار ڪري امتحان ورتو آهي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران اهڙو ڀهريون پيرو قدم کنيو ويو آهي جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي ويب سائيٽ تي سول جج جي تياري جي سلسلي ۾ بار ايسوسيئيشن پاران ورتل ڪلاسن کان پوءِ اميدوارن امتحان جي تياري لاءِ آن لائين درخواستون طلب ڪرڻ بعد ڪي سليون جاري ڪيون جيڪو ماحول امتحاني سرڪزن ۾ ورتو ويندو آهي

بقايا 17 — پيٽا پيش

Tree) طرفان شجرڪاري مهم (YSR) Plantation Campaign) جو افتتاح پڻ ڪيو ويو.جنهن جو آغاز پاڪستان آرمي جي آفيسرن ڊاڪٽر پرويز رضوي پٽڙن ينگ سوشل ريفارمرس جي نالي سان بوٽو لڳائي ڪيو مهمانن هن عمل کي ساراهيندي چيو ته شجرڪاري مهم زندگي،اميد ۽ سرسبز پاڪستان جو پيغام ڏئي ٿي هن پروگرام ۾ نوجوانن ٽيبلو تقريرون،قومي گيت ۽ وطن سان محبت پريون پرفارمنس پيش ڪيون ۽ مختلف چتا پيٽي جي مقابلن ۾ حصو ورتو جن ۾ پاڪستان لاءِ جذبي شهيدن جي قربانين جي ياد ۽ پاڪستان آرمي لاءِ احترام جو اظهار ۽ بنيان المرصوص جي غازين کي پيٽا پيش ڪئي وئي.پروگرام ۾ نوجوانن پاران ملڪ سان وفاداري،فخر ۽ قومي اتحاد جو جذبو نظر آيو. ان موقعي تي پاڪستان آرمي چور برگيڊ جي نمائندگي ڪندي پاڪستان آرمي جا آفيسر قائم صاحب،مرزا راحت مسعود(پرنسپل آرمي پبلڪ اسڪول)،عبدالغني گجو(ميمبر پبلڪ لائزن ڪميٽي چاچڙ)،منظور گجو،جمال پٽي،رڙاش لاڪائي ۽ بين سماجي ۽ تعليمي شخصيتن جي خاص مهمان طور شرڪت "پاڪستان آرمي قوم جي طاقت، قرباني ۽ اتحاد جي علامت آهي.نئين نسل ۾ فوج لاءِ محبت ۽ احترام ڏسي دل خوشيءَ سان پرجهي رهي ٿي. پاڪستان جو مستقبل انهن باهمت نوجوانن جي هٿن ۾ محفوظ آهي آرمي آفيسر قائم صاحب اهڙين سرگرمين شاگردن کي پاڪستان جي حقيقي جذبن سان جوڙين ٿيون. فوج صرف دفاعي اداري جو نالو نه آهي پر نظم، خدمت ۽ حب الوطني جي بهترين مثال آهي. شاگردن جو جوش ۽ جذبو ثابت ڪري ٿو ته اسان جي نئين نسل وفادار ۽ اميد پري آهي مرزا راحت مسعود پرنسپل آرمي پبلڪ اسڪول پاڪستان جي سرزمين پنهنجي شهيدن جي رت سان مهڪي رهي آهي،اڄ جي شاگردن جو جذبو اهو ثابت ڪري ٿو ته قوم جي روح اڃا زنده آهي اسان پوري پاڪستاني قوم پاڪستان آرمي سان هر محاذ تي گڏ آهيون عبدالغني گجو(ميمبر پبلڪ لائزن ڪميٽي چاچڙو نوجوان تعليمدان ۽ ٽرينر امتياز نور ڪنيرچيو ته "پاڪستان آرمي قوم جو فخر ۽ دل جي ڌڙڪن آهي،پاڪستان صرف هڪ ملڪ ناهي،اهو اسان جو ايمان،سڃاڻپ ۽ لا زوال محبت آهي. ڪو به طاقت متحد ۽ باايمان پاڪستان کي ڪمزور نٿي ڪري سگهي،" حاجي نور محمد ڪنير بحيثيت ميزبان سڀني مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته هي تقريب نه رڳو اسان جي بهادر محافظن کي پيٽا آهي پر شاگردن کي اهو سبق به ڏئي ٿي ته قوم جي خدمت سڀ کان وڏي عزت آهي، پاڪستان آرمي ايمان،اتحاد ۽ نظم ۽ ضبط جي علامت آهي اسانکي پنهنجي فوج تي فخر آهي،انهي پروگرام جو مقصد اسان پنهنجي مستقبل جي معمارن کي پاڪستان آرمي جي قربانين ۽ وطن سان محبت جي جذبي کي فروغ ڏيڻ آخر ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ شيلڊز ۽ انعامات ورهايا ويا.جذبه حب الوطني سيمينار کي منظور گجو،جمال پٽي،مکي ٽرينڊر ڪمان،حاجي رحيم نهڙي،غلام محمد نهڙي،عبدالغني نهڙي ۽ بين خطاب ڪيو.

بقايا 18 — ڌرڻو

جو اگهه گهٽ مقرر ڪري زميندارن ۽ هارين سان ناانصافي ڪري رهي آهي جڏهن ته ٻج ۽ ٻاڻ ڏيڻ جو وقت اچي ٿو ته حڪومت ٻج ۽ ٻاڻ جا بيٺا ريٽ مقرر ڪري ڇڏي ٿي ۽ جڏهن وري سارين وڪرو ڪرڻ جو وقت اچي ٿو ته حڪومت وري سارين جا اگهه گهٽ ڪري ڇڏي ٿي جنهن سان زميندارن ۽ هارين جو معاشي قتل عام ٿي رهيو آهي هنن چيو ته جيڪڏهن حڪومتن جا زميندارن ۽ هارين سان اهڙا رويا رهيا ته پوءِ سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ زراعت زمين وڪندي اهڙي پاليسين سان ملڪ ۾ خوشحالي نه پر بدحالي ايندي هنن گهر ڪندي چيو آهي ته جلد کان جلد سارين جي اگهن ۾ واڌ ڪئي وڃي ته جيئن زميندارن سميت هارين کي پنهنجو حق ملي سگهي

بقايا 19 — احتجاج

ڳالهائيندي چيو ته اسان جي محلي ۾ قديمي سرڪاري ڪڏ تي مبينا طور تي قبضو ٿيڻ ڪري شهر جو گندو پاڻي قبرستان اندر داخل ٿي ويو آهي گندو پاڻي قبرستان اندر داخل ٿيڻ ڪري قبرستان جون قبرون مسمار ٿيڻ سان گڏ پاڻي هيٺ اچي ويون آهن گڏيل پنجن سالن کان وارڊ اندر غير قانوني اڏاوتون ٿيڻ سبب سرڪاري ڪڏ تي قبضو ڪيو ويو آهي ۽ سرڪاري واٽر ڪورس پڻ بند ڪيو ويو آهي جنهن ڪري قبرستان اندر گندو پاڻي جمع ٿي ويو آهي هنن چيو ته اسان رهواسين کي تمام گهڻيون مشڪلاتون آهن ۽ روڊ رستي نالي ڊرينيج سسٽم ناهي جنهن سبب تڪليف ۾ آهيون آهي بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن قبرستان اندر رهندڙ مختلف برادرين جي پيارن جون قبرون آهن جيڪي مسمار ٿي ڊهي ويون آهن ۽ پاڻي داخل ٿي ويو آهي اسان انتظاميا کي بار بار شڪايت ڪئي آهي پر ازالو ناهي ڪيو ويو هنن چيو ته اسان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا ووٽر آهيون موجوده چونڊيل نمائندن کي ووٽ پڻ ڏنا آهن پر اسان کي بنيادي سهولتون فراهم نه پيون ڪيون وڃن مظاهرين هتان جي چونڊيل نمائندن ايم پي اي موجوده گهرو وزير ضياء الحسن لنجار چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي مورو نذير احمد ميمڻ کان مطالبو ڪيو آهي ته غوري محلا ۾ وزٽ ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ قبرستان مان گندو پاڻي نيڪال ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا 20 — احتجاج

سان شهيد ٿي ويل ميرپور ماٿيلي جي صحافي طفيل رند ۽ سندس پاڻتي ريتا عرف چانڊني جي قتل واري واقعي کي يارهن ڏينهن گذرڻ باوجود قتل ۾ ملوث جوابدارن کي ميرپور ماٿيلو پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي ان سلسلي ۾ سانگهڙ پريس ڪلب اڳيان صحافين سماجي اڳواڻن ۽ شهرين احتجاج ڪيو. ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ظلم جي حد آهي ڏينهن ڏٺي جو صحافي کي معصوم ٻچڙن جي سامهون بي دردي سان قتل ڪيو ويو پر يارهن ڏينهن گذرڻ باوجود ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ گهوٽڪي ضلعي جي صحافين خاموشي جو روزو رکي ڇڏيو آهي جيڪو افسوسناڪ عمل آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي شهيد صحافي طفيل رند ۽ شهيد صحافي نصر الله گڏاڻي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي بي صورت ۾ سول سوسائٽي پاران گهوٽڪي ضلعي جي اندر احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي جيڪا جوابدارن جي گرفتاري تائين جاري رهندي

بقايا 21 — اگهه بيٺا

من پسند اگهه مقرر ڪري عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن پر انتظاميه پاران ڪوم چيڪ اينڊ بيلنس وارو سسٽم نظر ڪون پيو اچي ان سلسلي ۾ شهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ظلم جي انتها آهي سبزي فروش فروٽن سبزين جا من پسند اگهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب هاڻي منافع خورن پاران ڪيل مصنوعي مهنگائي سبب غريب طبقو سبزي کائڻ کان محروم ٿي ويو آهي پر اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي وارا مسلسل گم آهن هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي سبزين فروشن ۽ دوڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪري مصنوعي مهنگائي کان بچايو وڃي

بقايا 22 — هدايتون

عمل حاضري ۽ تعليمي ماحول بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته نياڻين جي تعليم بهترين سماج جو بنياد آهي.جڏهن هڪ نياڻي تعليم حاصل ڪري ٿي ته سمورو خاندان تعليمي يافته ٿئي ٿو پڙهيل لکيل عورتون ئي مضبوط، باشعور ۽ ترقي يافته سماج جي ضامن آهن. هن چيو ته عورتن جي تعليم سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ضلعي انتظاميه به تعليمي ادارن ۾ سڌارن ۽ سهولتن جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. ڊپٽي ڪمشنر ڪاليج جي لائبريري ۽ سائنس ليبارٽري جو معائنو ڪيو ۽ شاگرديائين لاءِ سازگار تعليمي ماحول کي ساراهيو. ان موقعي تي هن ڪاليج جو تعميري ڪم جلد ازجلد مڪمل ڪرڻ جي حوالي سان لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون پڻ جاري ڪيون.

بقايا 23 — مير الهه بخش ٽالپر

پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي پنهنجي شهيدن جا لاش وصول ڪيا ۽ زخمين کي ڏسڻ ۽ انهن کان حال احوال وٺڻ لاءِ اسپتال وئي، مير صاحب چيو ته 18 آڪٽوبر اسان کي شهيدن جي ياد ڏياري ٿو ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي دليري ۽ سندس جمهوريت لاءِ ڏنل قربانين جي پڻ ياد ڏياري ٿو

بقايا 24 — تعزيت

خال پرجڻ جو ناهي الله پاڪ آغا سراج خان دراني کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري آمين ان موقعي تي پارٽي اڳواڻ اڳوڻو ايم اين اي طلعت مهيسر،چيئرمين واجد علي مهيسر،رئيس غلام حيدر ڪوسو،شهمير خان چهواڻ،وائيس چيئرمين ميونسپل خالد حسين ميراڻي،رياض احمد ڏاريچ،رئيس محمد قاسم ببر،رئيس مدثر خان ڙنونر روشن علي چانڊيو معشوق علي لغاري،حاجي لاڪو سولنگي،مسعود سولنگي،وڪر طاهر حسين لغاري پڻ موجود هيا

بقايا 25 — اشرف بوزئي

بوزئي،محمد موسي،غلام شبير لغاري ۽ بين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سوشل ميڊيا ذريعي الائنس الائنس چيئرمين چيئرمين حاجي اشرف خاصخيلي ۽ بين اڳواڻن خلاف سوشل ميڊيا تي تنقيد ڪندڙ احساس محرومي جو شڪار آهن تنقيد ڪندڙ حڪومت پاران جوڙيل ڪميٽي ۾ نالا شامل نه ٿيڻ سبب تنقيد ڪري رهيا آهن.هنن چيو ته عهدن ۽ شهرت جا ڪجهه بکيا ماڻهو ئي الائنس جي چيئرمين حاجي اشرف خاصخيلي تي غلط تنقيد ڪندي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن. اهي ماڻهو حڪومتي وفد سان ڳالهين واري ڪاميٽي ۾ شامل ٿيڻ جا خواهشمند هئا پر اهي ڪاميٽي ۾ شامل نه ٿين تي الائنس قيادت تي مختلف الزام هڻي نشانو بڻائي رهيا آهن جنهن ۾ ڪا به صداقت ناهي. جڏهن ته اهڙو عمل لکين سرڪاري ملازمن جي پيٽ ۾ ڇري هڻڻ برابر آهي الائنس ۾ شامل سمورين تنظيمن جي مڪمل اتفاقي رائي سان حاجي اشرف خاصخيلي کي چيئرمين منتخب ڪيوهو. هيستائين حڪومت سان ڳالهيون ڪامياب ٿيون آهن. وڏي وزير ۽ چيف سيڪريٽري جو مثبت رويو رهيوآهي. هنن چيو ته اسان جا مطالبا واضح آهن پينشن 47 سيڪڙو ڪٽوتي وارا نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي، ڊي آر اي 30 سيڪڙو ڏيڻ، گروپ انشورنس جي رقم رٽائرمينٽ جي وقت ادائگي ۽ پگهارن ۾ 70 سيڪڙو اضافو شامل آهن.جنهن لاءِ حتمي ڳالهايو 21 آڪٽوبر تي رکيل آهن الائنس پنهنجي مطالبن تي قائم آهي ۽ رهندو. هن سوالن جي جوابن ۾ چيو ته اسان احتجاج معطل ڪيو آهي ختم ناهي ڪيو ڳالهيون ڪامياب ٿين ٿيون ته سڀ کان سٺي ڳالهه جيڪڏهن ڳالهيون ناڪام ٿيون ته احتجاج جا سمورا انتظام مڪمل آهن فقط اعلان جي دير هوندي

بقايا 26 — سيمينار منعقد

فيصلا سازي کي اجاگر ڪري ٿو هن چيو ته پاليسين، معيشت، تعليم ۽ صحت سميت هر شعبي لاءِ صحيح ڊيٽا جي اهميت لازمي آهي.ڊاڪٽر خشڪ چيو ته ڪو به فيصلو يا پاليسي تڏهن پائيدار ٿي سگهي ٿي جڏهن ان جي پليان صحيح ڄاڻ هجي جي هن درستگي سهڪار ۽ عملدرآمد جو مقصد بيان ڪندي ڊي پي ايس جي نوجوان محققن ۽ شاگردن جي شموليت تي واکاڻ ڪئي ۽ يقين ڏياريو ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي تحقيق ۽ ڊيٽا کي سماجي ترقي جو مرڪز بڻائيندي.تقريب جو آغاز پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس صوبائي اڳواڻ منور علي ڳانگهرو تعارفي خطاب ڪندي چيو ته اسان نئين شهرن سميت سڀني علائقن لاءِ ڊيٽا فراهم ڪنداسين ۽ گڏوگڏ هن ڊيٽا گڏ ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وسيلن جي ضرورت تي به زور پريوان موقعي تي پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس حيدرآباد جي چيف اسٽيٽسٽيڪل آفيسر علي ڏنو مهر چيو ته پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جو عزم آهي ته صحيح ۽ قابل اعتماد ڊيٽا فراهم ڪري ته جيئن بهتر فيصلا ٿي سگهن هن ٻڌايو ته ملڪ جي جي ڊي پي سميت اهم انگ اکر پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس طرفان تيار ٿين ٿا.علي ڏنو مهر ٻڌايو ته ڊيٽا فيسٽ 2025 ۾ پينل ڊسڪشن اهم تقريرون ۽ بيا دلچسپ سرگرميون شامل هونديون هن يونيورسٽين جي وچ ۾ ڪوئز پوسٽر مقابلو ۽ منصوبن جي نماءِ جا اعلان پڻ ڪيا جن ۾ کٽڻ وارن کي انعام ڏنا ويندا اهم ڳالهه اها هئي ته هن اعلان ڪيو ته بي بي ايس شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سان هڪ مفاهمتي يادداشت نامي تي صحيحون ڪرڻ جو منصوبو جوڙينديآن موقعي تي دين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز پروفيسر ڊاڪٽر نويد احمد شيخ چيو ته خيرپور ۽ ڀرپاسي جي شهرن ۽ ڳوٺاڻن جي علائقن لاءِ مخصوص ڊيٽا تي ڌيان ڏنو وڃي.سيمينار جي آخر ۾ بي بي ايس جي اسٽيٽسٽيڪل آفيسر وسيم حيدر يونيورسٽي جي شاگردن ۽ عملي کي ڊيٽا فيسٽ ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت ڏيندي چيو ته ڪو به شعبو ڊيٽا ڪانسواءِ هلي نٿو سگهي.سيمينار جي ميزباني شماريات شعبي جي چيئرمين، پروفيسر ڊاڪٽر باقر شاهه ڪئي جنهن شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا.تقريب ۾ رياضي شعبي جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر حسام الدين شيخ،ڊاڪٽر احمد ميمڻ مجتبيٰ جتوئي، وسيم ڪلهوڙو، اعجاز مهر امتياز ميمڻ ۽ بيا به موجود هئا.

بقايا 27 — انتظاميا

مڪمل شهري آهن جڏهن ته 3 افغاني شاگرد پناهگير آهن ذريعن موجب چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ فورٿ ايئر ۾ ايم بي بي ايس جا 10 افغاني شاگرد هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي مڪمل فنڊنگ اسڪالرشپ تي ميڊيڪل جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ڄاڻايل افغانين جو تعلق افغانستان جي گادي واري هنڌ ڪابل قنڌار ننگرهار جلال آباد، ڪنڊ مظهر شريف، بگرام سان آهي ان حوالي سان چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر ضمير سومرو رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ هن وقت 13 افغاني شاگرد ميڊيڪل جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جن ۾ 3 افغاني پناهگير شاگرد شامل آهن

بقايا 28 — احتجاج

پهچي سخت احتجاج ڪيوان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حڪومت سارين جو اگهه نه وڌائي ڪري آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪري رهي آهي.هنن چيو ته هڪ مهانگائي پيو فصلن جا ريٽ گهٽ ۽ بدامني سبب واپارين ۽ آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان ٿيڻ سبب فاقه ڪشي واري زندگي گهاري رهيا آهن.هنن وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته سارين جو ريٽ وڌائي گهٽ ۾ گهٽ 4 هزار روپيا مقرر ڪري بدامني تي ڪنٽرول ڪري امن امان جي صورتحال بحال ڪئي وڃي.بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 29 — لاش هٿ

پهنجي تحويل ۾ سونهري فارم سرڪاري اسپتال ۾ آندو جتي ڊاڪٽرن قانوني گهرجون پوريون ڪري سوڙ وارثن حوالي ڪيو ته ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو

بقايا 30 — اين سي داخل

پنهنجي گهر مان سونا زيور ۽ ڏيڍ لک روپيه روڪ کڻي ڏيٺي چڏيا ٤ آهي فرار ٿي ويا پوليس اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 31 — ڌرڻو

هٽان تشدد مارڪيٽ ڪري زخمي ڪرڻ واري واقعي خلاف اسٽيشن روڊ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ايس ايس پي آفيس ٿندو محمد خان آڏو احتجاج ڌرڻو هنيو ، جنهن سبب شهري علائقي جي مختلف روڊن کان ٽرئفڪ مڪمل بند رهي ، احتجاج ۾ شامل ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي وائيس چيئرمين نثار کيريو ، مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناري ، ضلعي صدر اقبال حاجاڻو ، سارنگ شاهه ۽ بين خطاب ڪندي چيو ته ملاڪاتيار جي بااثر حڪومتي ڌر سان تعلق رکندڙ وڏيري پنهنجي انتقامي سياسي ڪارروائي طور اڳوڻي اليڪشن ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي ورڪ ڪرڻ ۽ ووٽ ڏيارڻ تي ترقي پسند پارٽي جي تعلقي اڳواڻ بچل سليو کي پنهنجي ويگو گاڏي ذريعي ٽڪر هڻي زخمي ڪرڻ ڪائيو سندس خانگي ۽ سرڪاري پوليس اهلڪار گارڊن ذريعي وحشاڻي تشدد جو نشانو بڻايو جنهن کي زخمي ڪرڻ ڪائيو روڊ تي ڦٽو ڪيو ويو هو ، ٽي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ملاڪاتيار ٽوڙي ٿندو محمد خان پوليس واقعي جي ايف آءِ آر داخل نه ڪئي آهي زخمي ترقي پسند پارٽي جو تعلقي اڳواڻ بچل سليو حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ داخل آهي پر واقعي بابت پوليس ڪارڪنن جي احتجاج دوران ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو يقين ڏياري 48 ڪلاڪ ٽوڙي ٽي ڏينهن گذري وڃڻ ڪائيو به ايف آءِ آر داخل نه ڪري قانون جو قتل ڪيو آهي جنهن جي ڪري ايس ايس پي ٿندو محمد خان کي فوري طور واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جا احڪامات جاري ڪرڻ گهرجن ، هاڻي ايف آءِ آر داخل نه ڪئي وئي ته ٿندو محمد خان ۾ سرهليوار احتجاجي مظاهرن ڌرڻن روڊ بلاڪ ڪرڻ شٽر بند هڙتال ڪائيو سنڌ جا حيدرآباد ڪراچي ڏانهن ويندڙ سپر هاءِ وي روڊ بند ڪري ڌرڻا هنيا ويندا ، جنهن ڪائيو ايس ايس پي معافي وٺڻ تي مجبور ٿي ويندو پر ڪيس معطل ڪرائڻ تائين احتجاج جاري رکبو ، انهي دوران ڊي ايس پي ٿندو محمد خان ۽ بين اهلڪارن مظاهرين سان ڳالهيون ڪري سندن مطالبا اختيارين تائين پهچائڻ ۽ ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا 32 — حاضري

پهچي گلن جي چادر چاڙهي قومي ترانو پڙهي شهيدن جي ياد ۾ حاضري ڀري عقيدت جا گل نڇاور ڪيا ان موقعي تي محمد خان پٺاڻ منظور ميمڻ برڪت جمالي شوڪت سومرو نگر درس صوفي شاهجهان لغاري، صوفي شاهجهان ملاح نصرالله خشڪ شوڪت بروهي سائين غضنفر شاهه، سجاد حيدري خشڪ نجيب الله ميمڻ آفتاب چانڊيو سميت جستم شهيد بشير خان جا ڪارڪنن وڏي انگ ۾ موجود هئا جن پاران شهيدن جي قربانين کي قومي جوش ۽ جذبي سان ساراهيو ويو

بقايا 33 — چڙهيو

ٻڌايو ته بدين شهر ۾ سنڌ حڪومت جي طرفان پيور بلاڪ گهٽيون تعمير ڪيون پيون وڃن پر شهر جي سڀ کان مصروف ڪاروباري علائقي جتان حڪومت کي ٽيڪس ملي ٿو ان جو رستو تباهه ٿيل هئڻ باوجود پيور بلاڪ سان ناهڻ لاءِ ايم پي اي اسڪيم ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي نه وري ان جي مرمت جو ڪم ڪيو ويو آهي جنهن جي ڪري برساتن ۾ فرش هيٺ مٽي هجڻ ڪري بازار ۾ برساتي پاڻي بيهي رهندو آهي واپارين جو چوڻ آهي ته هو بازار جي اڪثر علائقن ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت فرش ۽ ناليون ٺهرائي رهيا آهن ته جيئن بازار ۾ برساتي پاڻي نه بيهي ۽ بازار ۾ ايندڙ ماڻهو آرام سان گذري سگهن واپارين محمد رفيق قاضي محمد سليم ڪوڪر ۽ بين ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو،ايم پي اي تاج محمد ملاح چيئرمين پير محمد صالح قريشي ڊي سي بدين ياسر ڀٽي کان مطالبو ڪيو ته شاهي بازار بدين جي فرش جو ڪم ۽ ناليون ٺهرائي واپارين ۽ شهرين کي ان بي چيني کان ختم ڪيو وڃي

بقايا 34 — خودڪشي

جي پوليس پهچي لاش کي ڪفائي ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران ضروري ڪارروائي ڪرڻ بعد لاش کي وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويون گهر ۾ هلندڙ ڏياري جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون

بقايا 35 — ڪوشش

جي ڪوشش ڪئي مان جڏهن پٽ کي ڳولڻ لاءِ نڪتس ته مون کي منهنجو پٽ بيهوش مليو واقع کان پوءِ درس پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سندس ڳوٺ روانو

بقايا 36 — مطالبو

موقعي تي ڳالهائيندي عزيز بروهي خان ڏهوٽ، حبدار ڏهوٽ ۽ بين چيو ته گذريل ڏيڍ مهيني کان قبرستان کي ديوار ڏيارڻ لاءِ مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر چونڊيل نمائندن توڙي ضلعي انتظاميه جي ڪنن تي جونءِ نه ٿي سري هنن چيو ته هڪ ته چارديواري نه هئڻ ڪري رولو ڪما ۽ گڏهه قبرستان اندر داخل ٿي قبرن جي بي حرمتي ڪن ٿا ٻيو وري منشيات جا عادي نوجوان پڻ قبرستان ۾ ديرو جمايو ويٺا آهن جنهن ڪري مقامي رهواسين کي پنهنجي عزيزن جي قبرن تي اچڻ ۾ پڻ پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن صدر اطهر عباس سولنگي چيو ته هن قبرستان ۾ منهنجا عزيز به دفن ٿيل آهن ۽ رهواسين جو مطالبو به جائز آهي جنهن تي هن فوري طور ڊي سي لاڙڪاڻو سان فون ذريعي رابطو ڪري شهرين جو مطالبو اڳيان رکيو ڊي سي لاڙڪاڻو ڪيس يقين ڏياريو ته مان چار ڏينهن اندر ٽيم موڪليندس جنهن بعد جلد ئي قبرستان کي چارديواري ڏياري رهواسين جي بيچيني ختم ڪئي ويندي جنهن تي مظاهرين اطهر عباس سولنگي جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا 37 — شروع ٿيندا

ايسوسيئيشن جو صدر خالد جميل شمسي سينيئر نائب صدر حاجي غلام محمد خان ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مريم ڪيريو ۽ بيا شرڪت ڪندا

بقايا 38 — مرتضيٰ جتوئي

۾ پيش ٿيو.جج جاچ آفيسر پيش نه ٿيڻ عدالت ٻڌي 30 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ميڊيا سان ڳالهائيندي غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته اڄ ڪيس جي جاچ آفيسر کي پيش ٿيڻو هو پر جاچ آفيسر کي فرصت ناهي جو هو عدالت اچي جاچ آفيسر کي چيو ويو آهي ته هو عدالت ۾ پيش ٿئي پر هو جاچ به پيش نه ٿيو اسان چار ضلعا ٽپي هتي اچون ٿا جاچ آفيسر ڏورڪري مان هتي نه ٿو اچي تنهن ڪري تاريخون ٿيون ٿيون اڄ به جاچ آفيسر جي پيش نه ٿيڻ تي عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 30 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته ڪيسن ۾ ڪجهه به ناهي سچ سچ ۽ ڪوڙ ڪوڙ ٿيندو سکر ۽ رانيپور وارا ڪيس پورا ٿي ويا آهن جاچ آفيسر جي پيش ٿيڻ سان انشاء الله هي به ڪيس پورو ٿي ويندو ڇاڪاڻ ته ڪيسن ۾ ڪا به شيء ناهي ۽ ڪوڙا ڪيس بيهي نه ٿا سگهن هن چيو ته مريم نواز ۽ پيپلز پارٽي وارن جي بيانن مان ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي ۾ اختلاف آهن ۽ اهي اختلاف نظر به اچن پيا، اتحاد ۾ اختلاف ٿي به ويندا آهن، ٻئي پاڻ ۾ اتحادي آهن نبيرو ڪري وٺندا، ڪين گڏجي هلڻو آهي بي صورت حڪومت هلي نه سگهندي هن چيو ته آغا سراج دراني اسان جو پراڻو دوست ۽ انهن سان خانداني تعلق آهي آغا سراج دراني جي لاڏاڻي تي ڏاڍو افسوس ٿيو آهي هن چيو ته افغاني مسلمان پاڙيسري ملڪ جي ناتي ملڪ ۾ پناهگير ٿي رهيا ته پاڪستان ڪين هر سهولت ڏني افغانين جي تمام گهڻي مهمان نوازي ڪئي پر جڏهن افغانستان جو مسئلو حل ٿي ويو ۽ اتي غيرملڪي قوتون ناهن ته پوءِ افغاني پناهگيرن کي افغانستان وڃڻ گهرجي ڇاڪاڻ حالتون بهتر ٿيڻ سان هر ڪنهن کي پنهنجي ملڪ ۾ وڃڻو پوندو آهي.

بقايا 39 — نوازيو ويو

"شيلڊ آف آنر" سان نوازيو ويو سنڌ پوليس ۽ روشني هيلپ لائين 1138 جي گڏيل سهڪار سان شهيد واحد بخش آڊيٽوريم هال حيدرآباد ۾ "بيسٽ پرفارمنس ايوارڊ آف مسنگ چلڊرن چيمپيئنز" جي عنوان سان هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ گم ٿيل ٻارن جي بازيابي ۾ انهن جي بحالي لاءِ نمايان خدمتون انجام ڏيندڙ آفيسرن ۽ اهلڪارن کي اعزازن سان نوازيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي کي سندن شاندار ڪارڪردگي ۽ گم ٿيل ٻارن جي بازيابي ۾ مؤثر قدم کڻڻ تي"شيلڊ آف آنر"پيش ڪئي وئي ان سان گڏ ٻارن جي تحفظ لاءِ بهترين ڪم ڪرڻ تي دادو پوليس جي وومين اينڊ چائلڊ پروٽيڪشن ڊيسڪ جي انچارج ليڊي انسپيڪٽر بينظير جمالي کي به "بيسٽ پرفارمر"جي ايوارڊ سان نوازيو ويو تقريب ۾ ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ۽ بين ضلعن جا ايس ايس پي پڻ موجود هئا ان کان علاوه پوليس آفيسرن، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ روشني هيلپ لائين جي اڳواڻن ، ميمبرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌ پوليس جي ڪوششن کي ساراهيو ويو

بقايا 40 — سزا

ڪيس ۾ عدالت ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي فقير محمد ولد گل محمد ڪوڪر کي باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي. سزا ٻڌايل جوابدار خلاف رکڻ ٿاڻي تي 2010 ۾ ڳوٺ ڏڙو واسي محمد حسن پنهور کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿيل هو سزا ٻڌائڻ کان پوءِ جوابدار نياز ڪوڪر پوليس پهري هيٺ هٿ ڪڙيون هڻي سينٽرل جيل حيدرآباد نيو ويو آهي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڪراچي ڊويزن

فون: 0229201391

NO.XEN/RDD/KHI/NIT-ADP/2025-26/16 Dated:16-10-2025

ٽينڊرن گهرائڻ جو نوٽيس

دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن/ڪمپنين کان هيٺ ڄاڻايل ڪم جي پروڪيورمينٽ واسطي واڪ ڪاغذن جي اسٽينڊرڊ فارم تي ڪمپوزٹ شيڊيول ريٽس (CSR-2024)تي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اچ تائين ترميم ٿيل) موجب مهربند واڪ گهرائجن ٿا.

Sr	اسڪيم جو نالو	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
1	M-09 موٽر هاءِ وي ڪاٺوڙ موڙ کان حاجي ابراهيم ڳوٺ، ضلعو ملير ڪراچي تائين روڊ جي تعمير.	381.750	ڪٽيل لاڳت/واڪ لاڳت جو 5%	5000 رپيا (ناقابل واپسي)	18 مهينا

2. **اهليت:** انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (ايف بي آر) سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ موجوده مالي سال جي لاءِ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ ڪارگر رجسٽريشن.
3. **پروڪيورمينٽ جو طريقو:** سنگل اسٽيج ٽو اينولپ پروسيجر، اوپن نيشنل ڪامپيٽيٽو بڊنگ.
4. واڪ/ ٽينڊر دستاويز (جاري ڪرڻ/ اماڻڻ ۽ کولڻ)

نمبر شمار	تفصيل	ڀريون پيرو	ٽينڊرن کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ٻيون پيرو
i.	ڪورن ٽينڊرن جي اجراءِ لاءِ درخواستن جي وصولي جي آخري تاريخ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان شام 4 وڳي تائين ٽينڊر في جي ادائگي (ناقابل واپسي) تي.	06-11-2025	24-11-2025
ii.	ٽينڊرن جي وصولي ۽ کولڻ جي تاريخ (ٽينڊرن جي وصولي صبح جو 10:00 وڳي ۽ کولڻ جو وقت صبح 11:00 وڳي)	07-11-2025	25-11-2025
iii.	اجراءِ، اماڻڻ، انڪوائريز ۽ کولڻ جو هنڌ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد ڊويزن واقع ايٽ آفيس آف دي چيف انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد ريجن ايٽ اولڊ وحدت ڪالوني ويجهو ايگريڪلچر ڪامپليڪس حيدرآباد.		

5. **شرط ۽ ضابطا:**
اي) هيٺين حالتن ۾ واڪ رد ڪيا ويندا:
i. شرطيه ۽ ٽيليگرافڪ واڪ ۽ ٽينڊر.
ii. جن واڪن سان گڏ واڪ سيڪيورٽي گهربل رقم ۽ فارم موجب شامل نه هوندي.
iii. مقرره تاريخ ۽ وقت کانپوءِ پهتل واڪ.
iv. بليڪ لسٽ فرمن ۽ ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث فرمون.
v. اڻپورا واڪ ڪاغذ (فقط بل آف ڪوانٽيٽيز رکندڙ).
vi. جن واڪن ڪاغذن تي صحيح ٿيل ۽ ٺپو لڳل نه هوندو.
بي) پروڪيورنگ ايجنسي کي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اچ تائين ترميم ٿيل) موجب ڪوبه يا سمورا واڪ رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.
سي) متوقع واڪ ڏيندڙن کي واڪ سان گڏ هيٺيان دستاويز اماڻڻا پوندا.
i. ٽيڪي جا دستاويز ۽ بيا شرط ۽ ضابطا ايس پي پي آر اي جي سرڪاري ويب سائيٽ: https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/. تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. مٿي ڄاڻايل ٽينڊر في جي رقم ۽ واڪ لاڳت ۽ ڪٽيل لاڳت جو 5% واڪ سيڪيورٽي ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر/ ڊمانڊ ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ پاڪستان جي ڪنهن شيڊيولڊ بينڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڪراچي ڊويزن جي نالي ۾ (فرم جي نالي) جي اڪائونٽ مان واڪ/ ٽينڊرن سان لازمي شامل هئڻ گهرجي. بي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر غور حاصل نه ڪندا.
ii. سرٽيفڪيٽ (i) اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ (ساڻ ايڪٽو اسٽيٽس) (ii) ايس آر بي سرٽيفڪيٽ (ايڪٽو اسٽيٽس سان) (iii) ڪارگر PEC سرٽيفڪيٽ (واسطيدار ڪئٽيگري ۾ جون 2026 تائين ۽ اسپيشلائيزڊ ڪوڊ جي ميچنگ، مالڪ/ پروپرائيٽر جي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي ڏني وڃي.
iii. گذريل ٽن سالن واسطي مالياتي/ بينڪ اسٽيٽمينٽ ۽ انڪم ٽيڪس ريٽرن.
iv. اهڙي نوعيت جي ساڳئي ٻين سول ورڪس (گورنمينٽ /پرائيوٽ سيڪٽر) ۾ ڪيل ڪم گذريل 3 سالن دوران جن جي تڪميل جا سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل کاتي وٽان جاري ڪيل ۽ ايس پي پي آر اي ڊيز ۾ ڊيڪاريل ايووليوئيشن واڪ رپورٽ سان گڏ شامل هئڻ گهرجن.
v. گذريل ٽن سالن جون سالياڻون آڊٽ رپورٽون رجسٽرڊ آڊٽ فرم وٽان..
vi. ايڪيوپمينٽس ۽ مشينري ۽ ٽرانسپورٽ جا تفصيل جيڪي فرم/ ٺيڪيدار طرفان مالڪي ۾ هجن يا هائر ڪيا وڃن.
vii. تازو قسم نامو: (i) ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي (ii) ته فرم کي ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي ۽ (iii) جيڪي دستاويز ڏنا ويا آهن ۽ معلومات ڏني وئي آهي اهي سڀ صحيح ۽ سچا آهن. ڪوڙي/ هٽ چراند ڪيل يا غلط معلومات/ سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندڙ ڪمپني/ فرم کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪري سگهجي ٿو.
viii. اختيار ڏنل ليٽر ۽ پارٽنرشپ ڊيڊ پاور آف اٽارني جوائنٽ وينچر ايگريمينٽ (جيڪڏهن ڪو هجي ته).

6. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/ شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدارن/ فرمن ۽ موجودگيءَ جي خواهشمند سندن مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
7. واڪ سنگل پيڪيج تي ٻٽل ٻه لفافي ۾ هوندا. هر هڪ لفافو ڊار فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي مشتمل هوندو. لفافن تي ڪنهن مونجهاري کان بچڻ لاءِ وڏن ۽ واضح اکرن ۾ ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل لکيل هئڻ گهرجي.
8. فرمن جي فني لياقت واسطي چنڊڇاڻ لاءِ ٽيڪنيڪل پروپوزل کوليا ويندا ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جا فنانشل واڪ/ پروپوزل ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن/ فرمن کي لکت ۾ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت بابت آگاهه ڪيو ويندو. ٽيڪنيڪلي ڊسڪواليفائيڊ فنانشل واڪ/ پروپوزل ترتيبوار واڪ ڏيندڙن کي بنا کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
9. هر هڪ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي نمبر لڳل ۽ فرم/ڪمپني جي مالڪ پاران مهر سان گڏ سي اين آءِ سي نمبر تصديقي صحيح هجڻ گهرجي. اهڙو جدا پروفائل سيني ڪمن لاءِ ڏيڻو پوندو.
10. پريميم ڪوٽيڊ واڪ ڏيندڙ انگن توڙي اکرن ۾ پيش ڪندو بي صورت ۾ فنانشل واڪ ايس پي پي آر اي رولز تحت رد ڪيا ويندا ۽ سوئي رقم جي فوٽو ڪاپي اين آءِ ٽي جي فنانشل پروپوزل سان گڏ شامل هجي.
11. عام موڪل يا ڪنهن حادثي جي صورت ۾ واڪ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول سان اماڻيا/ کوليا ويندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ،
ڪراچي ڊويزن

INF-KRY.NO.3326/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

افغانين سميت سمورا پرڏيهي سنڌ ۽ ملڪ جي امن ۽ سلامتي لاءِ وڏو خطرو آهن:اياز پليجو

لوڪل گورنمينٽ جا ادارا ۽ نادرا رشوت وٺي ڪوڙا ڪاغذ ٺاهي تحفظ ڏئي رهيا آهن

غير قانوني افغانين ۽ ٻين پرڏيهين جي نيڪالي لاءِ سنڌ حڪومت جو رويو انتهائي سست آهي

سنڌ ۾ جرڳائي نظام ذريعي عورتن ۽ ڪمزور ماڻهن سان بدتر سلوڪ ڪيو وڃي ٿو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ ۾ افغانين سميت ڌارين جي آبادڪاري، پاڻي تي ڌاڙي، ڪرپشن، ڪارپوريٽ فارمنگ، ميرٽ جي لتاڙ ڪارو ڪاري ۽ بدامني لاقانونيت خلاف 23 آڪٽوبر تي ڳوٺ کيرو ۾ جلسي عام ڪيو ويندو جنهن جو مهمان خاص قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو هوندو. 25 آڪٽوبر تي سڄي سنڌ ۾ استاد، اديب، اڳواڻ فنڪار سنڌياڻي تحريڪ جي باني، مادر سنڌ جيجي زرينه بلوچ جي ويهين ورسي ملهائي ويندي. قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته غير قانوني افغانين سميت سمورا غير بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڊيارلي جي موقعي تي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيڪ ڏئي رهيو آهي

دادو پبلڪ هيلٿ آفيس ۾ ٺيڪيدارن جي ٻه گروپن ۾ جهيڙو

هڪ ارب پنجاهه ڪروڙ رپين جي ترقياتي اسڪيمن جي ٽينڊرن دوران هٿاپائي، پٿر ڊاهه

مشتعل ٺيڪيدارن جي حملي سبب انجنيئر ۽ عملي آفيس مان ڀڄي ويا، پوليس طلب

دادو ۽ نوشهروفيروز جي ٺيڪيدارن ۾ ٽڪراءُ ٽينڊر اين آءِ ٽي 3 نومبر تائين ملتوي

دادو(ڊ ر) پبلڪ هيلٿ آفيس دادو ۾ هڪ ارب پنجاهه ڪروڙ رپين جي ترقياتي اسڪيمن جي ٽينڊرن دوران ٺيڪيدارن جي ٻن گروپن ۾ جهيڙو ٿي پيو . ٺيڪيدارن جي هٿياربند ماڻهن هڪ ٻئي مٿان هٿيار تاڻي ڇڏيا . پبلڪ هيلٿ کاتي جي آفيس ۾ مشتعل ٺيڪيدارن طرفان پٿر ڊاهه ۽ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي ۾ ميلاد جي محفل منعقد

ڪمپيوٽر ڊپارٽمينٽ جي هيڊ هريش ڪمار سميت پروفيسرن، ليڪچررن، شاگردن ۽ شاگردياڻين جي شرڪت

پاڪ سڳورن ﷺ جن پنهنجي پاڪ زندگي انسانيت لاءِ ۽ دين اسلام جي پرچار ڪندي وقف ڪئي: پرنسپال

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي ڪمپيوٽر سائنس ڊپارٽمينٽ طرفان ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي آمد جي سلسلي ۾ ميلاد جي محفل ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز لاڙڪاڻو پروفيسر مبين احمد لانگاهه جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو رينج ۾ ايس ايڇ اوز جي مقرري لاءِ ورتل لکت واري امتحان جا نتيجا پڌرا

امتحان ۾ شريڪ ٿيل 105 انسپيڪٽرز ۽ سب انسپيڪٽرز مان 90 آفيسر ڪامياب

ضلعن ۾ ايس ايڇ اوز طور مقرر ٿيل 11 عملدارن سميت 15 اميدوارن کي فيل قرار ڏنو ويو

لاڙڪاڻو (رپورٽ منير سومرو) آءِ جي سنڌ پوليس جي هدايت تي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو پاران رينج ۾ ايس ايڇ اوز جي مقرري لاءِ ورتل لکت واري امتحان جا نتيجا جاري ڪيا ويا آهن جن جي تفصيلي فهرست هٿ ڪئي وئي آهي لسٽ موجب امتحان ۾ شريڪ ٿيل 105 انسپيڪٽرز ۽ سب انسپيڪٽرز مان 90 آفيسر ڪامياب جڏهن ته 15 آفيسر فيل قرار ڏنا ويا آهن فيل قرار بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ملير: گهارو واسي انيسه جوکيو پنهنجي مڙس نور حسن جوکيو خلاف احتجاج ڪندي

لوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي 41هين ورسي، جسقم پاران شهيدن کي ڀيٽا پيش

جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻن شهيد امان الله وسطڙو جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي

لوڙهي ڦاٽڪ وارو واقعو سنڌ امڙ جي ڪونڌرن جي قربانيءَ جي علامت آهي: اڳواڻ

افغانين کي عزت سان واپس موڪليو وڃي، سنڌ کي ٻاهرين لوڊ قبول ناهي

نوشهروفيروز(ڊ ر) لوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي 41 هين ورسي جي موقعي تي جسقم ضلع نوشهروفيروز طرفان جيئي سنڌ قومي محاذ جي مرڪزي سينئر وائيس چيئرمين امجد خان مهيسر ضلعي اڳواڻ فيصل مستوئي علي رضا خاصخيلي عزيز پنهوار هارون ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ مجر ۾ شهيد امان الله وسطڙو جي مزار تي حاضري ڀري قومي پرچم جي چادر چاڙهي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٺٽون آباد جو نوجوان مير حسن هارمونيم جي فن کي زنده رکڻ لاءِ 25 سالن کان جاکوڙي پيو

مون اهو هنر ان وقت جي مشهور هارمونيم ٺاهيندڙ پنهنجي ناني صدر الدين مڱڻهار کان سکيا ورتي: مير حسن

هڪ هارمونيم ٺاهڻ ۾ 20 کان 25 ڏينهن لڳن ٿا. هٿ سان ٺاهيل هارمونيم 25 هزار کان 50 هزار رپين تائين وڪامجن ٿا

حڪومت ۽ ثقافتي ادارن کي گهرجي ته مير حسن جهڙن فنڪارن لاءِ سهڪار، تربيت ۽ قرضن جا موقعا پيدا ڪن

ٺٽون آباد (ن ع) چاڪر نواز علي تعلقي جي ٺٽون آباد جهڙي ننڍڙي شهر مگر باصلاحيت بستيءَ ۾، جتي هر گهٽيءَ ۾ ڪا نه ڪا هٿ جي محنت سان جڙيل ڪهاڻي موجود آهي، اتي مير حسن نالي نوجوان گذريل پنجويهه سالن کان هارمونيم باجي ٺاهڻ جي فن سان وابسته آهي اهو فن هن لاءِ فقط روزگار نه پر جذبو آهي ۽ سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي.هو هڪ اهڙو فنڪار آهي، جيڪو ساز ٺاهيندو آهي پر ان جي هر سر ۾ پنهنجو ساهه وجهي ڇڏيندو آهي مير حسن عبرت اخبار کي انٽرويو ڏيندي چيو ته مون اهو هنر ان وقت جي سنڌ مشهور هارمونيم ٺاهيندڙ پنهنجي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: موسي ڪلياڻ جو رهواسي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي

بدين جي ميرواهه شاخ جي ري ماڊلنگ جو ڪم ڊسمبر ۾ شروع، سروي جو عمل جاري

ايس ڊي او افتخار احمد جوڻيجو جي نگراني ۾ ميرواهه شاخ جي سروي ۽ اسڪيم جي تعمير جي تياريون

ميرواهه جي پڇڙين کي مٺي ڪري واهه جي کاٽي ۽ صفائي سان زرعي زمينن کي وڌيڪ پاڻي ملندو

بدين (ڊ ر) بدين جي ساحلي پٽي جي لکين ايڪڙ زرعي زمينن کي سرسبز ۽ آباد ڪندڙ ميرواهه شاخ کي ايريگيشن کاتي جي ڊپارٽمينٽ جي ڪوشش سان ميرواهه تلهار جي ري ماڊلنگ جي سروي جو ڪم ميرواهه شاخ جي ايس ڊي او افتخار احمد جوڻيجو جي نگرانيءَ ۾ شروع ٿي رهيو آهي جنهن بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سردار علي گوهر مهر پاران مرحوم غلام سرور انڙ جي وڇوڙي تي تعزيت

غلام سرور انڙ جهڙا ڪردار هميشه سماج ۾ زنده رهندا آهن: سردار علي گوهر

ڪڏهن جي انڙ برادري سان پاڙيپي وارو رشتو سدائين قائم رهيو آهي

سکرنڊ (س ر) ايم اين اي سردار علي گوهر خان مهر چيو آهي ته ڪي ڪردار اهڙا هوندا آهن جيڪي دنيا ڇڏي وڃڻ ڪانپوءِ به نه صرف وارثن کي پر سماج کي به رهندي دائين ياد رهندا آهن اسين سمجهون ٿا ته مرحوم غلام سرور انڙ به انهن ڪردارن مان هو جيڪي امر ڪردار آهي هو پاڪستان بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بدامني ۾ اضافو، چاهي چور سرعام سرگرم، شهري خوفزده

ٻن ڏينهن ۾ وچ شهر مان ٻه موٽرسائيڪلون ڪاهي ويا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

چور منهنجي موٽرسائيڪل ڪاهي روزي جو ذريعو کسي ورتو آهي: شاهه زمان

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ بدامني وڌي وئي چاهي چور سرعام سرگرم، شهري خوفزده پوليس ڪاٺين تائين محدود ان سلسلي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته خيرپور شهر ۾ بدامني جا واقعا تيزي سان وڌي ويا آهن، چاهي چور سرعام ڦرڻ لڳا آهن جڏهن ته پوليس انتظاميه بي حسي جو شڪار نظر اچي رهي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ آءِ جي سنڌ پاران ايس ايس پي حيدرآباد ۽ ٽيم کي اعزاز سان نوازيو

نوجوان عدنان مگسي قتل ۽ ڪار لُٽ ڪيس ۾ بهادرانه ڪارروائي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام

سنڌ پوليس جي بهادري سڄي فورس لاءِ فخر جو باعث آهي: آءِ جي غلام نبي ميمڻ

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) آءِ جي پوليس سنڌ غلام نبي ميمڻ پاران ايس ايس پي حيدرآباد عديل حسين چانڊيو ۽ سندس ٽيم کي شاندار ڪارڪردگي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام ڏنا ويا.سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ 14 سالا اسڪول جي شاگردياڻي فرحانا مبينا طور اغوا، ڪيس داخل

گلزار ڪالوني مان هٿياربند مبينا طور گهر تي حملو ڪري شاگردياڻي کي کڻي ويا

پوليس پاران ڪيس جوابدار ڪريم بخش ڀير ۽ ٻين خلاف داخل، جاچ شروع

دادو(ڊ-ر) دادو شهر جي گلزار ڪالوني اي سيڪشن پوليس ٿاڻي جي حد مان اسڪول جي شاگردياڻي 14 سالا فرحانه ڌيءِ عبدالرزاق مبينه اغوا جي اين سي اي سيڪشن ٿاڻي تي جوابدار ڪريم بخش ڀير ۽ ٻين تي داخل ڪئي وئي آهي، ته هٿياربندن گهر تي حملو ڪري شاگردياڻي کي زبردستي اغوا ڪري ويا آهن. پوليس موجب جانچ ڪئي پئي وڃي

حيدرآباد: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر ويجهو پراسرار نموني گولي لڳڻ سبب نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر لڳ ڳوٺ رڊو ۾ نوجوان خادم حسين ڪليري پراسرار نموني گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي علاج لاءِ خانپورمهر جي تعلقي اسپتال آندو ويو جتان سندس حالت ڳڻي هجڻ ڪري کيس سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو.واقعي بابت ابتدائي طور گولي لڳڻ جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته علائقي ۾ مختلف چوپول آهن ته مبينا طور نوجوان پاڻ ماڻ فائر ڪري آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هوڏانهن خانپورمهر پوليس واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ مختلف پاسن کان جاچ جاري آهي

نوشهروفيروز جي عدالت چرس جي ڏوهه ۾ جوابدار کي 4 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت چرس رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار سجاد ڪلهوڙو کي 4 سال قيد ۽ 30 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار خلاف ٺاروشاهه ٿاڻي تي ڪرائيم نمبر 180 / 2024 نائن سي جو ڪيس داخل ٿيل هو جنهن عدالت اڄ فيصلو ٻڌايو آهي

خيرپور ۾ ناري جو اغوا ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي ڳوٺ لونگ لاڙڪ جي ناري صبا لاڙڪ خيرپور ۾ ميڊيا آڏو سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته جوابدار عبدالقادر اجمل ۽ ٻين ڪيس اغوا ڪيو بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند: نوجوان جو فائيل فوٽو

خيرپور پوليس ڪارروائي، منشيات هٿ، ٻه جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس قومي شاهراهه تي ڪارروائي ڪري ٻن منشيات سپلائيرن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري ورتو آهي ان سلسلي ۾ سي آءِ اي ۽ سندس ٽيم ڳجهي اطلاع تي آرمي موڙ نزد مستوئي چوڪ ڀيرلو وٽ ڪارروائي ڪري ٻن منشيات سپلائيرن حبيب الرحمان ڪوسو ۽ محمد رضوان پٺاڻ کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار ڪيل جوابدارن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ نشي آور سوپاريون ۽ هڪ مهراڻ ڪار هٿ ڪئي وئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي

پنوعاقل: مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان جا وارث پاران پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪندي

لکي غلام شاهه ۾ عورت جو بااثر پاران زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لکي غلام شاهه (ن ع) لکي غلام شاهه ويجهو چڪ جي رهواسي پيرسن عورت هدايت خاتون سيتار ۽ غفور سيتار ميڊيا آڏو دانهيندي چيو آهي ته باجن سيتار اهڙ جي فوتي مڙس جي نالي ٿيل زمين تي قبضو ڪري ڪوڙا ڪاتا ٺهرائي وڪرو ڪري رهيو آهي انهن الزام هنيو ته باجن سيتار هاڻي باقي بچيل زمين تي به قبضي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ ڪين ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي احتجاج ڪندڙن قبضي خور کي پڪڙڻ ۽ پاراتا ڏيڻ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5


سکر: ماڇيلي جو رهواسي بشير احمد حيدراڻي بااثر خلاف احتجاج ڪندي

ڪراچي ۾ ايڊيشنل آءِ جي پاران پوليس آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي پوليس آفيسرن جي بدلين ۽ مقررين جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي نوٽيفڪيشن تحت ڪن ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ڊي ايس پيز) کي مختلف اهم ذميواريون سونپيون ويون آهن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

الائينس چيئرمين ۽ ٻين اڳواڻن خلاف تنقيد ڪندڙ احساس محرومي جو شڪار آهن:اشرف بروڙي

تنقيد ڪندڙ حڪومت پاران جوڙيل ڪميٽي ۾ نالا شامل نه ٿيڻ سبب تنقيد ڪري رهيا آهن

ماڻهو حڪومتي وفد سان ڳالهين واري ڪاميٽي ۾ شامل ٿيڻ جا خواهشمند هئا، ۾ شامل نه ٿي سگهيا

پينشن ۾ 47 سيڪڙو ڪٽوتي واپس، بي آر اي 30 سيڪڙو ۽ پگهارن ۾ 70 سيڪڙو واڌ جو مطالبو مڃيو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سوشل ميڊيا تي سخت تنقيد ڪانپوءِ سنڌ ايمپلائيز اڳواڻ سرڪاري قيادت جي دفعا ۾ ٻاهر نڪري آيا.مخالف پروپيگنڊا رد،جدوجهد جاري رکڻ جو وچن. سنڌ ايمپلائيز الائينس جي سرڪاري اڳواڻ سوشل ميڊيا تي سخت تنقيد ڪانپوءِ سرڪاري قيادت جي دفعا ۾ ٻاهر نڪري آيا آهن ان سلسلي ۾ الائنس جي مرڪزي اڳواڻ اشرف بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پير مجيب الحق جو ڪوٽ ڏراڻي دورو، آغا سراج ڏراڻي جي لاڏاڻي تي وارثن سان تعزيت

آغا سراج ڏراڻي جي وڇوڙي جو خال ڪڏهن به نه ڀرجي سگهندو: پير مجيب الحق

مرحوم لاءِ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام جي دعا، پيپلز پارٽي اڳواڻن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت

راڏڻ (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع صدر ايم پي اي دادو بئريسٽر پيرمجيب الحق ميهڙ پهتو ۽ اتان ٻ پ اڳواڻن سان گڏجي ڪوٽ ڏراڻي پهچي پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سينئر سياستدان اڳوڻو سنڌ اسيمبلي اسپيڪر آغا سراج خان ڏراڻي جي وفات تي سندس وارثن سان تعزيت ڪري دعاءِ مغفرت ڪئي پيرمجيب الحق چيو ته آغا سراج خان ڏراڻي جي اچانڪ وڇوڙي جو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

18آڪٽوبر 2007 تي ٿيل ڪارساز واقعو انتهائي افسوسناڪ هو: مير الله بخش ٽالپر

150کان وڌيڪ جيالا ۽ جانثار شهيد ۽ 400 کان وڌيڪ جيالا سخت زخمي ٿي پيا هئا

18 آڪٽوبر اسان کي شهيدن ۽ شهيد راڻي جي دليري ۽ ڏنل قربانين جي ياد ڏياري ٿو

راڄوخاناڻي(ن ع) پيپلزپارٽي تعلقي ٽلهار مان چونڊيل ايم پي اي مير الله بخش خان ٽالپر عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن 18 آڪٽوبر 2007 تي ٿيل ڪارساز وارو واقعو هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو هو جنهن ۾ 150 کان وڌيڪ جيالا ۽ جانثار شهيد ۽ 400 کان وڌيڪ جيالا سخت زخمي ٿي پيا هئا ۽ ٻئي ڏينهن جمهوريت جي سرواڻ محترمه بينظير ڀٽو بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: اصغر ڪالوني واسي رند برادري جي نوجوان خلاف احتجاج ڪندي

ڊي سي گهوٽڪي جو ڊگري ڪاليج ڏهرڪي جو دورو، تعميري ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ هدايتون

منظور احمد ڪنراڻي طرفان تدريسي عمل، حاضري ۽ تعليمي ماحول جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

نياڻين جي تعليم کي مضبوط سماج جو بنياد قرار ڏيندي عورتن جي تعليم کي حڪومت جي ترجيح قرار

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ڏهرڪي پهچي تعميري ڪم جو جائزو ورتو جلد از جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ڏهرڪي پهچي جتي هن ڪاليج جي تعميري ڪم ۽ مختلف شعبن جو تفصيلي جائزو ورتو تدريسي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي ۾ انتظاميه جي غفلت سبب منافع خورن جا راڄ، سبزين ۽ فروٽن جا اگهه ٻيڻا

مارڪيٽ ڪاميٽي جي ڊيلرن ۽ فروشن جي گٽ جوڙ سان عوام ٻنهي هٿن سان ڦرجڻ لڳي

من پسند اگهه مقرر ٿيڻ سبب غريب طبقي لاءِ روزمره جي شين خريد ڪان ٻاهر

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ انتظاميه جي نااهلي سبب منافع خورن سبزي فروٽن ۽ روز مره جي شين جا ريٽ ٻيڻا ڪري ڇڏيا من پسند ريٽ مقرر ڪرڻ سبب غريب ماروئڙا سخت پريشاني جو شڪار اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو گم تفصيل موجب مارڪيٽ ڪاميٽي جي ڊيلرن ۽ سبزي فروشن جي گٽ جوڙ سبب ميرپور ماٿيلو ۾ سبزي فروشن ۽ دڪاندارن بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي جي شهيد صحافي طفيل رند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

ٻارهن ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي:وارث

سول سوسائٽي پاران گرفتاري نه ٿي ته احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلي جي شهيد صحافي طفيل رند جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي ميرپور ماٿيلو پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وارث انصاف جي اوسيڙي ۾ ويٺل گهوٽڪي ضلعي جي صحافين ۽ پوليس خاموشي جو روزو رکي ڇڏيو ساڄاهه ونڊن پاران شهيد صحافي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب ٻارهن ڏينهن اڳ بي دردي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ غوري محلي ۽ يار شاهه قبرستان ۾ گندو پاڻي داخل، احتجاج

قديمي قبرستان جون قبرون گندي پاڻي سبب مسمار ٿي رهيون آهن:مظاهرين

ڏهن سالن کان سرڪاري ڪاڏ ۽ واٽر ڪورس تي قبضو هئڻ سبب نيڪال نظام تباهه آهي

مورو (ن ع) مورو شهر جي وارڊ نمبر 17 غوري محلا اندر ۽ قديمي قبرستان يار شاهه ۾ گندو پاڻي داخل ٿيڻ نيڪال رستي بجلي جي سهولت نه ملڻ واري عمل خلاف رهواسين پاران احتجاج مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي شهباز غوري، اسلم ملڪ رفيق شيخ، عاشق سوهو نصرالله سولنگي علي گل چانڊيو قلندري ميمڻ ساجد ملڪ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. جتي هنن ميڊيا سان بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن پاران پريس ڪانفرنس ڪئي پئي وڃي

جيڪب آباد ۾ سارين جي اگهن ۾ واڌ لاءِ ايس ٽي پي جو احتجاجي جلوس، ڌرڻو

حڪومت جي گهٽ اگهن واري پاليسي زميندارن ۽ هارين جو معاشي قتل عام آهي:مظاهرين

فوري طور سارين جي اگهن ۾ واڌ ڪئي وڃي ته زميندارن ۽ هارين جا حق يقيني بڻجن

جيڪب آباد (ڊ ر) سارين جي اگهن ۾ هترادو واڌ ڪرڻ واري عمل خلاف جيڪب آباد ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ضلعي آفيس کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا ان موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻن عبدالمجيد سرڪي، نظام مستوئي عبدالنبي مگسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت سارين بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

چيلهار، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪانٽيو ۾ سيمينار، پاڪستان آرمي کي ڀيٽا پيش

تقريب ۾ پاڪستان آرمي جي آفيسرن، استادن ۽ شاگردن جي شرڪت، ٽيبلوز پيش ڪيا ويا

ينگ سوشل ريفارمرز پاران شجرڪاري مهم جو افتتاح، آرمي آفيسرن پوٽو لڳائي مهم جو آغاز ڪيو

چيلهار (ن ع) گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪانٽيو ۾ هيڊ ماسٽر حاجي نور محمد ڪنبر جي سرواڻيءَ ۾ پاڪستان آرمي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ شاگردن ۾ حب الوطني جو جذبو اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ شاندار تقريب "جذبه حب الوطني–سلام پاڪستان" سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان آرمي جي آفيسرن جي خصوصي شرڪت. تقريب دوران ينگ سوشل ريفارمرز بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران سول ججز جي تياري لاءِ علامتي امتحان جو انعقاد

نوجوان وڪيلن ۽ وڪيلائين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، امتحان آڊيٽوريم ۾ ورتو ويو

ٻه مهينا تياري ڪلاسز ڪانپوءِ عملي امتحان، آن لائين درخواستن ذريعي سليڪشن جاري

امتحان جو طرز چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي طرز مطابق رکيو ويو: جنرل سيڪريٽري اسرار چانڊيو

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ هاءِ ڪورٽ چيف جسٽس پاران عدالتن ۾ سول ججز ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي نوڪرين جي اشتهار بعد سنڌ جي مختلف ضلعن جي نوجوان وڪيلن پاران درخواستن جمع ٿيڻ بعد عارضي تياري جي حوالي سان حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي مئنيجمينٽ ڪميٽي پاران سول ججز جي علامتي تياري لاءِ هڪ پيپر تيار ڪري بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: عورتون ايف اي ايم آر آرٽ گيلري ۾ فرح محمود جي نمائش ڏسي رهيون آهن

هنگورجا ۾ عوامي شاعر استاد بخاري جي 33هين ورسي جو شاندار پروگرام

پريس ڪلب، سنڌ ڪلچرل ايسوسيئيشن ۽ ساهتي ويلفيئر جي گڏيل ميزباني هيٺ تقريب منعقد

شاعرن، اديبن، صحافين ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، استاد بخاري جي شاعري کي خراج عقيدت پيش

خيرپور(ڊ ر) هنگورجا ۾ پريس ڪلب، سنڌ ڪلچرل ايسوسيئيشن ۽ ساهتي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي گڏيل ميزباني هيٺ سنڌ جي پلوڙ عوامي شاعر استاد بخاري جي 33هين ورسي جو شاندار پروگرام منعقد ٿيو. ورسي تقريب جي صدارت سنڌ جي قومي شاعر لالڻ چنو ڪئي خاص مهمانن ۾ صحافي اتحاد خيرپور جي سرواڻ غلام حسين چانگ،ساهتي ويلفيئر ايسوسيئيشن بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي نئين پرنسپال کي پيراميڊيڪل يونين پاران ڀليڪار

پيراميڊيڪل يونين جي اڳواڻن ڊاڪٽر جاويد ڦلپوٽو کي گلن جا هار پارائي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

مريضن جي خدمت ۾ پيراميڊيڪل اسٽاف جو اهم ڪردار آهي: ڊاڪٽر جاويد ڦلپوٽو

خيرپور(ڊ ر) پيراميڊيڪل جي يونين سول اسپتال خيرپور جي صدر عبدالقيوم سولنگي ،جنرل سيڪريٽري علي حسين ڪتوهر، مرڪزي اڳواڻن رياض لاشاري ،صداقت سولنگي ،عمران پٽي ، جليل ڪتوهر ،اعجاز ميتلو ،سميت ٻين خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي نئين پرنسپل ڊاڪٽر جاويد ڦلپوٽو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪري گلن جا هار پارائي ڪيس اهم بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ نيشنل ڊيٽا فيسٽ 2025 جي سلسلي ۾ سيمينار منعقد

پاليسين، معيشت، تعليم ۽ صحت سميت هر شعبي لاءِ صحيح ڊيٽا جي اهميت لازمي آهي: ڊاڪٽر يوسف خشڪ

پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جو عزم آهي ته صحيح ۽ قابل اعتماد ڊيٽا فراهم ڪري ته جيئن بهتر فيصلا ٿي سگهن: علي ڏنو مهر

اسان ننڍن شهرن سميت سڀني علائقن لاءِ ڊيٽا فراهم ڪنداسين ۽ گڏوگڏ هن ڊيٽا ڪٺ ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وسيلن جي ضرورت آهي: منور علي گانگهرو

خيرپور(ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور پاران نيشنل ڊيٽا فيسٽ 2025 جي سلسلي ۾ آگاهي بابت هڪ اهم سيمينار ٿي گذريو جنهن جو مقصد ڊيٽا تي ٻڌل ترقي جي ثقافت کي هٿي ڏيڻ آهي تقريب جي صدارت وائيس چانسلر ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ ڪئي جنهن ۾ يونيورسٽي جي استادن محققن ۽ پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي آفيسرن شرڪت ڪري ڊيٽا جي اهميت تي پڻ روشني وڌي.ان موقعي تي ڊاڪٽر يوسف خشڪ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اڄ جو سيمينار جديد دور جي سڀ کان وڏي ضرورت ڊيٽا، تحقيق ۽ دليل تي ٻڌل بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: مستحق شاگردن ۾ بيگ، ڪاپيون، پينون ۽ پاڻي جون بوتلون ورهايون پيون وڃن

بادهه پرسان جماعت اصلاح المسلمين اڳواڻ فقير علي طاهري جو وڏو ڀاءُ محمد عاقل ٻگهيو وفات ڪري ويو

بادهه (ن ع) بادهه پرسان ڳوٺ گهانگهرڪو جي رهواسي ۽ جماعت اصلاح المسلمين جي رڪن فقير علي خان ٻگهيو طاهري جو وڏو ڀاءُ محمد عاقل ٻگهيو دل جو دورو پوڻ سبب 40 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ڳوٺ گهانگهرڪو ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن خليفه مولانا نعيم نور شاهاڻي، خليفه معشوق علي جوکيو فقير عبدالغفار ٻگهيو نور احمد هيسباڻي، نياز حسين ٻگهيو نياز حسين راڄپر نصير احمد ٻگهيو حافظ عبدالقدير جوڻيجو ۽ وڏيرو شير محمد بروهي سميت ٻگهيو برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فقير علي خان ٻگهيو طاهري سميت پونئيرن سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي

ٿرڙي محبت: هڪ ناري بيحال اسپتال ۾ موجود آهي

ٽنڊوآدم ۾ نامعلوم شاهينگ عورت کان سونا زيور ۽ ڏيڍ لک روڪ ڦري ويا، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي چانهيا پاڙي ۾ ڪار ۾ سوار 3 نامعلوم شاهينگ شبلا زال عبدالمعين کان اڌ اکري ڪري ڏيڍ تولي جا سونا زيور ۽ ڏيڍ لک رپيه روڪ ڦري فرار ٿي ويا اهڙي شڪايت عورت سٽي ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي ته ڪار ۾ سوار ٽن شاهينگن سون کان ڦيٽا رکندڙ ڪنهن بابي جي باري ۾ پڇيو ايتري دير ۾ سون کي الائي ڇا سونگهايو ۽ سون بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڏيٺي پرسان ڪرنٽ لڳڻ سبب 40 ورهين جو همراهه فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوباگو(ن ع) ڏيٺي پرسان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ڳوٺ سڄل ملاح ۾ 40 ورهين جو خميسو ملاح فوت، لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو خبر موجب ڏيٺي پرسان ڳوٺ سڄل ملاح ۾ 40 سالن جي شادي شده ڳوٺ ۾ بجلي جي ٽرانسفارمر مان بجلي جي تار لڙڪيل رهيو هو ته اوچتو بجلي اچڻ سبب کيس بجلي جو ڪرنٽ لڳي ويو بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ ڪري خميسو ملاح لائيٽ جي پول تان هيٺ ڪري زخمي ٿي پيو زخمي خميسو ملاح کي وارثن پاران تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو نيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي، جنهن بعد وارث فوتي جو لاش گهر کڻي ويا ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ڏڙو ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

ڏڙو (ن ع) ڏڙو اڻڄاتل هٿيارٻند ماڻهن جي فائرنگ ۾ نوجوان حبيب سري سخت زخمي ٿي پيو واقعي بعد زخمي کي فوري طور ڏڙو اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي نوجوان جو تعلق ڳوٺ 12 نصرت، ڏڙو سان ٻڌايو وڃي ٿو جڏهن ته حملا ڪندڙ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

نوابشاهه: رٽائرڊ پٽي والي جو غيرقانوني پرتين خلاف احتجاج ڪندي

35هين نيشنل گيمز لاءِ سنڌ ريسلنگ ٽيم جا ٽرائلز سياڻي کان ٽنڊوڄام ۾ شروع ٿيندا

ٽنڊوڄام(ڊ ر) 35هين نيشنل گيمز لاءِ سنڌ ريسلنگ ٽيم جا ٽرائلز 19 آڪٽوبر تي ٽنڊوڄام ۾ ورتا ويندا خبر موجب 35هين نيشنل گيمز ۾ شرڪت لاءِ سنڌ ريسلنگ ٽيم جا ٽرائلز 19 آڪٽوبر تي زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ ورتا ويندا. انهي حوالي سان سيڪريٽري سنڌ ريسلنگ ايسوسيئيشن انوار خانزادي پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته 6 ڊسمبر کان ڪراچي ۾ ٿيندڙ 35هين نيشنل گيمز ۾ شرڪت لاءِ سنڌ ريسلنگ جي ٽيم لاءِ ٽرائلز 19 آڪٽوبر تي ٽنڊوڄام ۾ ورتا ويندا. جنهن ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، شهيد بينظيرآباد، سکر لاڙڪاڻو ڊويزن جا ريسلر شرڪت ڪندا هن چيو ته ٽرائلز ۾ سنڌ ريسلنگ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

دادو: عدالت پاران عمر قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌايل جوابدار

دادو عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد ۽ 20 لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

دادو(رپورٽ-ولي محمد لنڊ) فورٿ ايڊيشنل سيشن جج طارق علي سانگرو جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار نياز احمد ولد گل محمد ڪوکر کي عمر قيد ۽ 20 لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي ساڳئي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ 13 افغاني شاگرد ميڊيڪل جي تعليم حاصل ڪن پيا: انتظاميا

10 افغاني شاگرد افغانستان جا مڪمل شهري آهن ۽ 3 شاگرد پناهگير آهن: لسٽ جاري

افغاني شاگرد هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي مڪمل فنڊنگ اسڪالرشپ تي تعليم حاصل ڪن پيا: ذريعا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ 13 افغاني شاگرد ميڊيڪل جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو جي انتظاميه طرفان جاري ڪيل فهرست موجب چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ افغاني شهريت رکندڙ 13 شاگرد ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪري رهيا آهن جن مان 10 افغاني شاگرد افغانستان جا بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٺل ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سارين جو صحيح اگهه نه ملڻ ۽ بدامني خلاف احتجاج

ايس ٽي پي پاران حڪومت تي آبادگارن جو معاشي قتل عام خلاف ريلي ڪڍي وئي

مهانگائي، بدامني ۽ گهٽ فصل اگهن سبب واپارين ۽ آبادگارن کي لکين جو نقصان پهچ

ٺل(ن ع)ٺل ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سارين جو صحيح ريٽ نه ملڻ ۽ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ضلع جنرل سيڪريٽري عبدالغفور بروڙو، تعلقه صدر ڪامريڊ محمد بخش بروهي، ڪامريڊ محمد رحيم نوناري،عبدالوهاب بنگلاڻي،ظفر سنڌي،جاويد ساگر بروهي ۽ ٻين اڳواڻي ۾ ڪارڪنن هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ايس ٽي پي هائوس کان احتجاج ڪندا شهر جي مختلف هنڌن کان نعريبازي ڪندا رهبر چوڪ تي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مورو پرسان روهڙي ڪينال مان ٻه ڏينهن اڳ ٽپو ڏيندڙ شخص جو لاش هٿ

دماغي توازن درست نه هجڻ سبب نوجوان علي خان جمالي ٽپو ڏئي خودڪشي ڪئي هئي

ريسڪيو ٽيم پاران ڳوٺ ملڪن ويجهو لاش هٿ لڳڻ بعد اسپتال منتقل ڪيو ويو

مورو (ن ع) سونهري فارم رهواسي ڳوٺ پرسان وهندڙ روهڙي ڪينال جي يوسف ڏاهري موري وٽان 2 ڏينهن اڳ واهه ۾ ٽپو ڏئي خود ڪشي ڪندڙ شخص علي خان جمالي جنهن جو دماغي توازن درست نه هجڻ جو ٻڌايو ويو هو ان جو لاش روهڙي ڪينال جي ڳوٺ ملڪن ويجهو ريسڪيو ٽيم جي مدد سان هٿ اچي ويو جنهن بعد جي پوليس ٿاڻو قمرالدين چانڊيو لاش بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

بن قاسم: مڙس ۽ ساهرن جي خلاف احتجاج ڪندڙ ناري، ٻئي طرف داخل ڪيل ايف آءِ آر

ٽنڊو محمد خان ۾ ترقي پسند پارٽي جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مارچ، ڌرڻو

نثار کيريو، ڊاڪٽر احمد نوناري ۽ اقبال حاجاڻو جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويو

بااثر وڏيري ۽ پوليس تي واقعي ۾ ملوث هجڻ جا الزام، ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ تي شديد احتجاج

جيستائين جوابدار گرفتار نه ٿيا ۽ انصاف نه مليو ته مرحليوار احتجاج، هڙتال ۽ روڊ بلاڪ ڪيا ويندا:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ ترقي پسند پارٽي جي طرفان تعلقي اڳواڻ محمد بچل سليو تي قاتلاڻو حملي زخمي ڪرڻ جي واقعي خلاف احتجاجي جلوس، پيادل مارچ ، ايس ايس پي آفيس جي مين گيٽ آڏو ڌرڻو ، نعريبازي خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ترقي پسند پارٽي جي سوين ڪارڪنن مرڪزي وائيس چيئرمين نثار کيريو ، مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناري ، ضلعي صدر اقبال حاجاڻو ، سارنگ شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ترقي پسند پارٽي جي تعلقي اڳواڻ بچل سليو تي بااثر وڏيري جي ويگو گاڏي ذريعي ٽڪر هڻي پنهنجي خانگي ۽ سرڪاري پوليس اهلڪار گارڊن بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٺٽو ۾ جسقم شهيد بشير خان جي ڪارڪنن جو شهيد مالڪ خشڪ جي مزار تي حاضري

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، عبدالحنان عباسي ۽ ضلعي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ قافلو پهتو

شهيدن جي ياد ۽ عقيدت جا گل نڇاور، شهيدن جي قربانين کي سلام پيش ڪيو ويو

ٺٽو(ڊ ر) جسقم شهيد بشير خان پاران مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، مرڪزي چيف آرگنائيزر پنهل ساريو جسقم مرڪزي اڳواڻ عبدالحنان عباسي ضلعي اڳواڻ لياقت ملاح، حيدرآباد ضلعي جي چيف آرگنائيزر بابر جان خشڪ ٺٽي ضلعي جي چيف آرگنائيزر حاجي خان جلالاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ ٺوڙي ڦاٽڪ جي شهيد مالڪ خشڪ جي مزار پير پٺو تي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

بدين جي شاهي بازار جو فرش ٺهرائڻ، واپارين پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم شروع ڪري ڇڏيو

واپارين پاران چندي ذريعي ٽڪرن ٽڪرن ۾ فرش ۽ نالي جي تعمير جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو

واپارين جو ايم اين اي، ايم پي اي ۽ ڊي سي بدين کان فرش ۽ نالي جي فوري مرمت جو مطالبو

بدين (ڊ ر) بدين شهر جي شاهي بازار جي فرش جي مرمت نه ٿي واپارين پنهنجي مدد پاڻ تحت فرش ٺهرائڻ شروع ڪري ڇڏيو تفصيل موجب شاهي بازار بدين جي فرش ۽ نالين جي خراب حالت هجڻ ۽ انتظاميه جي طرفان مرمت نه ڪرائڻ ڪان پوءِ شاهي بازار جي واپارين چندو ڪري ٽڪرن ٽڪرن ۾ فرش جي تعمير جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ واپارين صحافين کي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌياڻي تحريڪ پاران ڪاروڪاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد لڳ 22 سالن جي نوجوان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ نواب محمد ٽالپر ۾ پيءُ پاران ڏاڪا ڏيڻ تي ٽيرت ڪولهي انتهائي قدم کنيو

پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد لڳ پيءُ پاران ڏاڪا ڏيڻ تي 22 سالا نوجوان پٽ ميٻياڻ انب جي وڻ سان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي ڳوٺ نواب محمد حسين ٽالپر ۾ پيءُ پاران ڏاڪا ڏيڻ تي 22 سالا نوجوان پٽ ٽيرت ولد شگن ڪولهي باغ ۾ وڃي انب جي وڻ سان ميٻياڻ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع ملڻ تي ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مورو پرسان معصوم نينگر سان زيادتي جي ڪوشش

چار جوابدارن پاران ٻڪريون چاريندڙ نينگر غلام مصطفيٰ ڪاريو سان زيادتي ڪوشش ڪئي وئي

پٽ کي ڳولڻ نڪتس ته هو بيهوش حالت ۾ مليو، اسپتال کاٽي ڪيس: امڙ

مورو(ن ع) مورو پرسان ڪارين جي ڳوٺ ۾ چار چڻن جي معصوم نينگر سان زيادتي جي ڪوشش سندس امڙ معصوم کي تعلقه اسپتال مورو کاٽائي آهي جتي هن روئندي ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجو مڙس ڪراچي ۾ ڊيوٽي ڪندو آهي منهنجو معصوم پٽ غلام مصطفيٰ ڪاريو ٻڪريون چارڻ ويو ته مٿيم ڪاريو محراب ڪاريو مجيب ڪاريو اعظم ڪاريو منهنجي معصوم سان زيادتي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

بادهه جي قديمي قبرستان کي چارديواري ڏيارڻ لاءِ احتجاج جاري، مظاهرو

پير تقي شاهه محلي جي رهواسين پاران رائيس قبرستان اڳيان احتجاج ڪيو

قبرستان جي چارديواري نه هئڻ ڪري رولو ڪتا ۽ گڏهه قبرن جي بي حرمتي ڪن ٿا: اڳواڻ

بادهه (ن ع) بادهه جي قديمي ۽ تاريخي پير تقي شاهه جيلاڻي واري قبرستان کي چارديواري ڏيارڻ لاءِ گذريل ڏيڍ مهيني کان جاري احتجاجي سلسلي کي برقرار رکندي تقي شاهه محلي جي رهواسين پاران رائيس قبرستان اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن ۾ لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن صدر ۽ بادهه جائي اطهر عباس سولنگي خصوصي شرڪت ڪئي ان بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٻ پ ۽ ن ليگ کي گڏجي هلڻو آهي نه ته حڪومت هلي نه سگهندي: مرتضيٰ جتوئي

منهنجي خلاف داخل ڪيل ڪيسن ۾ ڪا به شيءِ ناهي ۽ ڪوڙا ڪيس بيهي نه ٿا سگهن

اسان چار ضلعا ٽپي لاڙڪاڻي اچون ٿا، پر جاچ آفيسر ڏوڪري مان هتي نه ٿو اچي سگهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ نيشنل پيپلز پارٽي جي سربراهه غلام مرتضيٰ جتوئي ڏوڪري ۽ بادهه ٿاڻن تي داخل ڪيسن جي سلسلي ۾ فرسٽ ايڊيشنل اينڊ سيشن جج جي عدالت بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٻارن جي تحفظ لاءِ شاندار خدمتن تي دادو پوليس کي شيلڊ آف آنر سان نوازيو ويو

ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي کي گم ٿيل ٻارن جي بازيابي تي اعزاز مليو

ميهڙ(رپورٽ: نعمت الله مهيسر) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي قيادت ۾ دادو پوليس کي هڪ وڏو اعزاز حاصل ٻارن جي تحفظ لاءِ بهترين ڪم ڪرڻ تي ضلع دادو پوليس کي "ايوارڊ" ۽ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

بادهه: تقي شاهه جا رهواسي قبرستان کي چوديواري ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪندي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.